

# فقير شائق سائين

# جو رسالو

(ڪلام صوفي فقير شائق سائين عمراڻي)

Gul Hayat Institute

سهيڙيندڙ

فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو

شهنشاهہ شهباز مونکي شوق مان "شائق" سڏيو

# فقير شائق سائين جو رسالو

ڪلام صوفي فقير شائق سائين عمراڻي
تعلقوءِ ضلعو جيڪب آباد

سهيڙيندڙ

خادم الفقراءُ

فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو

ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي

Gul Hayat Institute

كتاب جو نالو: فقير شائق سائين جو رسالو
كلام صوفي فقير شائق سائين عمراڻي
تعلقو ۽ ضلعو جيڪب آباد
سهيڙيندڙ: فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو
تعداد: 1000
ڇاپو پهريون: جولاءِ 2010
ڪمپوزر: مهراڻ ڪمپيوٽرز ۽ پرنٽرز
پراڻو بس اسٽاپ ميرپور ماٿيلو فون: 0723650120
ڇپيندڙ: پيس ڪمپوزرس ڪراچي
0300_7058872
هديو: 150 رپيا

## ملڻ جا هنڌ

درگاهه عاليه

- صوفي فقير علي انور شاهه
جهانپورشريف، گهوٽڪي سنڌ

درگاهه عاليه

- فقير شائق سائين عمراڻي
جيڪب آباد

Gul Hayat Institute

- سيد بڪ لينڊ جيڪب آباد
فون نمبر: 0722653924

- هائوس آف ناولٽي ميرپور ماٿيلو
فون نمبر: 0723651182,651694



فقير شائق سائين عمراڻي

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

فقير سيد قلندر علي شاهہ ڪڇي ڏٽي (بلوچستان)
فقير سيد صاحبڏنہ شاهہ جا مرشد


Gul Hayat Institute

فقير سيد صاحبڏنہ شاھ (وسطي عنايت شاھ)
فقير سيد علي انور شاھ جا مرشد



فقير سيد علي انور شاھ (جھانپور شريف)
فقير شائق سائين جا مرشد

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

فقير سيد حضور بخش شاھ (حضور سائين)

فرزند (اول) فقير سيد علي انور شاھ

سجاده نشين (اول) درگاھ جھانپور شريف



Gul Hayat Institute

فقير سيد سخاوت علي شاھ (سخاوت بخاري)
فرزند فقير سيد علي انور شاھ "ثاني" (نالي وڏو سائين)
موجوده سجاده نشين (دوم) درگاھ جهانپور شريف



Gul Hayat Institute

فقير سيد خدا بخش شاھ (ملنگ سائين)
فرزند (دوم) فقير سيد علي انور شاھ



Gul Hayat Institute

فقير سيد علي انور شاهه "ثاني" (نالي وڏو سائين)

فرزند (اول) فقير سيد حضور بخش شاهه



فقير سيد صحبت علي شاھ (صحبت سرڪار)

فرزند (دوم) فقير سيد حضور بخش شاھ



فقير سيد منور علي شاھ

فرزند (سوم) فقير سيد حضور بخش شاھ

Gul Hayat Institute



فقير سيد تصور علي شاھ

فرزند (چھارم) فقير سيد حضور بخش شاھ

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

فقير فيضل سائين عمراڻي

فرزند فقير شائق سائين

سجاده نشين (اول) درگاهہ فقير شائق سائين


Gul Hayat Institute

فقير امداد علي عمراڻي
فرزند فقير فيضل سائين
موجوده سجاده نشين (دوم) درگاهه فقير شائق سائين



# فقير شائق سائين

# جو رسالو

(ڪلام صوفي فقير شائق سائين عمراڻي)

سهيڙيندڙ

فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو

Gul Hayat Institute

شهنشاهہ شهباز مونکي شوق مان "شائق" سڏيو

# فقير "شائق" سائين جو رسالو

## ڪلام صوفي فقير شائق سائين عمراڻي

(ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي تعلقو ۽ ضلعو جيڪب آباد)

Gul Hayat Institute

سهيڙيندڙ

خادم الفقراءُ

فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو

ميرپور ماٿيلو ضلعو گهوٽڪي

كتاب: فقير "شائق" سائين جو رسالو

سهيڙيندڙ: فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو

ڇاپو پهريون : جولاءِ 2010

تعداد: 1000

هديو: 150 رپيا

ڪمپوزر: مهراڻ ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز پراڻو بس اسٽاپ

ميرپور ماٿيلو فون نمبر: 0723_650120

پرنٽر: پيس ڪمپوزرس ڪراچي 0300_7058872

ملڻ جا هنڌ

درگاهه عاليه صوفي فقير علي انور شاهه

جهانپورشريف گهوٽڪي سنڌ

درگاهه عاليه فقير "شائق" سائين عمراڻي جيڪب آباد

سيد بڪ لينڊ جيڪب آباد 0722_653924

هائوس آف ناولٽي ميرپور ماٿيلو 0723_651182, 651694


Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

جيئن تہ فقير سيد سائين ستار ڏنہ شاھ درگاھ جھانپور شريف تعلقہ و ضلع گھوٽڪي جن جو ڪلام " **ديوانِ ستار**" مارچ 2001ع ۾ ڇپرايو سون انھيءَ ڪان پوءِ سيد فقير ڪوثر علي شاھ درگاھ جھانپور شريف ، فقير امداد حسين عمراڻي سجاده نشين درگاھ فقير شائق سائين عمراڻي ۽ فقراءَ اسرار ڪيو تہ صوفي فقير شائق سائين عمراڻي جن جو ڪلام سھيڙي ڇپرايو وڃي. ھن اھم ڪم جي ذميواري مون ناچيز تي سونپي وئي.

جيئن تہ فقير شائق سائين جن جو ڪلام قلمي نسخن جي صورت ۾ فقراءَ وٽ موجود ھيو. انھن قلمي نسخن کي پاڻ ۾ ڀيٽيو ويو ان کان علاوه ڪجھ ڪلام قلمي نسخن ۾ موجود نہ ھيا ۽ اھي مختلف فقراءَ کان مليا جيڪي پڻ ھن رسالي ۾ شامل ڪيا ويا آھن.

فقير شائق سائين جي ڪلام کي سھيڙڻ ۾ فقير نورمحمد سومرو ڳوٺ ڏنو ماڪو، تعلقہ ميرپور ماٿيلو، ضلع گھوٽڪي جن خلوص دلي سان مدد ڪئي.

جيئن تہ منھنجي لاءِ اھڙي فقير ھستي جي ڪلام کي ترتيب ڏيڻ ھڪ مشڪل ڪم ھيو پر پوءِ بہ مالڪ جي مھرباني سان ھن ڪم جو مقصد حاصل ٿي ويو ھينئر فقير شائق سائين عمراڻي جن جو **"رسالو فقير شائق سائين"** اوھان جي ھٿن ۾ آھي.

خادم الفقراءَ

فقير ڪريم بخش ڪلھوڙو

Gul Hayat Institute

# ٻه اکر

هي سارو چرچو ڪُن جي آواز جي ڪماليت آهي. نشانيون ۽ ثابتيون سُخن ۽ ساز سان آباد آهن. تنوار توحيد جي تند آهي. وڇوڙو ميلاپ جي ڪڙي آهي. ديدار دردن جو ديرو آهي. خاموشي هڪ ڪليل ڪتاب آهي. رياضت رهبر جي رضامندي ۽ نوازش آهي.

هي ٻول ۽ سُخن عشق جي آڙاهه جي تخليق آهن ازل کان نت نت نوان سُخن نوان نوان نواڻ ۽ جلوه گري جي جوت جاڳائڻ ۽ ماهه روءِ مشعل ٿيڻ انهي سڀ جو محور هڪ آهي.

جئين ته رياضت رهبر جي رضامندي مٿي چئي آيا آهيون. اهو سڀ ڪرم مالڪ جو آهي. تنهن ۾ ڪنهن دوست فقير صرف اهو پڇيو هجي ته شائق سائين جو رسالو ڇپيو آهي يا نه؟ اها به انهي دوست جي رهبري ۽ هوشياري ۾ ڳڻجي ٿي. انهي رسالي جي ڪم لاءِ منهنجي تمام گهڻي روحاني مدد سائين فقير سيد عبادت علي شاهه ڪئي ۽ ڪلام جي جوڙ جڪ ۾ فقير علڻ سائين بنگوار گهڻي مدد ڪئي. اڄ تاريخ 16 جون 2010 جو آءٌ سنهري ڏينهن محسوس ڪيان ٿو جو هن رسالي جو مڪمل پرنٽ (ٻڙ) ڇاپي لاءِ تيار ٿي چڪو آهي ۽ انهي رسالي جي سي ڊي ٻڌجي چڪي آهي انشاءَ الله تمام ٿوري وقت اندر (هڪ يا ڏيڍ مهينو) تائين هي شائق سائين جو رسالو جامو پائي هر هڪ در وندن جي دل تي ديرو لائيندو.

آءٌ انهي ڪم ۾ ڪل فقراءَ خاص طور تي فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو ، فقير نور محمد سومرو ۽ وڏ ۾ وڏ امداد علي سائين جو ٿورائتو آهيان جو سنهين سنهين ڇهنبن وارين ڇماڻن سان هن ڪم ڪي مڪمل ڪرايو. هي چند اکر فقير سيد عبادت علي شاهه سائين جي حڪم جي پيروي ڪندي لکي رهيو آهيان. اها به نوازش.

طالب ڪو ڪيا خبر هي اڪ ديد اڪ نظر هي،
ساقي ڪا منتظر هي مخمور يا قلندر.

16/6/2010
خادم
فقير غلام حسين صاحب

## نوٽ:

هن رسالي جا سڀ حق ۽ واسطا فقير امداد حسين عمراڻي سجاده نشين درگاهه فقير شائق سائين عمراڻي جن وٽ محفوظ آهن.

| | | |
|---|---|---|
| سرپرست اعليٰ | : | فقير امداد حسين عمراڻي |
| | | سجاده نشين درگاهه فقير شائق سائين عمراڻي |
| ترتيب | : | فقير ڪريم بخش ڪلهوڙو |
| سهيڙيندڙ | : | فقير نور محمد سومرو |
| تعاون | : | فقير غلام حسين ملهڻ صاحب |
| | | فقير سيد عبدالفتاح شاهه بخاري |
| | | فقير غوث بخش ملهڻ صاحب |
| | | فقير علي مراد مهر صاحب |
| | | فقير غلام رسول بلوچ صاحب |
| | | فقير ميرحسن خان لغاري |
| | | فقير نياز احمد عباسي |
| | | فقير رفيق احمد خان لغاري |
| | | فقير نازڪ حسين ڪلهوڙو صاحب |
| | | نظر محمد خان عمراڻي وڪيل |
| | | محمد ظاهر خان عمراڻي |
| | | راجا خان عمراڻي |
| | | منصور علي خان بگٽي |
| | | ۽ |
| | | طالب فقراءُ |

Gul Hayat Institute

# فهرست

| صفحہ نمبر | تفصيل | نمبر شمار |
|---|---|---|

## سوانح حيات



| | | |
|---|---|---|
| 1 | اسم مبارڪ | .1 |
| 2 | تعليم | .2 |
| 2 | دست بيعت | .3 |
| 3 | حسبي شجرو | .4 |



## سنڌي ڪلام



| | | |
|---|---|---|
| 16 | اسان جي عشق جو مظهر، محمّد مصطفيٰ مولا،<br>حبيبِ يا خدا انور عليؑ مرتضيٰ مولا. | .1 |
| 17 | اسان جي حال جا محرم اسان وٽ اچ ڏسڻ آيا<br>سٺي سانگا سوين سيها پرين پيارا پڇڻ آيا. | .2 |
| 18 | يار آيو دلدار آيو، ساڳي صورت جو سردار آيو. | .3 |
| 19 | پرين، پيرن ويلھ پرور آندو آ، الله اميد پڄائي آ،<br>وه جي رمزن راند رچائي آ. | .4 |
| 21 | آهي حسن هادي جو حج حضور، پسڻ پرين جي آ صورت ثوابي. | .5 |
| 22 | اچي رس هاشمي حسني، جنابِ غوث گيلاني،<br>وصي وارث حقي هادي، محيّ الدين مرد ميراني. | .6 |





Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| 55 | عشق عجب آ يحرڪ بازي، رندن ريءَ پروڙي ڪير. | .39 |
| 56 | رڳ رڳ عشق اناالحق ٻولي، هڪ وحدت سان واپار لڳم. | .40 |
| 57 | عشق جا ڄاڻي دين ايمان، ڪفر قدسي ڪهي ڪلام. | .41 |
| 58 | اصل کان عشق وارن تي، حسن حملو ڪرائيندو آ،<br>تجمل تاب تجلي جي، جسم ساڪن جلائيندو آ. | .42 |
| 59 | ڏس بره جي ٻلائي، ڪوئان ڏيئي کهائي،<br>سرعاشقن جو اڪبري، ڪنها ڪنيو ڪنوائي. | .43 |
| 60 | جنهن ڏينهن لاتم نينهن، اهو وار ياد ٿي،<br>هن حال واري خيال جو، ڪجهه يار ياد ٿي. | .44 |
| 61 | جاڪون نينهن لايم، ڳل ڳيڙ پايم، سرتيون سورن ۾ عمر وڃايم. | .45 |
| 63 | خاص خواريون خلق جون، اهي نينهن نشانيون مڪيون،<br>بار ڀريون بيحد بديون، عشق احسانيون مڪيون. | .46 |
| 64 | ڳلي ڳلي ۾ ويار پيارا، تنهنجي عشق نچايو. | .47 |
| 65 | تنهنجي بره ڪيو بيوس مٺا، تنهنجي نينهن ڪيو نا وس مٺا. | .48 |
| 67 | ناچو ڪر ڪي نينهن نچايو، بره گهمايم ڳلي ڳلي. | .49 |
| 68 | تنهنجي نينهن ڪيو آهي نانگو نسنگ،<br>تنهنجي محبت ڪيو آهي مست ملنگ. | .50 |
| 69 | تنهنجي نينهن سندا ناز، ڇم عوشاقن سرتي ڇايا. | .51 |
| 70 | سر خنجر جي ڌار ۾، ڏس عاشقن جي آهي عيد،<br>بره جي بازار ۾، ڇئي انا الحق ٿي پيا شهيد. | .52 |
| 71 | جاڪون نينهڙو مون لايو، تاڪون سمايو سور،<br>ڪونهي ڪو محرم حال منهنجي جو، معلوم ڪيان مذڪور. | .53 |
| 72 | بيخود بره جي باب جا هون، اسان نانگا نينهن نواب جا هون. | .54 |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| .104 | عاشق گم ٿي الله ۾، اهي گاروڙي مخرقون. | 132 |
| .105 | شائق ڪيو حيران،شائق بنا منهنجي ڪان سري ٿي. | 133 |
| .106 | ايٺ عاشق جي اندر ۾، آ مچائي ڌم ڌڙي،<br>ورہ جي وهندڙ ڪيو، بس نہ ڪري هڪڙي گھڙي. | 134 |
| .107 | مرشد شهنشاه وارث، ٻيو وسيلو ڇا ڪبو،<br>دل رازدان رهبر لڌو، ڪٽنب قبيلو ڇا ڪبو. | 137 |
| .108 | رمز رندن جي سام موچاري، آهي ملڪ فقير جوگونا گون. | 138 |
| .109 | هردو جهان ۾ هادي مالڪ فقير آ. آيو خلق ۾ ٿي خادم خالق فقير آ | 139 |
| .110 | خلق خالق ٿي پلي صدقي فقير جي،<br>مولا کي منصب مليو شعلي شبير جي، | 140 |
| .111 | مون کي جوڳيڙا لنو لائي ويا، آه نہ اوريندس عام سان. | 141 |
| .112 | ياري لائجي جوڳين سان لائجي، نہ تہ ٻيوس جند نہ جلائجي. | 142 |
| .113 | سناسي سيباٽا، جيڪي نينهن ڪيا نماٽا. | 145 |
| .114 | ماسوا الله جي ٻيو نہ ڄاڻج ڪو وري،<br>جي پڇاڻين پاڻ کي سرسڄاڻج سروري... | 146 |
| .115 | متان مرين مردار ٿي، چئي اناالحق اختيار ٿي. | 147 |
| .116 | پاڻ سڃاڻي ڏس، پاڻ ۾ پيهي ڏس، ساڳي آهين سلطان تون. | 148 |
| .117 | اٿئي اسر جو، ولوڙيئي نہ مٽي کي،<br>ڪري ڪين مهٽو، ڄرم جي ڄٽي کي. | 149 |
| .118 | صبح جا سوالي ملنگ موالي،منگن دان درسن درٻاري ڌمالي. | 150 |
| .119 | منهنجي رمز آ ريجهايو، راءِ کي اڄ رات جو. | 151 |
| .120 | لک در وساري لاڏلي، دوست جي در ٿي نچي. | 152 |
| .121 | ماهي شوق وڏي سان ڏارڙيون، وه جي چاڪ منجهيون چارڙيون، | 153 |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| .58 | عشق اسان نون کافر کيتا، شوق شريعت شاهي دا،<br>انا احمد بلا ميمي، بي سر بي پرواهي دا. | 262 |
| .59 | سچي عشق دي صورت سجاتي مئين<br>ڏتم گهول ڏکان نون حياتي مئين. | 263 |
| .60 | دل ماريل عشق عذاب دي هي، نکا غرض گناه ثواب دي هي. | 265 |
| .61 | لاتي عشق محفل عذابان دي، نهين حاجت حساب کتابان دي. | 266 |
| .62 | برسر بار بره دا باري سر پر چايا مئين رو مئين. | 268 |
| .63 | اسان عاشق الله والي هون. وچ نينهن نياز نرالي هون. | 269 |
| .64 | لڳا نينهن نسنگ ماهي يار دي نال. دلدار دي نال. | 270 |
| .65 | مٺامن مور مور، تيڏي عشق مچايا شور شور.<br>مئين هان نوکر تيڏي ناز دا. | 271 |
| .66 | شاه حسن دا حملا هر جڳ، ويکير نور جمال ميان. | 273 |
| .67 | آپ اتي عوشاق ٿيو سي، اپني صورت آئي هون. | 274 |
| .68 | فاقيہ ويک فقير دا، عينان دي اسير دا،<br>در در تي ديوانہ ڦردا، طالب بن تصوير دا. | 275 |
| .69 | کهڙا ناز فقيران دي نالي، اسين راه مسافر والي. | 276 |
| .70 | آسٽکيا وچ سيني ساڏي، تکڙا تير فقيران دا،<br>چيهٽ کر کي چولي چپ ڳيا، ٿهري کان کويران دا. | 277 |
| .71 | سٽ تسبيحان تڻ تڻ تال ملا، سک ريت فقير دي ڳالھ ملا. | 278 |
| .72 | تسبيحان ٽرڙ جڻيان ڳل پاوين، مسجد مندر مول نہ جاوين. | 280 |
| .73 | وحدت نال واپار، جنهن ول کيتا سو سر سيتا. | 281 |
| .74 | چوڙ حياءُ هووڻ هستي، بڻ وچ ملنگ مولائي، شهنشاهي. | 282 |
| .75 | سک رندان والي ريت ملا سٽ مسئلا محض مسيت ملا. | 283 |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| 8 | دلبرا میرے دل کو، تیرا سهارا مل گیا۔<br>دیکھنے میں دید کا، اٹکل اشارا مل گیا۔ | 300 |


## سي حرفيون


| | | |
|---|---|---|
| 1 | سي حرفي 1 | 302 |
| 2 | سي حرفي 2 | 312 |
| 3 | سي حرفي 3 | 319 |
| 4 | سي حرفي 4 | 321 |


## شعر


| | | |
|---|---|---|
| | شعر | 322 |


Gul Hayat Institute

# فقير شائق سائين جو رسالو

## (صوفي فقير شائق سائين عمراڻي جن جو ڪلام)

سنڌ ڌرتي باب الاسلام آهي ۽ پڻ صوفياءَ اڪرام جي ڌرتي آهي. هن ڌرتي ڪيترائي درويش، بزرگ ۽ صوفياءَ اڪرام پيدا ڪيا آهن. انهن صوفياءَ اڪرام منجهان **فقير شائق سائين عمراڻي** پڻ هڪ آهن.

صوفي فقير شائق سائين عمراڻي سن 1911ع ۾ ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي تعلقہ و ضلع جيڪب آباد سنڌ ۾ پڻ جنم ورتو. ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي جيڪب آباد شهر کان اٽڪل 05 ڪلو ميٽر اتر طرف واقع آهي، مذڪوره ڳوٺ قومي شاهراھ کان اٽڪل 02 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آباد آهي، ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي ڏانهن قومي شاهراه عمراڻي لاڙي کان پڻ رستو وڃي ٿو. فقير سائين جو اصل اسم گرامي چاڪر خان هيو ۽ سندس والد صاحب جو اسم گرامي محمد علي خان هيو. فقير سائين پاڻ ذات جا عمراڻي هئا.

فقير شائق سائين جي ڏاڏا بهرام خان جو شيهڪ نالي هڪ پيارو دوست هيو جيڪو رضا الاهي موجب هي جهان ڇڏي ويو، پوءِ بهرام خان پنهنجي پياري دوست جي جدا ٿيڻ سبب پنهنجي پوٽي چاڪر خان کي شيهڪ خان جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو. تنهن ڪري ننڍپڻ کان ئي چاڪر خان بجاءِ فقير سائين شيهڪ نالي سان سڏجڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

**فقير شائق سائين** جڏهن صوفي فقير شهنشاه سيّد علي انور شاه "انور" جن جا دست بيعت (طالب) ٿيا ۽ پوءِ انور پاڪ سندس نالو **شائق فقير** رکيو ۽ پوءِ روحاني نالي **"شائق فقير"** سان سڏجڻ لڳا. اهڙي طرح فقير سائين جملي شعر ۾ تخلص "شائق" چوڻ فرمايو آهي. مذڪوره روحاني نالي بابت پنهنجي هڪ ڪلام ۾ فقير سائين فرمايو آهي ته

" شهنشاه شهباز مونکي شوق مان "شائق" سڏيو.

مهر جي مُرشد ڪئي منظور ٿي ويو هي ملنگ."

**اَلشَوقُ حَياتَ اَلشائق وَالذَوق مَمَات اَلمشتاق**

**ترجمو:** شوق شائق جي حياتي آهي ۽ ذوق مشتاق جو موت آهي.

**تعليم:**

جيئن ته ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي کان اٽڪل اڍائي ڪلوميٽر جي فاصلي تي موچي ذات جو ڳوٺ آهي انهيءَ ڳوٺ ۾ نالي مولوي محمد عظيم کٽي قرآن پاڪ جو درس ڏيندا هئا. فقير شائق سائين کي پنهنجي والد ماجد، مولوي محمد عظيم کٽي وٽ موڪليو ۽ فقير سائين تمام ٿوري عرصي ۾ قرآن پاڪ جي تعليم پوري ڪئي ۽ پڻ ڪجهه فارسي تعليم حاصل ڪيائون.

فقير شائق سائين صبح جو سوير قرآن پاڪ جو درس وٺڻ ويندا هئا ۽ واپس اچڻ کانپوءِ پنهنجون ٻڪريون چارڻ ويندا هئا.



Gul Hayat Institute

بيعت ڪرڻ فرمايو ۽ فقير شائق سائين بيعت ٿيڻ سان ئي مدهوشي جي عالم ۾ هليا ويا جيڪا مدهوشي لاڳيتو ٻه ڏينهن طاري رهي.

مجهڪو شراب شاهي پيرمغان پلايا.
ساقي ڪي هٿ سوائي سرڪي صنم چڪايا.

## حسبي شجرو:

1. صوفي فقير شائق سائين عمراڻي رحـ
2. عن مرشد سيد انور علي شاهہ "انور" صوفي قادري سروري رحـ
3. عن مرشد سيد صاحب ڏنہ شاهہ رحـ
4. عن مرشد سيد قلندر شاهہ رحـ ڪڇي ڏٽي (بلوچستان)
5. عن مرشد مولوي ميان تاج محمد صاحب رحـ
6. عن مرشد سلطان العارفين باهو صاحب رحـ
7. عن مرشد سلطان عبدالرحمان شاهہ رحـ (دهلوي)
8. عن مرشد سيد عبدالجليل صاحب قادري رحـ
9. عن مرشد سيد عبدالبقا صاحب قادري رحـ
10. عن مرشد سيد عبدالفتاح صاحب قادري رحـ
11. عن مرشد سلطان نجم الدين قادري برهان پوري رحـ
12. عن مرشد سيد يحيٰ قادري رحـ
13. عن مرشد سيد عبد الجبار صاحب قادري رحـ
14. عن مرشد فقير سيد عبدالرزاق صاحب قادري رحـ
15. عن مرشد فقير سيد عبدالقادر جيلاني رحـ دستگير محبوب سبحاني (بغداد شريف)

Gul Hayat Institute

16. عن مرشد فقير سيد سعد مبارڪ المخزومي صاحب رحہ
17. عن مرشد فقير سيد ابوالحسن علي الهنڪاري صاحب رحہ
18. عن مرشد فقير سيد ابوالفرح يوسف الطرطوسي صاحب رحہ
19. عن مرشد فقير سيد عبدالواحد الشميمي نغمي صاحب رحہ
20. عن مرشد فقير سيد ابي بڪرن الشبلي صاحب رحہ
21. عن مرشد فقير سيد ابوالقاسم جنيد بغدادي صاحب رحہ
22. عن مرشد فقير سيد عبدالله سري سقطي صاحب رحہ
23. عن مرشد فقير سيد خواجہ المعروف الڪرخي صاحب رحہ
24. عن مرشد سيد امام موسيٰ علي رضا عليہ السلام
25. عن مرشد سيد قال حدثني امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام
26. عن مرشد سيد امام ابو جعفر الصادق عليہ السلام
27. عن مرشد سيد امام محمد باقر عليہ السلام
28. عن مرشد سيد شهيد ڪربلا امام حسين عليہ السلام
29. عن مرشد سيد امام المشرقين والمغربين امام عليؑ المرتضيٰ ڪرم الله وجهہ
30. عن مرشد سيدنا محمّد رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم

فقير شائق سائين، عمراڻي قبيلي جي معتبر گهراڻي جا فرد هئا. فقيرسائين مرشد جي هٿ وٺڻ بعد لباس، رهڻي ڪهڻي ۽ زندگي جي سفر ۾ وڏي تبديلي آندي فقير سائين پاڻ گيڙو رنگ جي دستار ۽ گيڙو رنگ جي ڏگهي الفي پهريندا هئا ۽ سادو ڪاڏو وڏيڪ پسند ڪندا هئا.

Gul Hayat Institute

فقير سائين پاڻ جسماني طور نفيس بلڪ چست رهندا هئا. پاڻ ننڍ سان ياري بلڪل گهٽائي ڇڏي ۽ ويراڳ سان گهڻو واڳيل رهيا. پنهنجي مختصر زندگي ۾ ڪافي سفر ڪيائون، پر پيادل سفر کي ترجيح ڏيندا هئا. پنهنجي مرشد انور پاڪ جي اجازت سان بيعت ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيائون ۽ سوَن جي تعداد ۾ فقير سائين جا طالب ٿي عشق جو ونڊ ورتائون. فقير شائق پنهنجي ڳوٺ مئخاني ۾ رات جو پاڻ ويراڳ ڪندا هئاءِ فقراءَ کان پڻ ويراڳ ٻڌندا هئا. ازانسواءِ پاڻ فقراءَ سان روحاني ڪچهري به رچائيندا هئا. شيرين زبان ۾ نڪتل نثر ۽ نظم جا نقطا اڄ به ماڻهن کي موهي مست ڪري ڇڏين ٿا. فقير شائق سائين محبت جا پندارهئا ۽ سندن سخاوت بي پايان هئي. غريبن ۽ پاڙيسرين جو خاص خيال رکندا هئا. حقيقي عشق ۾ رچي وڃڻ سبب پاڻ دنيوي خواهش کان تارڪ رهيا. حقيقي رمز ۾ پوري زندگي بسر ڪيائون. فقير شائق سائين جو ڪلام مختلف ٻولين ۾ آهي. فقير سائين جي ڪلام پڙهڻ سان فقير جي مقام جي صحيح خبر پئجي وڃي ٿي ۽ تصديق ٿئي ٿي ته الله وارا ڪهڙي ريت گهڙيون گهارين ٿا.

فقير شائق سائين ٻه شاديون ڪيون. پهرين شادي منجهان ڪيس هڪ فرزند پيدا ٿيو جنهن جو نالو فيضل سائين رکيائون ۽ ٻي شادي مان هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو.

فقير شائق سائين تاريخ 20 نومبر 1975ع بوقت 12 بجه منجهند بروز خميس بمطابق 15 ذي القعد 1395 هجري ۾ دارالبقا روانا ٿيا سندس آخري آرام گاهه ڳوٺ محمد علي خان عمراڻي تعلقه



Gul Hayat Institute

وضلع جيڪب آباد ۾ واقع آهي ۽ مذڪوره تاريخ تي هر سال نهايت عقيدت سان عرس مبارڪ جي تقريب ٿيندي آهي.

جيئن تہ اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ فقير شائق سائين کي فيضل فقير نالي هڪ فرزند هيو ۽ فقير فيضل سائين کي ڇهہ فرزند عطا ٿيا جن مان هن وقت تائين ٻہ فرزند دارالبقا ڏانهن انتقال ڪري چڪا آهن ۽ چار فرزند حال حيات آهن .

فقير فيضل سائين جو سڀ کان وڏو فرزند فقير امداد حسين درگاه عاليہ فقير شائق سائين جن جا سجاده نشين آهن.

وقت جي مفڪرن صوفي جي تعريف ۽ طور طريقا پنهنجي رخ سان بيان ڪيا آهن جهڙوڪ : ڪتاب جنت السند ۾ رحيم داد مولائي لکيو آهي تہ صوفي لفظ پهريائين بغداد وارن ايجاد ڪيو قرآن پاڪ ۾ "اهلِ صفہ" کي فقراءُ جي لقب سان سڏيو ويو آهي، اهلِ شام وارا بہ فقراءُ سڏيندا هئا. ڪتاب اللمع ۾ لکيل آهي تہ صوفي لفظ پهريائين صفوي لکيو ويندو هو. اڳتي هلي لفظ صوفي ٿيو. جيئن تہ امام قشيري جي راءِ آهي تہ علامہ ابنِ خلدون لکي ٿو تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جا اصحابي سفيد پوشاڪ پائڻ سبب حواري سڏبا هئا. تيئن اهل صفہ وارا درويش پشمينہ جي جبن پائڻ ڪري صوفي سڏبا هئا.

هي سڀ وقت جي مفڪرن جون ڳالهيون آهن جن کي هر هڪ پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ فڪر سان محسوس ڪندو رهي ٿو. حقيقت ۾ صوفي ڪنهن خاص لباس پهرڻ يا سڱا ڏاڳا پائڻ جو نالو نہ آهي صوفي زهاد، عباد، متوڪلين، رضا، صبر ۽ تواضع جهڙين وصفن جو نالو آهي.

Gul Hayat Institute

وحدت الوجود، وحدت الشهود، صوفي جون وصفون آهن. پنهنجو نہ هئڻ، ملامت سر تي کڻڻ، خواري جي خمار ۾ گم ٿيڻ، اخلاق جو بلند ترين جلوو رکڻ، تارڪ رهڻ، عشق الاهي ۾ غرق ٿيڻ، الانسان سان پيار۽ محبت ڪرڻ صوفي جون صفتون آهن. جيئن تہ وحدت الوجود جو عقيدو هر قوم ۾ موجود هيو. اسڪندريہ جو نوافلاطوني فرقو ان جو معتقد هو. اوائل ۾ يهودين ۽ نصارن ۾ اهو خيال پڻ موجود هو. مگر هندو ويدانيت پڻ هن تخيل تي ٻڌل هئي.

بايزيد بسطامي، ذوالنون مصري، حسين بن منصور حلاج ۽ ٻين اشراقي صوفين ۾ وحدت الوجود جو تخيل نمايان رهيو، جن پنهنجي پنهنجي دور ۾ فيضِ عام ڪيو.

حقيقت ۾ صوفي ڪفر۽ اسلام جي ٻنڌن کان آجو آهي. درجاتي دلق کان مٿاهون آهي. ويساه جون وهم وٿيون وڍڻ، دين ڌرم ۽ عقبيٰ کي اوري ڇڏڻ، ٻره جي ٻانگ ٻڌائڻ، بيچون واري بحر ۾ لا جو لنگ ٻڌڻ، نفي ۽ اثبات مان هـُو جي هونگ هڻڻ مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ ربهٗ جي فرمان موجب گهڙيون گهارڻ صوفي جون صفتون آهن.

فقير نزول وقت الله جو ڌيان رکي ۽ عروج وقت خالق کان خلق جو معائنو ڪري ٿو.

وڌيڪ عرض ڪجي ٿو تہ جيڪي سڀ طور طريقہ ناسوت ۽ ملڪوت جي وچ ۾ آهن اهي سموري شريعت آهي. جيڪي ڪل طور طريقہ ملڪوت ۽ جبروت جي وچ ۾ آهن اهي سڀ طريقت آهي ۽ جيڪي طور طريقہ جبروت ۽ لاهوت جي درميان آهن اهي سڀ حقيقت آهي.

، الله جي ذات فرمايو آهي تہ مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ اهڙو ظاهر نہ آهيان جهڙو انسان ۾. ربّ تعاليٰ مڪانن کي پيدا ڪندڙ آهي ۽ انهي جو انسان ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ مڪان نہ آهي.

الله پاڪ انسان کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيو ۽ فرشتن کي انسان جي نور مان پيدا ڪيو آهي.

جڏهن ڪو فقير، فڪر جي باهہ ۾ سڙي ويو هجي تہ ان جي ويجهڙائي ڳوليو، ڇو تہ الله پاڪ ۽ ان جي وچ ۾ ڪو بہ پردو نہ آهي.

جيڪو ازلي سعادت جي ذريعي سعيد بڻيو تہ ان جي لاءِ طوبيٰ يعني خوشي جو مقام آهي. جيڪو بعد ۾ اهو رد نہ ٿيندو ۽ جيڪو ازلي شقاوت سبب شقي بڻيو تہ ان لاءِ ويل يعني تڪليف آهي جيڪو بعد ۾ مقبول ٿي نہ سگهندو. محبت، محب ۽ محبوب جي وچ ۾ هڪ پردو آهي، جڏهن محب، محبت ۾ فنا ٿي ويندو تڏهن ئي محبوب سان واصل ٿيندو.

اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ ڪان پوءِ سيئي روح پنهنجن قالبن ۾ رقص ڪري رهيا آهن. جيڪي قيامت تائين رقص ڪندا رهندا. جيڪو ڄاڻ ڪان سواءِ الله پاڪ جي ڏسڻ متعلق پڇي ٿو اهو حجاب ۾ آهي. وري جنهن، ڪنهن ڄاڻ ڪان سواءِ ربّ تعاليٰ جي ڏسڻ متعلق گمان ڪيو تہ اهو حق تعاليٰ جي ڏسڻ جي باري ۾ پليل آهي.

اهو فقير نہ آهي جنهن وٽ ڪا بہ شيءِ نہ هجي، ليڪن فقير اهو آهي جنهن لاءِ هر شيءِ ۾ امر آهي. جڏهن فقير ڪنهن شيءِ کي ڇوي تہ ٿي پئہ تہ اها ٿي پوي.

Gul Hayat Institute

جنت ۾ الله پاڪ جي ظهوري ڪان پوءِ الفت ۽ نعمت نہ رهندي اهڙي طرح دوزخ ۾ الله پاڪ جي خطاب ڪرڻ ڪان بعد وحشت ۽ جلن نہ رهندي.

نياز ۽ نوڙت الله پاڪ کي پسند آهي ڇاڪاڻ تہ عاجزي انوار جو سرچشمو آهي ۽ خود پسندي ظلمات، يعني اونداهي جو ڪارڻ آهي. الله پاڪ جو فرمان آهي تہ گنهگارن کي فضل وڪرم جي خوشخبري ۽ خود پسندن کي عدل ۽ عتاب جي خبر ٻڌايو. فرمانبردار نعمت جو ذڪر ڪن ٿا ۽ گهنگار گناهن کي ياد ڪندا رهن ٿا. گنگهار پنهنجي گناهن سبب حجاب ۾ آهن ۽ فرمانبردار پنهنجي فرمانبرداري سبب حجاب ۾ آهن. هڪ اهڙو گروهہ آهي جنهن کي نہ گنهگار جو ڏک آهي ۽ نہ کي فرمانبردار جو فڪر آهي. الله پاڪ گنهگارن جي ويجهو هوندو آهي، جڏهن هو گناهن کان فارغ ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ گنهگار گناهن کان فارغ ٿيڻ بعد الله پاڪ کان گناهن جي معافي جي صدا ضرور ڪندا آهن.

نماز افضل اها آهي جنهن ۾ الله پاڪ کان سواءِ ڪوبہ نہ هجي ۽ نماز خود بہ غائب هجي. روزو افضل اهو آهي جنهن ۾ الله پاڪ کان سواءِ ڪوبہ نہ هجي ۽ روزو خود بہ غائب هجي.

فقير اهو آهي جنهن کي پيءُ ۽ اولاد بہ هجي ۽ انهي جي دل انهن ٻنهين کان آزاد هجي. انهن جي مري وڃڻ تي ڪيس ڏک نہ ٿئي. جڏهن انهي منزل تي پهچي ٿو تہ اهو بغير اولاد ۽ بغير والد جي هوندو. جنهن جو ڪوبہ قرابتدار نہ ٿيندو. ان لاءِ الله پاڪ ڪافي آهي. ڇاڪاڻ تہ الله پاڪ کي نہ پيءُ آهي نہ وري اولاد.



Gul Hayat Institute

الله پاڪ ڪان سواءِ هر شيءِ ڪان بالاتر تيڻ معراج آهي ۽ معراج جو ڪمال اهو آهي ته نه اڪ ڇنيجي نه بي راهه ٿئي.

فقير شائق سائين جي ڪلام ۾ تصوف جا انيڪ راز سمايل آهن جن جي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ته هت ڪا بره جي برسات وسيل آهي. جنهنَ جي هر هڪ بوند ۾ مڪمل بحر سمايل آهي. سندس هر قول ۾ عميق گهرائپ موجود آهي.

شائق سائين جن جي ڪلام ڪي تصوف جو منشور چئجي ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. شائق فقير سائين جي ڪلام ۾ جيڪي راز سمايل آهن سي تصوف جا اڻ مِٽ املهه ماڻڪ آهن. جن مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته تصوف متعلق اڄ تائين جيڪي به رايا قائم ڪيا ويا آهن. يا ڪن وجوهات جي ڪري تصوف لاءِ ڪي قدر شبهات پيدا ڪيا ويا آهن. پر شائق سائين جي ڪلام جي مطالعي سان صاف حقيقتون سامهون اچي وڃن ٿيون.

تصوف جي ميدان ۾ جوڳين فقيرن پاڻ ملهايو ۽ حقيقت ماڻيائون. انهن عارفن ۽ واصل باالله هستين جا ڪجهه ماڻڪ موتي هيٺ بيان ڪجن ٿا.

**اَلحُسن حَقِيقَتُ لايَحْصِلُ مُشاهِدَتُها اِلا فِيهِ الفَنا**

ترجمو: حسن هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جو مشاهدو (حسن ۾) فنا ٿيڻ کان سواءِ حاصل نٿو ٿي سگهي.



Gul Hayat Institute

**اَلعِشقَ سُلطان يُحَكِمُ فِي الدّارين**

ترجمو: عشق بادشاھ آھي، ٻنهي جهانن تي حڪومت ڪري ٿو.

**اَلنِفي تَنْزِيه عَما يَمثل**

ترجمو: نفي وڏي پاڪائي آهي، جهڙو بہ مثال ڏجي.

**اَلاِثبَات شَهُودُ اَلمعني الذاتيه**

ترجمو: ذات جي حقيقت ظاهر ٿيڻ اثبات آهي.

**الفقير في معاملت الدّنيا ڪالورد في الماءِ**

ترجمو: فقير دنيا جي ڌنڌن ۾ ائين آهي جيئن گل پاڻي ۾.

**الظاهر تصويّت الباطن. الباطن تخمير الظاهر**

ترجمو: ظاهر تصوير آهي باطن جي. باطن ظاهر جو خمير آهي.

**الفقراءُ يعطون في المحب مالايحصل في مجاهدت الف سنين**

ترجمو: فقيرن ڪي اک ڇنڀ ۾ اهو ڪجھ حاصل ٿئي ٿو جيڪو بندگي جي هزارن سالن ۾ بہ نہ ٿو حاصل ٿئي.

Gul Hayat Institute

**لا تنظرو اخلاق الفقراءُ نظرا مكروها لان كل حركتهم و سكناتهم من الله**

ترجمو: فقيرن جي عادت ڏانهن بري نظر سان نہ ڏسو، ڇاڪاڻ تہ تحقيق انهن جي سڄي چرپر يا آرام خدا جي طرفان آهي.

**فاقت الطالب ناقص تذهب بہ الي المنزل سريعا**

ترجمو: بک طالب جي سواري آهي ، جيڪا کيس جلد منزل تي پهچائي ٿي.

**الجسم مرکب الروح و الروح موردالحقيقت**

ترجمو: جسم روح جي سواري آهي ۽ روح حقيقت جي وارد ٿيڻ جي جاءِ آهي.

**کل ممثل في عالم الارواح هو ظل الحقيقت لا عينها**

ترجمو: جيڪا صورت جهان ۾ روحن جي آهي سا حقيقت جو پاڇو آهي .

**ما يري فهي صفات، ما لا يري فهي ذات**

ترجمو: جيڪا ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا صفات آهي، جيڪا ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي سا ذات آهي.

**الشوق حيات الشائق والذوق ممات المشتاق**

ترجمو: شوق شائق جي حياتي آهي ۽ ذوق مشتاق جو موت آهي.



Gul Hayat Institute

## الفناءُ في اللّٰه يوصل ببقائہ

ترجمو: اللّٰہ تعاليٰ ۾ فنا ٿيڻ سان پنهنجي بقاءَ کي پهچجي ٿو.

**روزها فکر من اينست و همہ شب سخنم کہ چرا غافل از احوال دل خيشتنم ز کجا آمده ام آمد نم بحر چي بود بکجا ميروم آخر ننمائي وطنم**

ترجمو: سڄو ڏينهن منهنجي سوچ ۽ سڄي رات منهنجو فڪر اهو آهي تہ چو پنهنجي دل جي احوال کان غافل آهيان. ڪٿان آيو آهيان، ڪٿي آيو آهيان، ڪاڏي ويندس آخر وطن تہ نہ ٻڌائيي.

Gul Hayat Institute

# سنڌي

# ڪلام

Gul Hayat Institute

# ڪلام (1)

**اسان جي عشق جو مظهر، محمّد مصطفيٰ مولا،**
**حبيبِ يا خدا انور، عليؑ مرتضيٰ مولا.**

1. آهيون نانگا نظاري جا، پيغمبر پاڪ پياري جا،
اَنّا الْحق نينهن نعري جا، صوفي بي سر صفا مولا.

2. سچاتو سير ڪي سامين، نه ڄاتو عشق ڪي عامين،
اسان جي ذوق جو ضامن، نيهي نور الهديٰ مولا.

3. ڦٽي فراق دل ڦارون، ڇڪن ٿا ڇاڪ ڇوڏارون،
اسان جي درد جو دارون، آدرسن دلربا مولا.

4. حسن شهباز شناور، دلين جو دادلو دلبر،
اسان جي پرت جو پرور، ازان شاهِ شفا مولا.

5. هميشه هُو ٻهو ۾ هڪ، وليّ الله علي برحق،
اسان جي شوق جو "شائق"، قلندر ڪبريا مولا.

Gul Hayat Institute

# ڪــــــــلام (2)

**اسان جي حال جا محرم، اسان وٽ اچ ڏسڻ آيا،**
**سٺي سانگا سوين سيها، پرين پيارا پچڻ آيــا.**

1. ســنـيـهـن ۽ سلامـن تـي، پـرين پـهـتـا پـيـغـامن تــــي،
غـريـبـن ۽ غـلامـن تـي، قـرب ڪـيـون ڳُر گسڻ آيـا.

2. عجب عـجـيـب الله آنــدا، اوڙا پـاڙا هـيـا مـانــدا،
رَلائـي راڄ هـــيـڪـانـدا، حبيب هاٺي هسڻ آيـا.

3. صدق قربان قــربن تــان، وڃان پئي گهور گهربــن تان،
محبت جي تہ مـربـن تـان، وســـي وارث وســڻ آيـا.

4. "شائق" منجهہ ذوق جي ذاتي، مليو محبوب ميـشـــاقـي،
پـهـري پـوشـاڪ سـوغـاتـي، دلـيـون دلـبـر ڪـــسـڻ آيـا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (3)

**يار آيو دلدار آيو،**
**ساڳي صورت جو سردار آيو.**

1. صورت يار جي رنگ گلابي، صحي سڃاتم صورت ساڳي،
درد ونـدي وٽ دوبار آيو..

2. ويس لبيسي لرزيون ليران، پوش فقيري شرف اميران،
وه پورهيت جو پڳدار آيو..

3. جاجڪ جوڳي جڳ ۾ جاني، موهن مرلي مست نشاني،
وه وحدانشتي وڄدارِ آيو..

4. صورت آشيان پوش پرستي، لامثل ليل مثل محيطي،
وه مجنون ٿي مختيار آيو..

5. حال وسلا ڳانا ڳهٽا، شان وڏي سان سونهَنْ سهٽا،
وه دلق وٽي دلدار آيو..

6. "شائق" شرف شغل هي شاديون، عرش برين هي ملڪ مناديون،
وه قرب وڏي قربدار آيو..



Gul Hayat Institute

# ڪلام (4)

**پرينءَ پيرن ويلھ پرور آندو آ، الله اميد پڄائي آ،**
**وه جي رمزن راند رچائي آ.**

1. صدق صدق مون سو واري،
دل پيرِ مغان هٿ آئي آ،
ٿيان قربان بحر حسن ۾ دل دلبر ڏوتي،
تڏهن سرتين منجھ سوائي آ.

2. چشم چلت چوڏاري چمن ڪيا،
هر جاءِ روحن ڪئي روشنائي آ،
گل گل تي پيو بلبل ڳنڪي،
جنهن لالي لبن تي لائي آ.

3. رات سڄي مون تات انهي ۾،
نيڻين ننڊ وڃائي آ،
سک سمهڻ نہ ڏئي تي،
پئي سار سمائي آ.

Gul Hayat Institute

4. عــــطـر كــتـوري ايـوان اگــڻ تــي،
سـرتـيـن سـيـج وڇـائـي آ،
مـلـي مـبـارڪ ڏيـن پـيـون **"شـائـق"**،
جـانـب آيـو جـائـي آ.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (5)

**آهي حسن هادي جو حج حضور، پسڻ پرين جي آ صورت ثوابي.**

1. معبود حسن مسجود هميشہ، سر سبحاني معبود هميشہ،
آهن نين پرين جا نور، چشم چراغي منجهہ ماهتابي.

2. منجهہ مهتاب مدينہ منوّر، تاب طواف تواضع تصوّر،
آهي قلب سچو ڪوه طور، لن ترانيٰ جا ناز نوابي..

3. خلق آلآدم اعليٰ صورت، مالڪُ الْمولا محمّدي مورت،
معبودي مخمور، هر گل آهي گر هي گلابي.

4. الانساني جانب جاني، عين عبادت پسڻ پيشاني،
"شائق" منجهہ مسرور، شامل ٿي پيو شوق شتابي.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (6)

**اڇي رس هاشمي حسني، جنابِ غوث گيلاني،**
**وصي وارث حقي هادي، محيّ الدين مرد ميراني.**

1. پيرن جو پيشوائي تون، وفائي سرشفائي تون،
نسنگ نورالهدائي تون، سرِ سر مست سبحاني.

2. حقيقت حال جو همدم، رسيلو راھ جو راحم،
اسم قادر قدم قائم، صحي سرتاج صمداني.

3. سوين سلطان دارا سڪندر، منگن پيا دان تنهنجي در،
ڏڪين ڪي ڏاڍ ڏي ڏاتر، داتا ديوان دلجاني

4. سرِسر مست سوپارو، فقر جو سرگرو سارو،
پيرن جو پير پاڳارو، نڪو مٽ شرف تو ثاني.

5. عطا اسرار اَحمّدي، نواسہ نور محمّدي،
دلِي ديدار دلبندي، ڪُلي اختيار اخواني..

6. سگ دربان تو درجا، مداحي عشق "انور" جا،
حقي "شائق" هون حيدر جا، صحي سالم ثناءَ خواني..



Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (7)

**جيئي پير دستگير، وصي وارث ولهين جو فقر جو فقير.**

1. جنهن تي ڪري نظر عطا، سي وڏي رنگ ۾ رتا،
پي جام سي مانجهي متا، سُرڪي ڪين سڌير.

2. ڪي سڪندر شاه دارا، قمر ڪتيون قطب تارا،
سڀ پيزارا ٿيا بردارا، تنهنجا دامن گير.

3. بيشڪ پير پلو بغدادي، همدم حاضر ناظر هادي،
عرش برين معراج منادي، وحي تنهنجو وزير.

4. جنهن جو ڊارو ٿو ڊرين، آزاد قيدي ڪي ڪرين،
دل و جان سان جنهن کي گهرين، ڇٽا اچن پيا اسير.

5. سيدا ثقلين تون، حسنين نور العين تون،
حج حضور حرمين تون، منجهه طٰهٰ تطهير.

6. سرور صدا منظور ڪر، منظور منجهه حضور ڪر،
معافي سندو مذڪور ڪر، تو هٿ آ تقدير.

7. "شائق" ثناگر هي سدا، منگي نينهن جو نانگو ندا،
مان ماندي مدامي مدا، اچي مل تون امير.



Gul Hayat Institute

## ڪلام (8)

**سلطان سرورن جو محبوب سبحاني، يا غوث گيلاني.**

1. بر ٿر ۾ سٽي سڏڙا، پياسي پيو پڪاري،
ڏيئي جام جيئاري، ساقي رفيق سچ ۾، هر حال حقاني.

2. رڻ راه ۾ همراه، آ ويساه وسيلو، رازدان رسيلو،
نيلي هسوار همت دار، ميران شاه مرداني..

3. خضر الياس جهڙا خاص، تنهنجي پاس پناري، سيد تو سهاري،
حاتم حمير، بي نظير، دامن گير دوراني..

4. معراج واري رات، ملاقات اوهان جي، نجات توهان جي،
مرسلين، کيو آمين، آ مختيار مڪاني..

5. پهچ پير دستگير، اڪير هيڪاندي، پنهنجي پير لاءِ ماندي،
ڏي ديدار، غم تون ٽار، ٿئي "شائق" شڪراني..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (9)

## اسم اثبات اسدالله، قلندر شير جلال الله.

1. قلندري ملڪ مروّندي، قلندر رهنما رندي،
قلندر مان محمّدي، قلندر شان شفيع الله.

2. قلندر جلوه جليلي، قلندر خطاب خليلي،
قلندر عشق اليلي، قلندر بحر بقاءِ الله.

3. قلندر وليون ۾ آفتاب، قلندر ڪبريا لاجواب،
قلندر ملڪون ۾ ماهتاب، قلندر نور جمال الله.

4. قلندر مخزني اسرار، قلندر مطلع الانوار،
قلندر مجمع اطوار، قلندر قرب ڪمال الله.

5. قلندر لال لڄپالي، قلندر "شائق" برحالي،
قلندر ملڪ جا مالي، قلندر يا حبيب الله.

Gul Hayat Institute

## ڪــلام (10)

**ڪيي قـائـم قـلـنـدر شـاهہ، بره برحال آ تـنـهنجو،**
**اسم اعـظـم اصـل اعــليؒ، لـقب خود لعل آ تنهنجو**

1. تــون دريـاه رحـمت جـو، وسـيـلـو خـاص خـلـقـت جــو،
صاحب سلطـان سـخـاوت جـو، خدا لڳ خيـال آ تنهنجو..

2. نــوح ابـرهــيـم آدم انـس، مـوسيٰ داؤد تـوڻـي يـوسـف،
تـون سيـنـي جــو واهـ وارث، نـالـو ننـگ پـال آ تنهنجو..

3. يـحيٰ،زبـيـر، ذكـريـا، خـضـر اليـاس خـادم ٿـيـا،
يـوسف يعقوب تـوڻـي عـيسيٰ، نـ كـو مٽ سيـال آ تنهنجو..

4. وسـيــن ٿــو يــار وسـطـي ۾، هـمـيـشہ مـوج مستي ۾
صـاحـبڏنہ شـاه جي دوســتــي ۾، قرب ڪمال آ تـنـهـنجـو..

5. سوين سلطان دارا سڪندر، چـــشـم تـنـهـنجي ڪيا چاڪر،
تــون آهـيـن اسرار عـلـي انـور، مـحـمّدي حـال آ تـنـهـنجـو..

6. لــوط لـقـمـان ڇا لائـق، تـنـهـنجـو شـان حـق "شـائـق"
تــون قـلـنـدر مـولا مـالـڪ، اُچـو اقـبـال آ تـنـهـنجـو...

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (11)

## اڄ ڪنهن چمن ۾ چمڪار لايو، الحمد الله انوار آيو.

1. سيج سيّد جي سـهـجـون سينگاريو،
عـطـر گـلابـي ڪـــتّـوري ڪِندايو،
سرخي چندن مُشڪ هبڪار لايو . . .

2. چَتون، مـور شهباز پکي هن پياسي،
بـلـبـل ڏسـڻ لاءِ عـاشـق اداسـي،
چنڊ تي چڪورن جسم جلايو. . . .

3. ارض و سـمـاءِ ۾ آهـي انـتـظـاري،
حـوران، مـلائـڪ، پَـرين ۾ پچاري،
جبرائيل در جو دايو سُهايو. . . .

4. اگـڻ آيو انـور، سخي لعـل سرور،
شڪر ڪيو "شائق" مليو محب منور،
محمّدي مظهر، مولا ملايو. . . .

Gul Hayat Institute

# ڪلام (12)

**اعظم شان اڪبر، منهنجي سائين انور جا،**
**بيحد بيان بحر، منهنجي سائين انور جا.**

1. معراجي محبوب جي، پسائي پرور ميان،
ديدن دور دلين تي، ڪيا دوبارا دلبر جا.

2. پسڻ ڪارڻ پنهنجي، تي آيو انور ميان،
احد احمّد هڪڙو، سيئي عين اڪر جا.

3. نانگا سيئي نينهن ڪان، ماهر ڪيا منور ميان،
مچ ڏسي محو ٿيا، صورت سرور جا.

4. هادي حسن پسايو، وڏي حشمت سان حيدر ميان،
پروانہ پيمال ٿيا، منجهان نوڪ نظر جا.

5. منادي محبوب جي، خود خاوند ڪي تہ خبر ميان،
"شائق" شان وڏا ڏنا، بالا بلند آبز جا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (13)

**ملنگ موالي سدا سوالي داتا تنهجي در،**
**شهنشاه پيج علي انور..**

1. مست مدامي سدا سلاميِ نوڙن پيا نادر،
تي مداحي ڪرن گدائي، دان توڪان دلبر..

2. حاتم دار پنڄ هارا سلطان لکين سڪندر،
شاه گدا حيران هزارين گولي گداگر..

3. عرش فرش و ملڪ منادي توٽي زير زبر،
سئي قربان ڪتيون لک تارا شامل شمس قمر..

4. پيرِ مغان پرتايا توڪي اهلِ اهل فقر،
صاحبڏنه شاه،شاه قلندر رندن ۾ رهبر..

5. "شائق" سگ دربان سپاهي، نياز مند نوڪر،
ڏي ديدار دلبر دل سان، ماٺا محب نه ڪر..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (14)

**اسين عاشق آهيون انوار جا، مندر جي مختيار جا.**

1. هون جلالي جوش ۾، قلندر قربدار جا.

2. سڳا پاتم سوز مان، وحدت جي واپار جا.

3. وستي جا تہ ويراڳي آهيون، صاحبڏني سردار جا.

4. "شائق" سگ دربان آ، دايہ ڏٽي جي دربار جا.

Gul Hayat Institute

## ڪــــلام (15)

**اکيــن عيدان ڪيون انوار ڏٺم، برسيل باغ حسن جو بهار ڏٺم.**

1. ڪوڙيا عشق تنبو طولان عجب، ملهي ماڳ مندر مئخان عجب،
چُڻي چشمن ڪيا چوگان عجب، سارو بر بحر بازار ڏٺم.

2. آغاز عقاب هي عرش ڪيا، ڏڏڪاٽ دلين جي فرش پيا،
لهي غازين جا سڀ غرش ويا، پڇي اوٽ عدم اسرار ڏٺم.

3. ڪنگو جام ڪيسر پيا لام لڏن، رنگ گيڙو گل گلاب گلن،
عطر مشڪ چنبيليون رابيل رلن، گلزار چندن هبڪار ڏٺم.

4. رنگ لال گلال ٿيا سرخ صفي، ويڙهي ويڙهي ٿو وجه الله وسي،
اڄ ڪو صحن صوفين جي ۾ حال هسي، ڏاڍو پيرِ مغان جو پيار ڏٺم.

5. گل سورج چنبل چاش اتي، پڳا پنور اڇن پيا پياس اتي،
وٺن وحدت وارا واس اتي، بيرنگ بلبل جو گُڻڪار ڏٺم.

6. مقبول معراج جي رات سدا، سهڻي "شائق" جي آ بات سدا،
جيڪي انوڙ تي عوشاق سدا، تن جو هي دليون درپار ڏٺم.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (16)

**اديون اڄ اسان وٽ انوار آيو، پانيان لڪ پلايون پتار آيو.**

1. برقعو پائي بشري، سرتاج سروري،
پوشاڪ پيغمبري، پهري پڳدار آيو.

2. ڪل نبين جو افسر، پير مغان پرور،
درد وندين جي در، دلدار آيو..

3. منجهان ڏائري دارين، بنائي قاب قوسيني،
جوڙي جي صدقي جاني، جنسار آيو.

4. حورن پرين ۾ حيرت، ملڪ فلڪ ۾ عبرت،
"شائق" جي گهر شفقت، ڏاتار آيو.

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (17)

## ديدار منهنجي مرشد جو جنهن ڪيو، پڇو تنهن کان خبران.

1. وحدت ڪٽي ويراڳي ڪيا، سولي متي سهاڳي ٿيا،
جوڳي جوان جاڳي پيا، اظهار تنجون قبران..

2. جن هي پسيو نظارو، پارس ڏنن اشارو،
ٿيا سونُ سيو سارو، ڪيميا تن جون نظران..

3. غنچي ۾ گل گلابي آ، محبوب گل شناسي آ،
انوار سر ساڳي آ، پنوّرن ٻڌيون آهن پنيران.

4. "شائق" فنا فهم آ، دائم عوشاقي دم آ،
قولَ اَنَاالْحق قائم آ، سيني سهن سي تبران.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (18)

**پير مغان پرور، توکي لکين مبارڪان،**
**اسد الله انور، توکي لکين مبارڪان.**

1. پرين تنهنجي پيزار تان، صدقي شمس قمر ميان،
ٽِڪي ۾ تجليٰ ٿيا، چمڪيا چاسينگر.

2. نوبت نينهن نسنگ ڪئي، پئي سازن ۾ سر پر ميان،
چنگ اپنگ مرڏنگ، وڄن پيا ور ور.

3. جبرائيل راڄ سڏايو، حوران ٿيون حاضر ميان،
فرشتا فرمان ۾، ادب ساڻ امر.

4. مور چڪور سناسي، پئي پکين منجهه پڇر ميان،
ڪونجن سر قربان ڪيا، ڪڏن پيا ڪبوتر.

5. اديون آرتوار جو، ڪيو اشارو "انور" ميان،
شادي پاڪ حضور جي، سرهي رات سومر.

6. خوشبوءِ جي نہ خلق تي، وٺي بوند بحر ميان،
چنبيليون چوگان ۾، ڪليا مشڪ عطر.

7. ڏسي بحر بقاءَ جو، **"شائق"** ڪيو آ شڪر ميان،
سنياري سڳ در ڪي، ڏاڻ ڏنو ڏاتر..

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (19)

**سڪ اوهان جي ۾ سيّدا، اکيون روز رڙن، مُنيون مات نہ ڪن.**

1. دل ۾ درد فــيــراق جــا، چــوڪــا چــاڪــ چــڪــن،
ڪـپـي ٽـڪـي ڪـات سـان، دل پـرزا ڪـئـي پـريـن.

2. غـم غـنـيـمـت پـانـيـان، تـا پـريـن پـارون اچـن،
سـور مـڙئـي سـپ سـيـرتـيـا، ڪـنـا ڪـاپـڙيـن.

3. سڪ سـتـايـو سـاه ڪـي، مـونـجـهـ گـهـٽـي آ مـن،
عـجـب الـيـل عـجـيـبـن جـا، اوپـارا اپـرن.

4. **"شــائــق"** آگ انــدر ۾، پـيـيـز تـا پـڙڪـن،
الـعـشـق نـاراً نـيـنـهـن ۾، جـوڳـيـئـڙا جـلـن.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (20)

**ســيــنــگــاريا سرور، منهنجا پيئي اربيلا،**
**نــام وڏا نــادر، مـنـهـنـجـا پيئي اربيلا.**

1. شادي جي تہ شغل جي، پئي پـرين منجهہ پچر ميان،
حــورن هــار سينگار ڪيا، موڙ ہڏا منور....

2. جن بشـر حيـران ٿيا، مـلائـڪ مـنـتـظـر ميـان،
بـــادل بــرسـي آيا، مٿان ڇانوَ ڪڪر....

3. شهـزادن جي شان جي، خاوند ڪي تہ خبر ميـان،
ڇا ثناءَ ساراهہ ڪندو، تن جي ابو البشر....

4. پـاڪ پــيوند انوار جا، ناز پليا نينگر ميـان،
سر سرو پاءَ تــاج هــي، پــهــرايــن پرور....

5. ٿـنور ڪيون گل ٿهڪن، باغن ۾ بهـتـر ميـان،
ملي مبارڪ پيا ڏين، شجر ڪيون هي ثمر....

6. هــادي حــضور ملنگ تي، ڪرم ڪيا قادر ميان،
ڏيهہ ڏٺي ڏاتــر مــڪا، درودن جــا دفتر.....

7. ڏسي ڏينهن صدورو، "شائق" ڪيو آ شڪر ميان،
جُهلي چنڊ جهولي پيم، چڪيم شهد شڪر....



Gul Hayat Institute

# ڪلام (21)

## مهر پريا مهمان، مون ڏي الله ڪٺي آندا.

1. جن لا وينئي پئي نهاريان، ساعت ساعت ۾ پئي ٿي ساريان،
اعظم تن جو شان..

2. دل تي چوي ويهي گڏ گذاريون، مٺي توئن شل لهن مياروِن،
اشهد پڙهون شڪران..

3. دوست هميشہ دل جا جاني، اچڻ تنهنجيَ تان مان قرباني،
صدقي ڪيان جند جان..

4. دوست دلاسو ڏي دل ڪي دلبر، اڱڻ عجيب اسان جي انور.
اچ صورت جا سلطان..

5. "شائق" سگ دربان سپاهي، مهر نظر منظور گدائي،
مان وڏا مهربان..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (22)

**ڪربلا ميدان جو، سامان سالم سروري،**
**غم غريبن لاءِ غنيمت، مان ماتم منوري.**

1. محبوب جي ماتام جي، گهر جنين آهي گهري،
شوق شهادت جو شهيدي، قرب قائم قادري.

2. هن قضيي جي خبر، آهي خاص خاصن کي ڪري،
جي سڃاڻن سي پيا ڄاڻن، راز دانش رهبري...

3. نيهن جي نوبت وڳي، عاشق اتيا سڀ اڪبري،
حملي حشر گاه ۾، هو ڪو هليو حق حيدري...

4. ابرِ ڪرار ارشاد ڪيو، ڪو اچي گهايو گهري،
سر ڏيڻ سويون وٺڻ، هي دوبدو جي دلبري..

5. پاڪ پنجتن پير وٽ، پهلي سڌي پهتي سري،
غازين گهٽيئي گهوران ڪيون، منظور "**شائق**" انوري.

Gul Hayat Institute

## ڪـــــلام (23)

**عشق لڳم اڪسير، واھہ جو پينر منھنجي ڀاڳ پڙايو،**
**فيض ڏنم تہ فقير، پيرِ مغان ٿي جنھن ڀڪ پرُجھايو.**

1. حسرت ڪسرت منجھون وياسي، پيش وجي پر جي پياسي،
دست ڏنم دستگير، دلوُن دامن داتا لايو.

2. ماڳ مڙھيون مندر مئخانہ، گلزار بھار بقا بوستانہ،
ڪليا عطر مشڪ عنبير، دل جي صحن ۾ دوست سمايو،

3. فڪر فنا ۾ ٿياسي فاني، جٽ ڪٽ جاڳيو جوءِ ۾ جاني،
پريو ذوق ضمير، ھرجاءِ ڏسڻ ۾ ھڪ ٿي آيو.

4. العشق ناراً نينھن جو ناتو، ڇاڻن اھي جن حياتي ڪان ھٿ چاتو،
ھڪ طالب پيو تڪبير، موت چکي مون منصب پايو.

5. ناز غماز شھباز اڏايم، آسن آتش ۾ اڃي پير پايم،
احرام پڳا سي اسير، اسم اعظم پنھنجي پير پڙھايو.

6. دين ڪفر اسلام ڪان وياسي، **"شائق"** شرف شبير جي پياسي،
تي قادر منجھہ تقدير، ٻوليو ٻارو چل مان نہ ٻولايو...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (24)

**عشق بنا ميدان انهي ۾، قادر قدم ڪڏائي ڪير.**

1. مُوْتُوْ قَبْلَلْ اَنْتَ مُوْتُو، موتو مرڻ ملهائي ڪير،

2. ڪات ڪلالي جنگ جلالي، سورهيہ بنا سر سهائي ڪير،

3. سر سرواهيون اڇن تيون ڪاهيون، ڪنن بنا ٻيو ڪهائي ڪير.

4. ”شائق“ عشق اناالحق آيو، قُمْ بِاِذْنِيْ الائي ڪير..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (25)

**افضل علاج عشق جو، درمل دوا ديدار آ.**
**ذوق شوق جي زندگي، پيرِ مغان جو پيار آ.**

1. عشق شهنشاه شهزادو، شاه حسن جو شڪار آ.
هلاج سولي سوار ٿيو، مرد منصب دار آ.

2. من خدايم موج ۾، اڪمل چيو عطار آ.
ور ور اچڻ آري اندر، سر ڏيڻ سينگار آ.

3. عاشق اويسي ڪي اثر، الله خود آزار آ.
موج مدامي ملڪ جو، عاشق اپر دار آ.

4. **"شائق" مهيسي مست جو، مست عشق الست جو.**
**سودو دوبدو هي دست جو، عين ڪيو انوار آ.**

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (26)

**توئي صبح توئي شام، نڪو عشق ۾ آرام.**

1. صورت حال جو احوال، من مدهــوش بڻايو،
چشم چاه ڪير چاڪ، هجرون هير جـــي غلام ...

2. نظر نوڪ سندي چوڪ، جيءَ ۾ جــهوڪ لائي،
تفنگ تير منجهه سرير، جهڙو زلــف تــهڙو دام ...

3. فڪر فوج حسن موج، عـاشــق اوج ۾ عـالـم،
نقش نظار تي بهار، جـهـڙو بـلبل تهڙو بستان...

4. نـظر نـاٽ جـــي اثبـات، ڪـئـي ذات ظـاهـر،
قـرب قمام جــي بيــان، جهڙو الله سو انسان...

5. درس ديـد شوق شـــهـيد، ڪـئي آ عـيد عـاشقن،
فـڪر فنا ۾ ويـســاهـ، جهڙو ظاهر سو زبان...

6. "شـائق" يار سان گــفـتار، پـرين پيار آ تنهنجو،
هادي حق پاڪ ذات صفات، آيو انور تي احرام...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (27)

**آيو عشق اديون، مون ڏي ڪاهه ڪري،**
**سرتي سات سورن، جا بار پري.**

1. وَنَحْنُ اقرب ويجهڙو، درد وندن ڪان دم نہ پري..

2. اڄ اڱڻ ايوان تي، نينهن نچايو چوٽ چري..

3. "**شائق**" من مستان ڪيو، پيرِ مغان جي ذوق ذري..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (28)

**عشق اوهانجي يار اسانکي، ڇير پيرن ۾ ٻڌائي، قسم خدائي.**

1. ناچو تي مان نچندو آيس، در تنهنجي تي جائي …
2. محبت مچ توهانجي ٻاريو، دردن دونهين دکائي …
3. ڇيران پير ڳل پاتم جامان، عشق تنهنجي ۾ ماهي…
4. راتيان ڏينهان تات توهانجي، وات اها اٿم وائي…
5. ڪامل قرب توهانجي ڪيڙو، تتي کي تہ توائي…
6. اثيئي پهر اداسي آهيان، سڪڙي سرس سوائي…

Gul Hayat Institute

# ڪلام (29)

**پيم عشق جهولي ڦِڪي ڦِڪي،**
**لڪو وٽ لوڪن ۾، متان ڪو لکي ٽڪي.**

1. توڙي تئين مطلوب، طالب سڏائج،
جو دم حياتي، گولي تي نيائج،
بانهپ جي بولي، ويهه رکي رکي..

2. سامي سدا سهائن، جيڪي جسم جلائن،
تيا سون سارو، ته به سکو پيا سڏائين،
قرب آريائي ، تن جو لڪي لِڪي..

3. ڏونگر ڏاڪا، لڪ جهڪ جهاڪا،
اڪين اوجاڳا، ٽڪي ڪي تاٻا،
سوين سور **"شائق"**، ڪان ڪو سڪي سڪي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (30)

**اهـا عـام ڪان الڪل وينٿي، جا تي عشق پٺي اقرار ڪيا.**
**مـرحـبـا مـحـبـوب جـي، آزار دور دبـار ڪـيـا.**

1. وه سـچـايـون سـالـڪـن جـون، انـاالـحـق ارشـاد ڪـيـا.
سـر سـروپـا، اي صـنـم. يـار جـي اغـيـار ڪـيـا..

2. قـائـم قـطـري قـول جـي، ڏڃ سـريـون تـن ڏار ڪـيـا.
قـول ۾ ڪـسـجـي ويـا. لاثـان لا مـعـيـار ٿـيـا..

3. ڪـيـن پـيـا چـاڻـن جـن ڪـي، ڪـيـن ۾ قـربـدار پـيـا.
لـن تـرأنـي نـاز سـان، سـجـڻ پـٺـي سـيـنـگـار ڪـيـا..

4. دم ارنـي جـي دلاسـي، پـريـن پـٺـي پـيـار ڪـيـا.
"شـائـق" نـيـزي نـيـنـهـن جـي، دلـربـا ديـدار ڪـيـا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (31)

**عشق آفت آ الاهي، جوان ڳولي سو هي جَنگ،**
**بره بيپرواه باڪو، ناز ٽيا ٽنهن جا نسنگ.**

1. مچ محبت جو ٻريو، آڙاه تي عاشق آيا،
بي مثل تنهن باه تي، پرواز پيڙاڪن پتنگ..

2. سر ڪٽيا سر مست صوفي، ڪند لٽا ڪلر ڪسن،
وره ويراڳي تڪو، وڃهي وڃيرن ڪي تو ونگ..

3. عشق ڪاريهر نانگ ڪارو، خبر ڪاڏن ڪان پچو،
زهر جنهن جي زبان ۾، وسري نہ واسينگن جو ڏنگ..

4. شهنشاه شهباز مون ڪي، شوق مان **"شائق"** سڏيو،
**مهر جي مرشد ڪئي، منظور تي ويو هي ملنگ.**

Gul Hayat Institute

## ڪلام (32)

**عشق اڌيم اڳي اڳي، مذهب واري ملڪ ڪان.**

1. لا مذهب جي معنيٰ مولا، طلب رکيو پيو تڳي.

2. لا مقصود في الدارين فيها، لا هو لقب سان لڳي.

3. "**شائق**" عينون عين تيا عاشق، درد وڌي دل دڳي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (33)

**تنهنجي عشق سندي امداد، اچي سرسلطان ڪيو.**

1. عشق تنهنجي جي اعلىٰ عنايت، حسن هادي ڪيم هدايت،
نينن سندي ئي ناد، موهي من ميدان ڪيو..

2. شاه وڏائي پنهنجي شاهي، مست قلندر بي پرواهي،
منصوري تہ مراد، سارو سر سبحان ڪيو..

3. عشق امانت سات سلامت، پير مغان هٿ نينهن نعمت،
"شائق" تي دلشاد، صاحبڏني سر انجام ڪيو..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (34)

**ڪھڙيون عشق تنھنجي جون ڳالھيون،**
**اسان کي ديد ھٽي وئين دوناليون.**

1. جڏھن يار آيو اسان جي ويڙھي،
اسان کي عشق لڳو تنھن ويري،
سڙي جان ويئي جيئري،
ھٽي يار ويو تہ دوناليون.

2. جڏھن عشق حقيقت آيو،
بسم الله ڪري جھولي پايو،
تڏھن سيني صاف سمايو،
ھاڻي يار وٽن چڱيون چاليون.

3. سڪ "شائق" کي مستان ڪيو،
تنھنجي حسن متا حيران ڪيو،
تنھنجي نينھن ڪٺي تابان ڪيو،
نيٺين نير وھي ڪن ناليون.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (35)

**آيو عشـق اديـون آفـات، سـورن جـا سـاٽ پـري.**

1. عــشق شـهــنشاھ ميدان ۾ آيو، علم عقل روئي موڪلايو،
انـاالـحــق اثـبـات، سـر سـولـي سيـگهـ ذري.

2. مست مـهيـسي مـٽ تي محڪم، قمُ بِاذني قادر قائم،
اچـي پـيـس اوقـــات، لاٽـس ڪـل ذوق ذري.

3. مـحـبـت واريون ٿو موجان ماڻي، ڪات اڏيري تي سر آٽي،
گـهـاءُ ڪـيـو اتس گهـات، وهلو ٿـي ويـر وري..

4. **"شـائـق"** مـرد مڙيئي مستانہ، گهايون گهوٽ ٻڌي پيو ڳانا،
آهـي سـور سچـو سـوغـات، ڏسـي ڪـو ڏيـان ذري..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (36)

**عشق اوهان جي سهڻا، وڌم اکيران اندر،**
**ورهين تائين نہ وڃن، ايڏا عشق اثر.**

1. يار اوهان کان ماندي، پار پڇايان پانڌي،
وار ناهيان هڪ واندي، ساڙيم سوز هجر.

2. جو دم جاني پري، دل گهٽجين ۾ گري،
ساعت کان سري، طلب وڌي آ تصور.

3. ناز منجهان نهاري، وڌو مني کي ماري،
ڪسرت قرب ڏيکاري، دلڙي کسي تو دلبر.

4. **"شائق"** عشق عکس، ڪين حال حدث،
پير مغان هي پارس، پهچايم پريم ننگر.

Gul Hayat Institute

## ڪــــلام (37)

**نڪي مان هئي ملڪ ۾، نڪي تون جي تار هئي،**
**اِڪــي عــشق ڪان اصل، پرين ڇا پچار هــئي.**

1. نــڪي نــانهن نــفي ناز،نڪي ڪنف هو قلم،
نڪي هاء نڪــي هــوءِ، اتــي ڇا هونگار هئي.

2. نڪي خلق هو نہ خــالق، ڪــيهي ڪنهن قرار هئي،
نڪي چاند سورج چــيــن، ڇــا دارو مــدار هئي.

3. نــڪــي تــرڪ نڪي تارڪ، نڪي فرض هو فرق،
نــڪــي غــيبت نڪي غرق، غلبي ڇا غبار هئي.

4. ڇــا شــوق ڇــا آهي "شائق"، اتي ڇا معيار هئي،
اونــده ۾ اجــان، ڪــيــهــي وار پــار هــئــي.

Gul Hayat Institute

# ڪــــــــلام (38)

**ڇا ذڪر ظاهر ڪجي، عشق حضرت نور جو،**
**قربدارن ڪي قصو، معلوم سڄي مذڪور جو.**

1. هـلاج حـق ثـابت ڪيو، دوست جي دستور جو،
سـر مـتـي سـولي چڙهيو، ڏس مرتبو منصور جو.

2. ڏس شـتـابـي شمس جي، منجهه معرفت منظور جو،
آفـتـاب امـرالـنـما، رشـڪ قـمر رنـجـور جو.

3. ڏس قـربـداري قيس جي، ويڙهيو ولهين وهلور جو،
مـنـجـهـه لطيفي ليل جي، بـاڪـو بـره پرپور جو.

4. پـيـر مـغـان پڳدار **"شائق"**، ڏنو ذرڙو ذوق ضرور جو،
عـاشـقـن لاءِ اڪـبري، جلوو حسن حضور جو.

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (39)

**عـــشق عجب آ يحرڪ بازي، رندن ريءَ پروڙي ڪير.**

1. عـــشق عـجب آفات الاهي، آهي بحر حقيقي جائي،
مـــرد ڪـــي لـــهـــنـدا، تـــنـــهـــن جو پـــيـــر . .

2. مـــوسيٰ ۽ فرعون لڙائي، ڪيئي ڪاتب ڪنور ڪڏائي،
ســـالـــڪ لـــهـــنـدا، تـــنـــهـن جو ســيـــر . .

3. جــنهن تن پيو آڙاهه ٻاري، سر سينگاري ماري جيئاري،
پـــرت ونـــدا جـــي پـــائـــن پـــيـــر . .

4. مجنون جهڙا مست بنائي، شاه منصور سولي سرچائي،
پـــاڳ ونـــدا ڪـــي ڪـــٽـــنـــدا پـــيـــر . .

5. پـير مغان پيو هينئن فرمائي، آسان آهو ڏي سر لاهي،
شـــائـــق ڪـــئـــي آ دم نـــه ديـــر . .

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (40)

**رڳ رڳ عشق اناالحق ٻولي، هڪ وحدت سان واپار لڳم**

1. ذڪر ذاتي ٿيو اثباتي، هو هو اندر هلڪار پيم.

2. ٻره ٻـهير ٻـڌا سر اسانجي، نينهن ڪٺي نروار ڪيم.

3. "شائق" تو اناالحق الائي، توڙي ڏڙ سسي ڪان ڏار ٿيم.

Gul Hayat Institute

## ڪـــــلام (41)

**عشق ڇا ڇائي دين ايمان، ڪفر قدسي ڪهي ڪلام.**

1. مـذهــب مـلـت ڪـان آهـي نيارو، قول ڪلام ۾ ڪافر ڪارو،
مـرد مجاهد مست مدام.

2. عـشـق نہ ڇـاڻـي ڪـشـف ڪـاني، فرض فنا ۾ فائق فاني،
سنت نفل جو صحي نہ سلام.

3. وتـر واجب وهم وڃائي، تـهجد اشـراڪ ڪـان تـارڪ آهي،
عصيٰ ڪوزا ڪوڙ قمام.

4. گـهـاٽ اڏي ڪـون منهن نہ موڙي، جهات اناالحق جي پيو جوڙي،
جـنگ جلالي پي ڪر جام.

5. عـابـد عـالـم ڪيئي پلائي، عارفن تي پيو هل هلائي،
بـره وڏو آ بيشڪ بدنام.

6. مـن رأنـي جي موج مـلـهـائـي، شـاهـ شـمس ڏني ڪلڙي لاهي،
محض نہ سمـتا مـلا مـلام.

7. ”شـائـق“ عـشـق جـڻـيـون جو پائي، لا جي لا مان لاثاني لائي،
عـيـن عـوشـاقـن ڪنيون انعام.



Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (42)

**اصــل ڪان عشق وارن تي، حسن حملو ڪرائيــنــدو آ،**
**تجمل تاب تجلي جي، جسم ساڪن جــلائــيــنــدو آ.**

1. مـــوتـــو ماذا مزا مـــاٺـي، مظهر تي مـلـهائـيــنـدو آ،
جــرعــہ جـم جام لب مـــســـتـن، پريمي تي پيئائيندو آ.

2. شـــــتـونا شور ڪري شاهي، چنبي شهباز چائيندو آ،
ڏيــــئـي ڇيها ڇني ڇاتيون، ڪري تن طعام ڪائيندو آ.

3. نـــظــاري نــاٿ نــرگس جي، عوشاقن ڪي اڙ ائيــنـدو آ،
ڏيـــــئـي مـوجان فنا واريون، نفي جو ناد وڄائيندو آ.

4. حـقـيـقت حال جو همدم، حڪم حاڪم هـلائـيـنـدو آ،
پــــيــــي ديـوار دوئي واري، هستي هڻڻ هڻائيندو آ.

5. مـــهيسي ملڪ جو مالڪ، آديسي تي الائــيــنــدو آ،
الــعشق نينهن نارا جا، دونهان دل تـــي دڪـائـيـنـدو آ.

6. صــنــم ڏيـئي سيڪ صورت جا، تنورو تن تپائيــنــدو آ،
شـــمــع بـازار ۾ "شـائـق"، پتنگن ڪي پچـائـيـنـدو آ.



Gul Hayat Institute

# ڪلام (43)

**ڏس بره جي پلائي، ڪونان ڏيئي ڪمائي،**
**سر عاشقن جو اڪبري، ڪنها ڪنيو ڪنوائي.**

1. منصور مست مجازي، رند راز تي هن راضي،
بيرنگ بنائي بازي، صدمه ويئو سهائي..

2. ياور يگانو ياقي، سولي تي سر عوشاقي
بحر بقا کي باقي، مردان ٿي ملهائي..

3. جنهن سان رکي پيو ياري، في الدارين ۾ فراري،
هڪ سان رهي هيڪاري، ونحن وٺيون وجائي.

4. عاشق اڏي اثر تي، نيزي نيشان نظر تي،
سالم صحي سفر تي، هوڪا ڏيئي هلائي..

5. "شائق" حقيقي هڪ آ، ارشاد اناالحق آ،
سڪ سور جو سبق آ، پرتوُن پيو پڙهائي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (44)

**جنهن ڏينهن لا تـ. نينهن، اهو وار ياد ٿي،**
**هـن حال واري خيال جو، ڪجهه يار ياد ٿي.**

1. سـڪ سوز واري تـار جو، سنسـار ياد ٿـي،
سر ڏيئـي سـور پرايـڻ ، سو واپار ياد ٿي..

2. ڪـنـهـن قـرب واري قـول جو، اقـرار يـاد ٿـي،
جـنـهـن دام ۾ دلـڙي پئـي، ديـدار يـاد ٿـي..

3. هـن گـر سـنـدي گـوهـر جـو، گـنـتار ياد ٿي،
حـسـيـن جـي تـلـقين جـو، ڪجهه پيار ياد ٿي..

4. عـشـق جـي آڙاهـ جـو، آزار يـاد ٿـي،
بـيـرنـگ پـاپـوتـي وارو، سـيـنـگـار ياد ٿي.

5. جـنـهـن ڏيـهـ ڪان آئـين ڇڏي، اهو يار ياد ٿي،
جـنـهـن واٽ سان وحدت وڙتـو، ويچار ياد ٿي.

6. جـنـهـن عـبـرت مـان عـاشـق ٿـئـين، اسرار ياد ٿي،
جـنـهـن شوق مـان "**شائق**" ٿـئـين، ساڪار ياد ٿي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (45)

**جاڪون نينهن لايم، ٻُل ڳيڙ پايم،**
**سرتيون سورن ۾، عمر وڃايم.**

1. ڄڪن چاڪ مٺي جا، ٿيا سور ساوا.
ڦَٽيو ڦر جهلن ٿا، عشق جا اٿاوا.
ڪري ڪيئن ڪلهڙي، وڏي درد دعوي،
نماڻي نصيبين، اڏيون عشق آيم.

2. ياري يار لائي، وئين ڏک ڏيکائي،
ڏکن درد ڏونهان، مچ وئين مچائي،
وجهي دام دلبر، وئين دل ڦاسائي،
ڦاٽي جا ڦٽڪي، چنبي عشق چايم.

3. لڳو داغ دل کي، هٿون هوت هاڻي،
ڳاڙها ڳاڙها ڳارن، جهجهان پٺي جهوراڻي،
ڪيو نينهن نانگي، سورن ساماڻي،
واندي وار ناهيان، ڏکن جي ڏکايم..



Gul Hayat Institute

4. اتـــن ٿـيون اليلان، انـدر هـانءُ قـاڙي،
ورہ جـــي وروهـــــن، وڏو ســـاه ســاڙي،
بـڇـي کـيـئن بلکل، منجهان درد ڏاڙي،
انـدر ۾ اکـيـران، نيـٽـيڻ ننڊ نہ آيـم..

5. اصـل عـشـق واريون، ڏکيون هن ڏهاڙيون،
کـرن روز راڙيـون، سـک سـوز ساڙيون،
بـره بـاه بـرسر، انـدر ۾ امـاڙيـون،
ڪيان کيئن **"شائق"**، صحي سر سمايم.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (46)

**خاص خواريون خلق جون، اهي نينهن نيشانيون مڪيون،**
**بار پريون بيحد بديون، عشق احسانيون مڪيون.**

1. گلا غيبت هل حشر، اوڙي پاڙي پئي پچر،
انهي ذوق پهرايم زيور، دوست درجانيون مڪيون.

2. طعناتنڪا طالبن ڏي، هل هڳاما حاذقن ڏي،
احد اصل عاشقن ڏي، بره بدناميون مڪيون.

3. ميڙي ملامتون ملڪ جون، خاصن ڪنيون خلق جون،
اهي ديدار واري دلق جون، پرين پريشانيون مڪيون.

4. جيڏو خلل خلقت ۾ وڌو، تيڏو عشق جو الٿو قڏو،
پجي هوڏ هستي جو هڏو، محب مهربانيون مڪيون.

5. اظهار "شائق" علامتان، پنهنجي محبوب ڪارڻ ملامتان،
اهي عاشقن ڏي امانتان، صنم صمدانيون مڪيون.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (47)

**ڳلي ڳلي ۾ وويار پيارا، تنهنجي عشق نچايو.**

1. چير پيرن ۾ جامون پايم، در تنهنجي تي نچندو آيم،
اهو سانگ بنايو، مان سانگ بنايو...

2. ديدن سان ديوانو ڪيو ٿي، قرب سان قاتل ڪان هنيو ٿي،
ترس نہ آيو، توکي ترس نہ آيو..

3. پاڻ ڏاڍن سان نينهڙو لاتم، ڇاڻ اهو مان اڳ نہ ڄاتم،
فڪل ڦاسايو، ڪنهن فڪل ڦاسايو...

4. آهو نين صنم تا چائن، "شائق" سر شڪار ڪمائن،
گهورن گهايو، گهورن گهايو...

Gul Hayat Institute

## ڪلام (48)

**تنهنجي بره ڪيو بيوس مٺا،**
**تنهنجي نينهن ڪيو نا وس مٺا.**

1. تنهنجو عشق چوان يا آڙاه چوان،
يا باري بره جي باه چوان،
يا قرب چوان يا ڪٺاه چوان،
لڳو داغ سيني تيو جس مٺا.

2. يا نينهن چوان يا نواز چوان،
يا باز چوان يا شهباز چوان،
يا پروازي پرواز چوان،
توکي ويري چوان يا وارث مٺا..

3. يا ميم محمد مختيار چوان،
يا تو عين علي اظهار چوان،
يا توکي الف ايراني تلوار چوان،
جيڪو ڏيو ته مُنِي کي ڏس مٺا..

Gul Hayat Institute

4. "شائق" ماندو مشتاق آهي،
تنهنجي سگ جي پيرن جي خاڪ آهي،
اهو گولو غلام تنهنجو چاڪ آهي،
اچي ويڙهي اسان جي وس مٺا...

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (49)

**ناچو ڪر ڪي نينهن نچايو، بره گهمايم ڳلي ڳلي.**

1. جامان جٽيون ساز سنوان ٿيا، عشق ڪئي آ علي علي..

2. لا مــذهب جي پڙ ۾ پياسي، نانهن وارن سان رلي رلي..

3. قـرب وارن جي ڪـوٺالي ۾ ، ويـڙم جيءَ جلي جلي ..

4. سانگي ڪاڻ سيالڻ جيڏيون، چاڪ وڏي دل چلي چلي..

5. طـبل تماشا طولان تنواران، ڪاه وڏي سان ڪلي ڪلي..

6. در در بــڪيا پـنندو آيس، حال وڏي سان هلي هلي..

7. "شـائـق" يـار اڳـڻ تـي آيـو، ڀاڳ وڏي سان ڀلي ڀلي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (50)

**تنهنجي نينهن ڪيو آهي نانگو نسنگ،**
**تنهنجي محبت ڪيو آهي مست ملنگ.**

1. ڪل ڪون پيم آيم عشق اري،
رکي وير واسينگ اچي ويئو وري،
اهو ڪاڏي بناڪڏهن ڪين ٽري،
ڪري ڪست ڪاريهر هنيو اٿم ڏنگ

2. تنهنجي زهر ذري دل ڪئي چست چري،
ٿيو مدهوش مغز آيو وِهُه ته وري،
پرٺي جان جسم تي ويو هانوَ ڳري،
خمر خاصو ٿيو نشي لاٿم رنگ..

3. سڪ "شائق" کي پرپور ڪيو،
تنهنجي نينهن ڪٺي ناسور ڪيو،
تنهنجي حال هلاجي مخمور ڪيو،
ويڙهي وحدت تنهنجي وڌو آ ونگ..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (51)

**تنهنجي نينهن سندا ناز،**
**چم عوشاقن سر تي چايا.**

1. منصور جهڙا مرد مٿي تي، سولي تي سردار،
عشق اناالحق ساز سمايا..

2. نينهن جي نوبت نينهن وارن تي، بره جا باري بار،
رمز رضا گهاٽي گهوٽ گهمايا.

3. بره بهاريا ڪيئي بر ۾، مجنون مٽياندار،
غازين ۾ سي غماز سمايا.

4. حق موجودي مظهر من ۾، سارا جي سنسار،
انحد جي آواز ڏانهن آيا.

5. پير مغان هي پريم نگر جا، پرت وڏي سان پيار،
باب بره جي بياض سڪايا.

6. "شائق" حال هميشه همدم، حسن ڪيو هوشيار،
شوق هادي جي شهباز نوايا.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (52)

**سر خنجر جي ڌار ۾، ڏس عاشقن جي آهي عيد،**
**بره جي بازار ۾، چڙھي اناالحق تي پيا شهيد.**

1. نيزي نسنگ سولي صمد، مچ تي **مهيسي** ٿيا ملنگ،
پرواز سان پرڻيا پتنگ، بره تن جو آهي بعيد.

2. وسري وري دم نہ پري، آيل عوشاقن جي اري،
انهي ذوق ذاتي جي ذري، طلب سارو آ توحيد.

3. ڪسرت ڪلي جلوه جلي، هونگار **"شائق"** هو هلي،
انهي راز ۾ ويڙا رلي، سلطان ٿيا ثابت سعيد.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (53)

**جاڪون نينهڙو مون لايو، تاڪون سمايو سور،**
**ڪونهي ڪو محرم حال منهنجي جو، معلوم ڪيان مذڪور.**

1. ڪارڻ يار ڪوهياري ڄايم، ٻنڌنين ٻانيڻ لهر لوڙهايم،
خاصي خيال ڪتي جي آيم، ڏسي واهي تيم وهلور.

2. نازڪ نينهن ٻنيورم لاتم، در ڏوٻي جي ڄاڻ هي ڄاتم،
پختو پيچ پنهل سان پاتم، دوستي جي دستور.

3. مون ليڪي مهمان تي آيم، هوت بلوچن ڪان رهايم،
سيج ستي ڪي ڪنهن نه جاڳايم، ڪالهه ڪري ويا ڪلور.

4. رند وٺي تيس راه رواني، ٻره ٻورائو اڳ ۾ جاني،
قدم قدم تي مان قرباني، دم نه سهان پئي دور.

5. پنڌ جبل چپر جون چاٺان، رات انڌاري اماڙيون لاٺان،
پهڻ پير پٿون ڪيم قاڪان، چاڪن ڪئي دل چور.

6. تي اڳواڻ اڳيون آيو آري، درد وندي لاءِ هي دلداري،
مون ٻاجهاري هان ٻلهاري، محبت ۾ مسرور.

7. "شائق" ٻره ڪيو آ ٻيڪس، مون لاءِ خان پنهل آ پارس،
واحد شاهد وسطي وارث، نيهي نشابر نور.



Gul Hayat Institute

## ڪـــــــلام (54)

**بيخود بره جي باب جا هون،اسان نانگا نينهن نواب جا هون.**

1. ڪڏان نوري هون ڪڏان آبي هـون، ڪڏان عاشق شوق شرابي هـون،
ڪـڏان ڪوڏ ڪلال ڪبابي هون، ڪڏان مخزن راز مطباب جا هون.

2. ڪـڏان رومي هون ڪڏان زنگي هون، ڪڏان ناز نياز ۾ رنگي هون،
ڪـڏان مظهر ملڪ ملنگي هون، ڪڏان شعلي شوق شتاب جا هون.

3. ڪـڏان مـسـت ملنگ مـوالـي هـون، ڪـڏان جلويدار جلالي هـون،
ڪڏان نور جلال جمالي هون، ڪڏان صاحب صبر اسباب جا هـون.

4. ڪـــڏان عالم فاضل، عابد هون، ڪڏان زهد ذنـــار ۾ زاهـــد هـــون،
ڪـڏان شـاه شـراب جا شاهد هون، ڪڏان مفتي ڏوه ثواب جا هون.

5. ڪـڏان بـلـبـل تي بوستانـہ هون، ڪڏان عاشق تي آشـيـانـہ هـون،
ڪڏان شمع تي پروانـہ هون، ڪڏان "شائق" شوق شـبـاب جـا هـون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (55)

**پره ۾ بزرگي جو ،نالو نام ناهي،**
**شيخي مشائخي جو، شرف شان ناهي.**

1. وهي نينهن نعرو، ڪپر ڪن ڪارو،
نيڻن حو نظارو، شهدا شغان ناهي.

2. پره بدنامي، نرمل نشاني،
بقا جي بندر ۾، پيو ڪو بدنام ناهي.

3. ڪفر آ قدوسي، سر پاڪ صوفي،
ملا جهڙو مجوسي، پيو ڪو حرام ناهي.

4. ڪاذبين دنيا ڪوا ڪيا قاضي،
پٽيل پيري جهڙو شڪي شيطان ناهي.

Gul Hayat Institute

5. اصل عشق وارا شهيدي هن "شائق"،
ڪڏي سر ڪهائن، پيو قربان ناهي.

# ڪلام (56)

**اڄ نہ ٻڌيون هيم اهڙيون، ٻره سنڌيون ٻاتيون وو يار.**

1. ڏينهن ڏکن سان ڏوريان، رت روئي راتيون وويار.

2. پل پل پور پرين جا، تن اندر تاتيون وو يار.

3. پون اليل عجيب جا، چلن پيون چاتيون وو يار.

4. سپنا سک سڙي ويا، ڏکن ۾ ڏاتيون وو يار.

5. ٻرن هڏ ٻروچ لاءِ، چمن ۾ چٽاتيون وو يار.

6. آرانڀيون ارواح کي، لاکيئڙي لاتيون وو يار.

7. "شائق" دل جهٽي ويون، جهاتي ۾ جهاتيون وو يار.

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (57)

**سچو رندن جو حال آ مدهوش مستي ۾ سدا.**
**نيـنهن ۾ نانگا نسنگ، فراق ۾ فاني فدا.**

1. چاڻ چاڻن چاڻ ۾ ، قـرب واري ڪاڻ ۾،
جن لـڌو آ پاڻ ۾ ، نـاز تـن جـو آ نـدا.

2. گر پسي گرنار ٿيا، نانگا نفي نروار ٿيا،
عاشق اصل اظهار ٿيا، جن ڪئي گر ڪان گدا.

3. نينهن ۾ نروار ٿيا، عاشق اصل اوپر دار ٿيا،
اهي مئخاني مختيار ٿيا، منصور تن جي آ صدا.

4. "**شائق**" مرد مخمور ٿيا، محبتي، مسرور ٿيا،
حاصل سدا حضور ٿيا، ميرا هيا توڙي مندا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (58)

**واه حسن هٿيار اوهان جا، سيني ڪن سنگار.**

1. ڪات ڪهاڙا بغل بندوقان، ڀالا برڇون بيشمار..
2. ديدان دونالیون ڪان ڪمانا، چٽن ٿا چوڌار...
3. تير تفنگي تيز تماچا، لڪين لک هزار...
4. جنگ فرنگي نوجان قالر، شوريل ڪاڻ شڪار...
5. **"شائق"** ناز نوان ڪن نخرا، صورت جا سردار...

Gul Hayat Institute

## ڪــــــلام (59)

**ڦريا شاه حسن جڳ سارا، تابع تخت سڪندر دارا.**

1. سيفل سعد جهڙا سو صادق، مست محمود ايازي عاشق
بــره ڪـــيـــا بـــردارا..

2. يوسف صورت سر سبحاني، ذوق زنداني منجهه ڪنعاني،
مـــصـــر ۾ مـزيـــدارا..

3. يـونـس پيٽ مڇي جي وڙيو، وه فرهاد پٿر سان پڙيـو،
ڏيـئـي اگـر جا تـہ اشارا..

4. ساهڙ خاطر سهڻي ديواني، ليل لقب تي قيس قرباني،
ولـــهـــيـــن ڪـيـا ولـهـارا..

5. ذڪريا سر ڪرٽ چيرائي، سرمد سيس ڪڏيو پيو ڪهائي،
وحـــدت جـــا وڻـــجـــارا..

6. صنعان جهڙا عابد عالم، تن تي فوجان حسن جون فالم،
چشـم چٽي ڪـيـا چـارا..

Gul Hayat Institute

7. لوط لقمان فراقي فائق، سليمان جهڙا تخت کان تارڪ،
کيا نوري نينهن نظارا.

8. منصور جهڙا مرد مٺي تي، قائم ڪيف ڪلال ڪٺي تي،
ڪسڻ جا تہ ڪوڏيارا..

9. قائم قادر ابنِ علي وٽ، هر تقدير قدير ڪلي وٽ،
نُوان نوان ناز نظارا..

10. عبرت ڪسرت وحدت واسي، پريم ننگر جا پيوند پياسي،
سرڏين سوپارا..

11. ربِ ارني جي آواز اڙايا، لن ترانيٌ جي ناز نوايا،
موسيٰ جهڙا مت وارا..

12. حضرت عشق جنهن سر آيو، هر هڪ پنهنجو وقت نڀايو،
هاڻي وريا "**شائق**" تنهنجا وارا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (60)

**اصل دوست کان دل دم دور نہ آهي،**
**حضرت حسن ۾ ڪو، ڏک ڏور نا هي.**

1. اهلِ محبت مجاهد آ ڪوئي، لڪن ۾ هڪو هڪ شاهد آ سوئي،
سواء سر جي سودي ڪان منظور ناهي....

2. ابرلاء لڪن ۾ ڪڪرڪُن ڪارا. تَسي منجهہ تڙ جي ورتس اج وارا،
تـوڪل جي ترهي کي پهہ پور ناهي....

3. اصل عشق ۾ ڪا پاس خاص ناهي. بره بي ريائي سخن پيو سٹائي،
جـو آجو اکين ڪان سو منصور نـاهي....

4. ريء عشق افراط اجائي جنم، سواءِ سڄڻ جي تئي دم ختم،
هـرو پرو حياتي جو ضرور ناهي....

5. نسنگ نينهن "**شائق**" نظر ۾ نيارو، ديدن ۾ دلبر پرين آ پيارو،
حقي حج حسن آ پيو حضور ناهي ....

Gul Hayat Institute

# ڪلام (61)

**ڪعبو حسن حقيقي، سجدو ڪرن سناسي،**
**پروان تي پچن ٿا، شرفؤن شمع شناسي.**

1. تصوير ڪن تلاوت، محبت سندا مهيسي،
جرعو جو جام پيئن، وحدت وصال واسي.

2. عينن سندي عبادت، خاصا ڪرن خلاصي،
چمڪي چلت چشم جا، چالاڪ چست چاسي..

3. حسن جمال حق جا، آتش پرست آسي،
حيرت اندر بشرجي، بلڪل نه بوءِ بٺاسي..

4. صورت جو سير سفرا، غازي ڪرن غواصي،
سر جي سڄاڻ **"شائق"**، خاص الخطاب خاصي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (62)

**تنهنجي حسن صورت سبحان، موهي مستان ڪيو.**

1. ابرو برائي مئي ماه منور، سروَ قد اندام صنوبر،
تنهنجي قرب سندي هي ڪمان، ڪشي هي ڪان هنيو..

2. اَنَّا اَحمَّد بِلا مِيمٍ، عرش عقاب احد عظيمي،
ارض فلڪ آسمان، بشر هي بيان ڪيو.

3. جلوي نما خود سر سبحاني، سر تي چيرا لامڪاني،
تنهنجي پنبڙين جي پيڪان،ماري ميدان ڪيو..

4. رمز ربوبي نينهن نظارو، سر "شائق" جي آيم سارو،
تيو هوش عقل حيران، دردن ديوان ڪيو...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (63)

**آهي هردم حج حضور، ڪعبو حسن ڪرامت وارو،**
**مرحبا منظور، موڪيم مهڙو ملامت وارو.**

1. العشق ناراً جنهن سان ناتو، بت ٻسم ۾ سو مان سڄاتو،
نـاز پـريـو ئي نـور، ڏنـو مـون سـهڻـو سخاوت وارو.

2. وَفِيْ اَنْفُسِڪُمْ سر هي سارو، پاڻ ۾ پسيم پسڻ ۾ پسارو،
نـينهن نسورو آ ناسور، تـير تـڪو آهي تـلاوت وارو..

3. انس جي اولي ديدن سڄاتم، ڇاڻ انهي کي ڇاڻ سان ڇاتم،
هـي مـرحـبا مـنـظـور، اَنَـاالـحـق هـي اشـارت وارو..

4. جن ڏنو پيهي پاڻ ۾ "**شائق**"، مست قلندر ترڪي تارڪ،
مـسـت ٿـيـا مـسـرور، اجـاري عـادت وحـدت وارو.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (64)

**سهڻي صورت جا سينگار نوان، يار نوان ديدار نوان.**

1. تنهنجي حسن صورت جا، مير نوان امير نوان،
شاه گدا فقير نوان، سلطان نوان سنسار نوان.

2. محب نوان مجاز نوان، عين نوان اياز نوان،
ارشاد نوان اعجاز نوان، انوار نوان اطوار نوان،

3. ماڳ نوان مئخان نوان، ملڪ نوان مستان نوان،
ڪان نوان پيڪان نوان، هجرات هڪل هٿيار نوان.

4. دوست نوان دلدار نوان، مئي محبت جا مٽيان دار نوان،
قرب نوان قربدار نوان، ڪليا پريم نگر جا پيار نوان.

5. ابرو برا مئي ماه نوان، ناز سپاه جا ساه نوان،
اگاه نظر جا نگاه نوان، سر "شائق" جي شڪار نوان.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (65)

**سھڻي صورت جو جلوو ڏنم جمال،**
**واه واه نـاز پرين جي ڪيو نينھن نھال.**

1. سچو عشق پرين توسان پاڪ لڳم،
جاڪون وئين تہ لڏي فراق لڳم،
بازار بره جي ڪلي سر جو واڪ لڳم،
سودو درد دڳيو ٿيم عشق دلال.

2. واه واه درد وندن جي دل ۾ مچ مچن،
ماريا محبت جا ڪنھن سان ڪين ڪچن،
سڙيا صحبت جا ھر جاءِ ھڪ ڏسن،
ھمدم حاضر ناظر واصل وره وصال..

3. ازلي عوشاقن ڪي ماريو نينھن نظر،
پسي صورت صنم جي چپيو شمس قمر،
ڄاڻن مرد ھميشہ محبت جو قدر،
ڪنھن ڪي ڪين ڏسن انحد جو احوال..

Gul Hayat Institute

4. جلوه ناز حسن جا آهن جنگي،
تکا تير بچائن زوري زور زنگي،
ڦهري ڪان پون ٿا "شائق" پار لنگهي،
هينئڙو هجر ڦٽيو لاتي درد ڏمال..

Gul Hayat Institute

## ڪــــــلام (66)

ڪيو مست اکين مشتاق مون کي،
ڇُتي چست چشم جي ڪيو چاڪ مون کي.

1. مــژگــان مــسـت اکـيـون مـيـثاق واريـون،
هــيـهـات جـي حـال هـيـراڪ واريـون،
وڏي سـوز گـداز فـيـراق واريـون،
ابـر عـينن جي ڪيو عوشاق مون کي.

2. نـيـنـان نـاز غـمـاز سـاڻ لـڙن،
آغـاز عـقـاب شـهـبـاز ڪـرن،
سـڪ سـوز وارا تـا سـاز ڪـڍن،
ونگي وره تنهنجي ڪـيـو واڪ مـون کـي.

3. اکـيـون مـسـت سـدا مـخـمـور رهـن،
مـنـظـور هـمـيـشه حـضـور رهـن،
داريــن دلــق دسـتـور رهـن،
ڪيو هڪل حسن جي هـوشـناڪ مـون کـي.

Gul Hayat Institute

4. وجهن سل سل پيچ پريت پڪا،
انصاف اڪين جا يار يڪا،
منجهه نينهن نفي جي بحال بقا،
ڪيو خاص اڪين خوراڪ مون کي.

5. اڪيون شير تي "شائق" ساڻ لڙن،
منصور مجاهد مرد مڙن،
قربان هزارين گهوٽ گهڙن،
ڪيو حال هادي جي هيراڪ مون کي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (67)

**اکين کي عادتون آهن، وڙهڻ جا وير ناهن ٿيون،**
**شتونا شور ڪري شاهي، چنبي شهباز چائن ٿيون.**

1. لڙن مژگان مجاهد ٿي، ميثاقي مام کي ماٺن،
تفنگ تلوار نينهن نيزي، قدم قادر ڪڍائن ٿيون..

2. چشم چوگان ۾ چل پل، چلائن چوٽ ٿيون چينچل،
سريون سُرڪي لاءِ سِرڪي، اڏي عاشقن اگهائن ٿيون.

3. ڪمانا قوس ڪجلي جي، وڏو ڪڙڪاٽ قلزم ۾،
پيجي پولا عبديت جا، اناالحق پيون الائن ٿيون.

4. جلالي جنگ عينن جي، جذب جلوي نما جاني،
شمع شم شمس تبريزي، ڪِليو ڪلڙي ڪلائن ٿيون.

5. نسنگ نانگيون نگينه هي ،نظر نيشان تي نادر،
نظاري نام ور نيهي، ڪئين نانگا نوائن ٿيون.

6. حسن بازار جون "شائق"، ٿيون واصل وصالت ۾،
جمع جلوه جميلن جا، ڏکن جا ڏيهه ڏِيکائن ٿيون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (68)

**خوني مست اکيون خمارن سان،**
**وڙهن وير وڏي ويچارن سان.**

1. عينان عين وڙهن ٿيون يقينن سان،
سلطان سپاه سنگينن سان،
مارا مفت ڪرن پيون مسڪينن سان،
الٽيون عين اڙيون اشارن سان..

2. ڪشي ابرو قهري ڪان هٽن،
بينان بڙڇون نيزا بان هٽن،
هٽي ڪيفي ڪان نشان ڪرن،
حملا همدم ڪرن پيون هٿيارن سان..

3. جنگ اڪبر ۾ اکيون جوڙ جڙن،
ڪيو دور دلين تي پيون دوڙ ڪڙن،
چشمان چاه وڏي سان چور ڪرن،
پسن پاڪ ثواب سينگارن سان..

Gul Hayat Institute

4. سر "شائق" جي پيون ناز ڪرن،
سوين سوز گداز جا ساز ڪرن،
وڃي عرش دلين جا آغاز ڪرن،
مخمور رهن مزيدارن سان..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (69)

**موهن مرڪ لکين ماهتاب اکيون،**
**لڙدي ڪين رهن لاجواب اکيون.**

1. اهي ابرو سيف سڪيلا هن، سر عاشقن جي اربيلا هن،
اهي بيشڪ شير مريلا هن، لکيون ڪنهن نہ لکن ۾ لاجواب اکيون.

2. اکيون حملا ڪرن هزارن سان، مارن تيغ ابر تلوارن سان،
ڪٿا ڪين رهن ڪنارن سان، ڪهن شور وڏي سان شتاب اکيون.

3. اسرار اکين سينگار عجب، موهي ريخ ڪجل جي ڏار عجب،
سونهن عاشق کي آزار عجب، ڪرن قرب وڏي سان ڪباب اکيون.

4. سر"شائق"جي ٿيون شڪار ڪرن، وجهي پختا پيچ ٿيون پيار ڪرن،
وه وه رخ در انوار ڪرن، مڙن ڪين منصوري آفتاب اکيون

Gul Hayat Institute

# ڪلام (70)

**وانڪي واسينگن، جادو جڙيو جن،**
**مئي ڪي ماري مست ڪيو، اشاري اکڙين .**

1. دام وجهي دم ۾، جوڻون جيءَ جسم ۾،
قابو قرب قدم ۾، نهوڙيو نازن . . .

2. جڙ لائي جاڪون، چاڪ وجهي چاڪون،
چاڙ چمندي لاڪون، ستايو سورن.

3. سور ڪٺي ساتي، ذوق آيو ذاتي،
چيه ڏيئي چاتي، ڏڪائي ڏڪڙن.

4. مام ڏيئي ماري، واڳون ويا واري،
ڪاتيون ڪوهياري، هنيون هوت هٿن. .

5. ڏک پري ڏولي، لڙهندي ڏنائون لولي،
ٻنڌڻ منجهه ٻولي، سيڪائي سڄڻن.

Gul Hayat Institute

6. ڪُٿي آهيان قربن، هتؤن حبيبن،
اڄ ڪو عجيبن، وڌو روڄ رڳن.

7. "شائق" سورن سٽ، پڙهندي ڇاتم پڪ،
پسڻ ڪارڻ پِٽ، عادت پئي عضون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (71)

**موهي مست ڪن ٿيون مزيدار اکيون،**
**عجب عشق واريون اسرار اکيون.**

1. ڪڏيو ڪان مارن، ماري جيئارن، سدا سرسينگارن،
سينگار اکيون.

2. اصل هي البيليون، وجن پوءِ پيليون، چنبن ۾ چنبيليون،
ڪن شڪارِ اکيون.

3. اٿن شوق شاهي، عطا عشق جائي، وصل جي وڏائي،
ڪن واپار اکيون.

4. اچي ناز نوايا، تنهنجي گهور گهايا، ابرن اڙايا،
اقرار اکيون.

5. سينن منجهه سنگينان، حسن جون حسينا، هلاجون حقينا،
حقدار اکيون.

6. "شائق" پسن ٿيون، پسڻ ريءَ پسن ٿيون، وحدت ۾ وسن ٿيون،
ولهار اکيون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (72)

**پڪا پيچ پائڻ ڏين پيار اکيون،**
**ماري جيئارن مزيدار اکيون.**

1. ڪرن شور شاهي شهباز شتونا،
ڪرن عين ارواح آواز اصونا،
اڙن منجهه اشاري برابر بيچونا،
چڪي موت منصب، ٿيون مختيار اکيون.

2. وجهي ونگ وچيرن کي ويتر ورائن،
چڙهي نينهن نيزي انا الحق الائن،
ڪري ملڪ ميدان سورهيه سڏائن،
مهيسي مٿي تي ٿيون مئدار اکيون.

3. بي رنگ بره جون باراني برساتيون،
لڪي لوڪ کان پائڻ پيون جهاتيون،
مڙن ڪين ماسو هٽڻ کان ڪاتيون،
ڪڏيو پيون ڪاهن قربدار اکيون.

Gul Hayat Institute

4. عجب عشق وارن جو انصاف آهي،
مليو ملڪ مستي مدامي ملهائي،
وڏيا سر وريامن ڪلالن ڪڏائي،
ڪرن شوق "شائق" شڪاراڪيون

Gul Hayat Institute

## ڪــــــــلام (73)

**ڪـولـيـون درد ديــدان آئـــي دل جون،**
**اوڪـــي داغ جـدائـــي جـل پـل جـون.**

1. لوڪون لڪي پيون ليئڙا پائن، وڪڙ ڪيون پيون وريو واجهائن،
وه گهائل حسن جي گهل جون..

2. نـينهن واريون ننڊ ڪين سيبائن، سيج پلنگ کي آگ پيون لائن،
آزاريـــــون تہ ازل جـــــون..

3. سٽ ۾ سهيليون پرين پچارن، موت مراقبي گوندر گذارن،
مـري مـاهـر ٿيون منزل جون..

4. موت چڪي جي متيون متاريون، سر تنين جي خلق خواريون،
**اهي واقـف ٿيون ول چل جون..**

5. "شائق" نينهن کيون جيکي نانگيون، سر سچڻ ڪاڻ ڪن سريون سهانگيون،
**مـوتـو مـاگ قبـل جـون..**

Gul Hayat Institute

# ڪلام (74)

**ساه جو سودو سڄڻ سان، دوبدو ديدن ڪيو،**
**درد دائم دؤر داخل، خوب خورشيدن ڪيو.**

1. نيڻن نهاري ناز سان، حملو حُرشيدن ڪيو،
منجهه جلالي جي جذب سان، جلوو جوشيدن ڪيو..

2. ابر جي اسرار سان، پردو پوشيدن ڪيو،
ڳهات عينن جي اشاري، قرب ڪوشيدن ڪيون.

3. مسرور محبت ۾ هميش، روح روشيدن ڪيو،
دم بدم دائم دلين تي، دؤر دوشيدن ڪيو..

4. مست سر مئخان ۾، باهوش هوشيدن ڪيو،
مئي منداٺي ملڪ جو، مئي نوش نوشيدن ڪيو.

Gul Hayat Institute

5. "شائق" نظاري نينهن جي، سرشار شوشيدن ڪيو،
اناالحق آغاز تي، انصاف عرشيدن ڪيو..

# ڪلام (75)

## ڏورڻ تا ڏنڪن، آهُو نين عجيب جا.

1. ابرو سيف صنم جا، ڦٽيل ٿا مون ڦٽن ميان،
ڏيئي ويساه وصل جو، هجر ۾ هٽن..

2. فوجان هن فراق جون، اپيون باب سچن ميان،
ٿڏيون ڪوسيون سرتي، صوفي صاف سهن..

3. جذب جلالي جن جو، ماٽن سان مارن ميان،
جاڏي نهارين ناز سان، ڦريو فقير وڃن..

4. مڙگان تہ محب جون، چوهون ٿي تہ چٽن ميان،
"شائق" دل نيشان آ، مرجان چست چٽن..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (76)

**ڏنم ابرن جو آفتاب، شمس قمر کان تاب تکيرو.**

1. بادل پروڻ شوق ۾ شوريون، ڪونسيہ ڪن هي ڪيف ڪڪوريون،
مستي موج خطاب، بره بازن جو بال بثيرو.

2. ابر ليل ڪڪر ڪن ڪارا، شمع شمال چمن چمڪارا،
تجلي تابش تاب، زير زبر اوصاف اڇيرو.

3. صورت مورت ساڳيو سوئي، اندر ٻاهر هڪ هڪوئي،
بسمي ۾ بي تاب، دوست دمن ۾ لاٿو ديرو.

4. "شائق" حق حسن آ هادي، مظهر نور مخلوق منادي،
"انور" عين مآب، ڪعبو قادر ڪونين ڪويرو.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (77)

**مهتاب منهن محبوب جو، آفتاب مٽ نہ پانيان،**
**گلاب گوهر يار جو، اسباب مٽ نہ پانيان.**

1. ريوند رقيب رهبر، پيوند پرين پيارو،
پرتاب جي پسڻ ۾، شتاب مٽ نہ پانيان..

2. دُر جي اٺڪ الاهي، ال ال هي لب شتابي،
شيرين شڪر شڪنبين، هيو آب مٽ نہ پانيان..

3. ابرو برا منور، سل سل هي سمانا،
صورت صنم ستمبر، هيو فاضل خطاب نہ پانيان.

4. موجودات هي حسن جي، "شائق" نمائنده نينهن ٿيو،
سڀ پيار ۾ پڌرو ٿيو، هيو ڪو نقاب نہ پانيان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (78)

**محبوب گل گلابي نظر نواب تون آن،**
**سروِ ثمر سمو جو شجر شتاب تون آن.**

1. سايہ ۾ سڀ اچن ٿا، ارض وسماءِ سيئي،
نوري نظر نوابي، ابر آفتاب تون آن.

2. محبوب هن مٿي ۾، معبود ٿي موهين ٿو،
گرداب گل هي آبي، بادِ اسباب تون آن.

3. پائي طوق هي قمر جو، سينگار ڪيءِ سوايو،
موهي مرگهہ ماهتابي، صفر شتاب تون آن.

4. **"شائق" ڏنو آ توکي، تنهنجي نظر عطا سان،**
**واه واه عجب عجائبي، خاص الخطاب تون آ.**

Gul Hayat Institute

# ڪلام (79)

**پل نہ پري ٿي وو يار، داروں تون آهين درد وندن جو.**

1. سور وندن سان رهہ تون سائي، نفي اثباتي ظاهر ذاتي،
عشق وارن لاءِ آب حياتي، پرين تنهنجي پچار.

2. درد پرين جا دلبر دل بند، پريم نگر جا پارس پيوند،
مون مُٺي لاءِ گوهر گل قند، دوست تنهنجو ديدار..

3. مُئي کي گهور وڌو آ گهائي، ڏيهہ ڏکن جي ڪاهون ڪاهي،
توريءَ خيال شفا نہ آهي، دلربا دلدار..

4. آئي عجيبن چٽي عذابي، منهن محبوب ڏنم ماهتابي،
خمر خيال خاور خوابي، نور پريا نروار..

5. "شائق" فرض فنا ۾ فاني، پسڻ پسائي پاڪ پيشاني،
وه سُبُحانيءَ اعظم شاني، پير مغان پڳدار..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (80)

**تنهنجي درد هجر ساڙيو جيءَ جگر،**
**ايذا محب ماٺا مون سان يار نہ ڪر.**

1. تنهنجي درد فيراق ڪئي چست چري،
سگهو موٽ مسافر وطن وري،
ڏسڻ ساڻ پون منهنجا نيڻ ٺري،
خوش روح ٿئي اداسي اندر.

2. ايڏو درد لڳر اندر مچ ٿو ٻري،
ماريو سور هجر تنهنجي ذوق ذري،
دم دم دل سان ٿي پڪار ڪري،
اچ اڱڻ اسان جي لاهي ڏوه ڏمر.

3. هڪ درد لڳو ٻيو وڇوڙو ميان،
ساڙيو سور صنم ڏک ڏوڙو ميان،
لڳو جيءَ جسم سان جهيڙو ميان،
وڃجيم "شائق" دردن جو وڪر.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (81)

**دکن درد دونهان عوشاقن اندر ۾،**
**نچن ناز سان پيا نانگا نظر ۾.**

1. پرين لاءِ پروانا، مرد قرن مستانا،
ڪامل ٿيا قربانا، ابرن تيغ تبر ۾..

2. سڪ جو ساز وڄائن، ڳوڻن ڳلين ۾ ڳائن،
هر جاءِ نينهن نچائن، ديرو دلبر در ۾...

3. هڪ لاءِ هيڪاندا، سارين ڪنڌل ساندا،
وار ناهن واندا، سرتيون سور سر ۾ ...

4. قاتل فڪر فيراقي، "شائق" يگانہ ياقي،
محبوب لاءِ ملاقي، چشمن چوٽ چڪر ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (82)

**نڪا ننڊ نڪا جاڳ، آئي سورن ڪيو سجاڳ،**

1. طلب تار پئي پچار، بي اختيار ٿي بلڪل،
پلپل پور گهايو گهور، سرتيون سور آ سهاڳ...

2. چڪن چاڪ ڦٽ فراق، حسن هاڪ جي ماري،
ديد دستور سندو نور، ڏسي ڏور ٿيا ڏهاڳ ...

3. طبل طولان منجهه ميدان، نينهن نيشان جي ڪوڙيا،
نظر نگاهه جي سپاهه، لٽيو ملڪ دلين ماڳ ...

4. عشق آڙاهه سندي باهه، ساڙيو ساهه سڙي جو،
لڳي لوري آتش زوري، جيڏي اور تيڏي آگ...

5. دل دليل سڪ سبيل، آئي عليل بنايو،
تنهنجي ساز جو آواز، ٻڌي روح ڪيو راڳ..

6. تصوير وجهي چير، سيني سير وهايءِ،
"شائق" يار جو آزار، پلو پانيان ويٺي پاڳ..



Gul Hayat Institute

# ڪلام (83)

**قرب جي قطري ڪٽي سارو سر وڌو آ سور ۾،**
**ذوق جي ذرڙي ڪٽي پل پل اٿايو پور ۾.**

1. دل عاشقن جي وئي اتي، واصل وصالي تي وٺي،
محبت مولا جي تن مٺي، ڏنائون حاضري حضور ۾.

2. صحبت سناسين جو سمر، ميڙي مال محبت جو مندر،
ڪنڌ ڪات تي قائم قدر، ديدار جي دستور ۾.

3. ڏيئي ساه ڪي سامي سزا، ماڻن محبت جا مزا،
شب روز "شائق" غم غذا، نظران وڌائون نور ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (84)

**تنهنجي چاڪن ڪيو آ چور، ڏيپ ڏکن جا ڪنهن کي ڏيکايان.**

1. اگني آتش عشق مچايم، دل تي دمن اچي ڏڏ ڪا لايم،
پلپل پون تا پور، ڪالهو ڪو تي ڪانگ اڏايان.

2. دل تان دوئي ڇڏ دلبر لاهي، حل ڪيون عقدا وهم وڃائي.
ڏي دوستي جو دستور، ڳڻ ڳوڻن ۾ تنهنجا ڳايان.

3. هي دل درد فيراقن ماندي، ڏيهه ڏکن ۾ وار نه واندي،
سيج لڳي پئي سور، جانب تولاءِ جنم جلايان.

4. اچ ٻاروچل ڪر نه جدائي، ساهه سڙي ڪيو سڪ سودائي،
هي ڪيڏو قهر ڪلور، تنهنجي دوستي ۾ اجا ڏک ٿي پانيان.

5. عاجز دلڙي عشق آزاري، **"شائق"** مرض محبت ماري،
دم نه سهان پئي دور، روز روئي پئي واٽ واجهايان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (85)

**تنهنجي سڪڙي گهٽي، جائي پاڪ ڏٺي،**
**اچ قدم ڪٽي قربدار، مل محب مٺا منٺار.**

1. تنهنجي زلف زنگي، منهنجي دلڙي ونگي،
تنهنجا ناز ننگي، آهن جال جنگي،
تڪا تير لنگهي پون پار.

2. ڪئي دردن ديواني، آهيان مان مستاني،
ڪيان قرباني، توتان جوين جواني،
سر ساه صدق سو وار.

3. تنهنجي ناز لٽيو، آٽي گهور گهٽيو،
چوري چشم چٽيو، سالم سيف سٽيو،
مون ڪان منهن نہ مٽيو محرم يار.

4. تنهنجي طلب طمع، ماندي روزگهمان،
نڪي نيٺين نند، نڪي سيج سمهان
لاتيون درد ڏمان ڏڏڪار.

Gul Hayat Institute

5. مـن ۾ مـچ مـچـن، دونـهـان تـا مـون دکـن،
سـيـيـئـي سـور اچـن، عـضـوا تـا مـون ڏکـن،
سـهـرا سـر هـي سـچـن سنسار.

6. جـن جـي تـانـگـهـ آ تـن، مونجهـ ڏيئي ويا مـن،
"شـائـق" شـال اچـن، اولـي تـيـن نـہ اکـيـن،
وچـڙيـا مـان مـلـن، کـنهن وار.

Gul Hayat Institute

# ڪــــــــلام (86)

**مـون مـاندي جـي ڪـرڪائي، دل دم نـ سهي ٿي جدائي.**

1. روز روئـيـنـدي رات گذاريم، نيـڻـين ننڊ نـ ڪـائـي...
2. هن تـ مُـني سان سهڻل سـائـيـن، ايـڏي نـ ڪـر بيـپـرواهي...
3. هـي دل عـشـق آزار آزاري، چـڪـن چـاڪ انـدر م چـاهـي...
4. تـو بـن مـنـهـنجي سـهـڻـل سائين، واهـ نـ اٿم ڪا واهي...
5. درد ونـدي جـي درتـي دلـبـر، جـانـب اچ تـون جـائـي...
6. هـن تـ سـتي ڪي سور اٿاريو، سـڪ اٿـم سـرس سـوائـي...
7. اچ تـ پـيـارا پـنـڌ م پـهـچـج، ڏاڍي ڏکن دلڙي ڏڪائي...
8. عـاجـز دلـڙي عـشـق آزاريـم، رڳ رڳ روح الاهـــي...
9. "شـائـق" جـي تـون "انـور" سـائـين، لـهـ سار سنيال سدائي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (87)

**تنهنجي سڪ سانول، ڏکايا درمل، پل پل پوراوهان جي پارڻ پاريا پل.**

1. ڏکن هڏ ڏهاڙيون، وچن سور ساڙيون،
الهٽ جون اماڙيون، پاريون پاروچل..

2. ڪري ياد ڳالهيون، روئن نيڻ ناليون،
اکيون آب آليون، آزاريون اڪمل..

3. محبت لاءِ ماندي، نا هيان وار واندي،
هڪ لاءِ هيڪاندي، نماڻي مون نرمل..

4. اتن تيون اکيران، بره بي نظيران،
بي حد بهيران، جدائي جا جل جل..

5. "شائق" عشق واريون، نظر ۾ نياريون،
ور لاءِ ويچاريون، اڙيون عشق اڙوَل..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (88)

**توڪان سانول سائين ماندي مري ٿي،**
**اچ اوري ڪنهن ٿوري پاسي پل نه پري ٿي.**

1. سچ ڪيڙاڪن جهيڙا، پن ويڙها تن جا،
ڪٽي باهيون ساڙيان جايون، در ديرا تن جا،
ياد ويلا پون پيلا، جاتي ميلا من جا،
اهي ساريان ٿي سنڀاريان، ساعت ڪان سري ٿي

2. فيراق سندي چاڪ، من مشتاق ڪيو آ،
ڏسي ڏک پڳو سڪ، اندر آزار رهيو آ،
جسمات ۾ آفات، مرد مزار پيو آ،
ماه ڪائي ٿو سيبائي، لون لون ٺري ٿي.

3. درويش جي دل ريش هميش آهي،
دل درد رنگ زرد پيو سور ڪاهي،
خوشي خواب ڏي جواب نيڻين ننڊ ناهي،
شب روز درد نوش، ويني سور چري ٿي.

Gul Hayat Institute

4. سچو عشق توسان جاکون يار لايم،
مهڻا ملامت سر تي مان چايم،
ڏين طعنا تا بيگانہ ڳل ڳانا پايم،
سچي لوڪ سندي ٺوڪ سر تي ذري تي،

"شائق" يار سان دلدار نہ ڪر محب ماٺا،
چڪن چاڪ ڦٽ فيراق سچر سور ساماٺا،
پڙڪي باہ سنجھ صباح دونهان درد دکاٺا،
نکاگرمي نکا سردي رڳي آگ ٻري تي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (89)

**اڄـي مـل تـون مـنـا مـنـٺار، توريءَ ٻن پٺي راتڙي.**

1. يار اوهان لاءِ مست مون ماندي، ماسوا تنهنجي وار نہ واندي،
تـن مـن تـار تـنـوار، طـلـب اهـائـي تـاتـڙي..

2. سوز گداز صنم تنهنجي ساڙيو، ماس هڏن جو ڪُٽتين ڳاريو،
نـيـنـهـن نـسـورو نـار، بـاه چـوان يـا ڪـا بـاتـڙي..

3. سـاعـت سـاعـت ۾ تـوڪي سـاريان، وار مـلڻ جـا ويـٺي واريان،
سـاه پـريـون سـڏڪـار، پـيـتـم ڏڪـن جـي ڏاتـڙي.

4. **"شـائـق"** تـنهنجي پسڻ لاءِ پياسي، واحد شاهد وسـتي واسي،
**دلـبـر ڏي ديـدار، لـڪـي ڇـپـي پـاءِ جـهـاتـڙي.**

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (90)

**يار اوهان کي ساري، دوست اسان جي هي دل.**

1. سـور ونـدي ٿـي سـاري ، وار مـلـڻ جـا واري،
مـحب مـنـي ڪي ماري، هاڪ حسن جي هڪل.

2. پـانـهـپ پـولـي آهـي، سـيـنـو ڪـهـڙو سـاهـي،
حـاجـت حـجـت نـاهـي، روز ســاري ٿــو ســائـل.

3. لـڪ لـڪ تـورا پـانـيـان ، لائـق مـور نـہ لاهـيـان،
خـادم خـاص آهـيـان، چـشـم اوهـان جـي چـٽـيـل..

4. چـشـم هـٽـي وئـيـن چـوري، دلڙي ڪسي وئين زوري،
گـهـوٽ اوهـان تـوئـن گـهـوري، مـرڪـڻ جـي آ مـهـل..

5. **"شائق"** سـگ دربـانـي، صـدقـو جـويـن جـوانـي،
مـسـت ڪـيـومـئـخـانـي، سـاڙيم عـشـق اڇـل..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (91)

**دوست ڏسيءِ ڪنهن دل تي، اڏڻ دام دبارا.**
**يار پيارا.**

1. منصور جهڙا مرد مٺي تي، وحدت جا وڻجارا.
يار پيارا.

2. عشق وڏيون جن کي قيري قاهيون، مڙيس ڪين متارا.
يار پيارا.

3. مارن ٿا مهميرن کي، نيڻن جا تہ نظارا.
يار پيارا.

4. سوين لڳين صدقي وجان، پيهر مان پلهارا..
يار پيارا.

Gul Hayat Institute

5. سرمہ سينڌ ڪرن پيون ڪجليون، نوان ناز نيارا.
يار پيارا.

6. چشم ريفل وڏا، سيني اندر سٽڪارا.
يار پيارا.

7. "شائق" جيڪي محبت مٺيون. بره تنهن جا بارا.
يار پيارا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (92)

**مائٽ تنھنجن ماريو مُنا، تنھنجي نازڪڻي دلڙي چري.**

1. جوڙان جدائي جو چڏي، اڄ پرين منھنجي تڏي،
خوش روح ٿيا تنھنجا ڏني، ڏسي نيڻ پون ٺپڙا ٺري.

2. مفت مائٽن سان نہ مارتون، ڳڻ ڳالهيون ڪي وصال جون،
چڏ طرزان مٺي سان تال جون، نت سوز ۾ ويندو ساه سڙي.

3. پينر پيند مٽي جا وار ٿيا، سرمہ سيند قٽيون سينگار ويا،
اڄي دل تي غمن جا بار پيا، اڪيون روز وهن ٿيون رت رڙي.

4. الحمد الله تي چوان، شڪران "شائق" تي پڙهان،
پُڪي يار تنھنجي پئي آهيان، ڪوٽي آهيان توڙي ڪري.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (93)

**تنهنجي ناز غماز فراق قُٺيا، لکين مست وتن مجذوب مٺيا.**

1. بيچون بره جي بازار ڏنگي، تکي تيغ ابر تلوار ڏنگي،
ڪري قيد ڪجل جي ڌار ڏنگي، سئي سلطان حسن جي سپاه سٺيا.

2. منصور مجازي مام ڪيا، اناالحق تن کي انعام ڏهيا،
سر سولي مُٿي انجام رهيا، تي عاري عقل ڪان عشق اٺيا.

3. تنهنجي ناز تي نانگا ناز ڪرن، لکين پروازي پرواز ڪرن،
ڏسي شعاع شمع آغاز ڪرن، هوشيار هڪل تي ڪين هٽيا.

4. آهي عين عجب ناراُ عشق يحرڪ، ساڙي خوف رجا وارو فهم فرق،
قطرو ڪن بحرِ تي مست غرق، ويڙهي "**شائق**" وحدت وير وٺيا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (94)

**سڄڻ حال پائي تن ڏينهن لايا،**
**الله شل آئيندن تيندا سخن سڄايا.**

1. ڪنير ملڪ ملامت، تنهنجي نينهن جي نعمت،
جهڙي لعنت ۽ رحمت، صوفين سچ پئي پانيا.

2. بره جي بحر ۾، نت نينهن نظر ۾،
حسن جي بازر ۾، مهٽا عشق ملهايا.

3. شمع تي شتابي، ڪيو قرب ڪبابي،
نسنگ نينهن نوابي، نظر ناز آيا.

4. پنيا وار چوڙي، نظر سان نهوڙي،
تنبو عشق ڪوڙي، حڪم پئي هلايا.

5. بشر باغ بي چون، نهوڙيو نظاري،
غنچه گلن جي وڙي دل ڏتاري،
"شائق" سر سينگاري، ڪڏيو تن ڪهايا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (95)

**جنهن کي لڳي آ يار جي، سا ڪيئن ڪري گهر ٻار جي،**

1. روئي رڙي ڳوڙها ڳڙي، سڪ ۾ سڙي سو وار جي،
جلدي وتي ٻلندي وتي، اگني اندر انوار جي،

2. هڪ هيڪلي آهڪ جٺي، ٻي تانگهه تن ۾ آ تار جي،
ماندي مري پيرا ڪري، منجهه اري آزار جي..

3. منجهه تٽي طلبت تماشي، عاشقن اطوار جي،
نينهن جيڪي ڪيون هي نانگيون، ڪيئن ڪنديون ڪم ڪار جي.

4. يار جي پچار ۾، وانديون رهيون نه وار جي،
مرن جيئن ڏک پيون پيئن، عشق جي اقرار جي..

5. منجهه دروني درد "شائق"، بارش بره جي بار جي،
سر وسي پئي سالڪن جي، ابرن سندي اسرار جي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (96)

**خدا ڄاڻي مان ڇا آهيان، ڪيئن دل دوست ڪان ڇايان.**

1. نکر فيراق ۾ فاني، ڪٿي دل دوست ديواني،
ڪري جوڳي ويو جاني، ڳالهيون ڳڻ ڳوٺ ۾ ڳايان.

2. پنهنجو مان پاڻ نٿي ڄاڻيان، اتي ايمان ڪيئن آڻيان،
مزا ٿي عشق جا ماڻيان، جيئن ڪو سمجهي اٿين آهيان.

3. عجب امداد احسانيون، منکيون اٿر محب مهربانيون،
نسنگ ٿيون نينهن نشانيون، لوڪن کان ڪيئن لڪايان.

4. ٿورا لک دوست دلبر جا، اشارا عشق "انور" جا،
هميشہ هوت حيدر جا، لطف لائق پلا پانيان.

5. عجب اسرار آ اولي، "شائق" منجھ شوق جي شعلي،
بولبندڙ پاڻ ٿو بولي، آهي منهنجو يار مان ناهيان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (97)

**آهي يار منهنجو مان ناهيان،**
**لڪ پال پلي جو پانيان.**

1. خلق الادم تي هٿ آيو، پرين اچي پنهنجو پاڻ پسايو،
مون ڪهڙو لائق لاهيان..

2. من رانــي جي راز الڪ جون، ڳجهڙيون ڳالهيون درد دلق جون،
پٺي ڪي ڪين پڌايان..

3. لاريب فيه ڪرسي قدسي، عرش انسان علم عين انسي،
هيو پول نہ ڪو ٿو پانيان..

4. "شائق" نينهن نفي اثباتي، پيرِ مغان هٿ حال حياتي،
جنهن جي جتڙي آهيان..

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (98)

**اســــــان آهــــيــــون پـــنــــور پــريـــن بـــاغ جـــا،**
**آهـــــيـــــون عـــــاشـــــق دلـــــــڙي داغ جــــــا،**

1. اســيـــن عــاشـــق مــسـت خـيـالي هـون، بـاهـوش مـلـنـگ مـوالي هـون
منـجـهـ وصـــال جـا والـــي هـــون، آهـيـون واقــف دل دمــاغ جــا.

2. نانگي نينهن نشي نروار دي هون، سولي سانگ اتي هسوار دي هون،
رکدي مظهرعين انـــواردي هون، اســـــين رهندي رندي راغ جا.

3. وڃ مـرغـا مـور مـحـيـطي هـون، ڪـيي مـرتـي هـون ڪـيي جـيـتي هـون،
دم شــوق شــراب ســي پــيــتــي هــون، اســيـن ذاتـي دشـمـن داغ جــا.

4. اسين "شائق" شوق شراب دي هون، سڪ سوز گداز ڪباب دي هون،
نــت نــانــگــي نــيــنــهــن نــواب دي هــون، پـڳـا پــولا ســپ هــاغ جــا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (99)

**اهڙي ڪار ڪجي جنهن ۾ يار ريجهي،**
**وڃي ماس هڏن ڪان سر ڌار ڪجي.**

1. سنگيون سر ڏجي گر ۾ گر ٿجي، دائم دم قدم دربان ٿجي،
وٺي پير مغان کان پيالو ڀر پيئجي، ڇو نہ وحدت سان واپار ڪجي.

2. وٺي حال فقر ڇڏ ڪوڙ مڪر، پڇ ناہ نڳي جو ٿوڙ ٽڪر،
جذبون جوش ڏيئي سهجون ساڙ جگر، مر هو هو اندر هلڪار مچي.

3. سچو يار ڪجي داخل دربار هجي، اعليٰ اسم جنهن جو انوار هجي،
واہ واہ محب منو دلدار هجي، تنهن کي دل ڏيئي پوءِ ديدار ڪجي.

4. "شائق" يار ڪجي دل جو جاني، جنهن تان شمس قمر قرباني،
تنهن کي سر ڏجي مهماني، ڇو نہ محشر جو مختيار ڪجي..

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (100)

**محبت منديون جن جون وڏيون، سي سريون سلطان ٿيون،**
**قـرب ڪـاتي جي ڪـٺيون، مـنجھ ڪٺي قربان ٿيون.**

1. سـر سـاه جا سـانـگـا سـٺي، ڪوپا ڏين تا ڪنڌ ڪٺي،
عـاشــق اويـسي ٿـيـا ڪـٺي، تن جون دليون ديوان ٿيون.

2. جـن سـور جـو سـنڌرو ٻـڌو، رڪـي روح مٿي رڪ جو رندو،
تـــن لاڏلو لـوچـي لـڌو، عـبـرت انـدر انـسـان ٿـيــون.

3. عـاشق پـڌل اقــرار سـان، تـوحـيـد جي تـلـوار سـان،
سينـڌ چـٽيل سـيـنـگـار سـان، لائـي لـهو لاٽـان ٿـيون.

4. عـاشـقـن ڪـي عـادت اصـل، ڪلندي خوشي سان ڏين ڪل،
بـي مــثـل مـاڻـن محـل، شـمـس تـــي شمعدان ٿـيــون.

5. ”شائق“ سروپاءَ سي سونـهـيـون، جيڪي قطر تي قلزم پيون،
منجھ معرفت تي نت نـيـون، وجي نـاه ۾ نـيشان ٿـيـون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (101)

**چڙهيون مستي سنديون، موجان عجب اسرار واڳهي ۾،**
**ٿيون فالم حسن فوجان، جنگي هسوار واڳهي ۾.**

1. ڏائن ڏوئن ڏڙيون ٻڌائن، لالي لبن کي ڪجل پائن،
درد وندن جون دليون ڦاسائن، پريمي پيار واڳهي ۾..

2. حسن حملا ڪري هر هر، شتونا شور هي جابر،
زنخ ظالم زلف قادر، سونهين سينگار واڳهي ۾..

3. ميندي مرجات سان لائن، لهو رنگ لعل هٿ چائن،
نهاريو گهور سان گهائن، نظر نروار واڳهي ۾ ..

4. نهوڙيو ناز جي نظرن، تماشي عشق جي تبرن،
وصل وصال جي خبرن، موهيو منثار واڳهي ۾..

5. نظرن سان جي نهوڙن ٿا، تنبو طولان ڪوڙن ٿا،
عاشق منهن نہ موڙن ٿا، قتل جي ڪار واڳهي ۾..

6. نقش عاشق نقاشي حق، پرين جو پيار ڪافي حق،
مرڪڻ مند تہ شافي حق، گوهر گفتار واڳهي ۾..

Gul Hayat Institute

7. چشم چوري هٽن ڏاڙو، ڏين سر ساه کي ساڙو،
پرين جو پاڪ سچو پاڙو، پيو پهه پار واڳهي ۾.

8. "شائق" شملا ٻڌي ساهي، پون ٿا ڪين ۾ ڪاهي،
ظاهر باطن اهو آهي، صحي سرڪار واڳهي ۾..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (102)

**يار مست پيار مست، طلب مست تڪرار مست،**
**مست مٺي مٺي نوش جو، مدامي منڌار مست..**

1. نينهن مست ناز مست، ناز صورت ساز مست،
روشن روحاني راز مست، همراز جو راز دار مست.

2. گل مست گلستان مست، باغ بيداب بوستان مست،
گل سورج چنبل چوگان مست، بلبل سندو ڳتڪار مست.

3. سولي مست سينگار مست، سر پوش سولي هسوار مست،
اناالحق اغيار مست، مستن سندو مهندار مست..

4. نظر مست نگاه مست، سلطان مست سپاه مست،
مست قلندر شاه مست، ڪچي ڏٺي ڪلتار مست..

5. شير مست شڪار مست، هو سندو هتيار مست،
"شائق" شرابي سر شار مست، مقبول مٺياندار مست.

Gul Hayat Institute

## ڪــــلام (103)

**سر عــاشــقــن جو آزمالـيــن ٿـو، تـ بـ ٽورو لڪن جو لائين ٿو،**
**لڪي لڪي ليئڙا پالـين ٿو، تـ بـ ٽـورو لڪن جـو لائـين ٿـو.**

1. پنهنجي نينهن نفي اثبات ڪيء، پنهنجو ذات ظهور ذات ڪيء،
ڪٿي طالب ڪي عوشاق ڪيء، مطلوب ڪي طالب ڪرائين ٿو.

2. جاني بردو يوسف بازار ڪيء، عشق زليخا جو اظهار ڪيء،
وجهي دام دلين ڪي لاچار ڪيء، شاه صنعان خوڪ چرائين ٿو.

3. شاه حـسـن زهر نـوش ڪـيء، ميدان ڪـربـل ڪـوس ڪـيء،
مـنصور سولي سر پـوش ڪـيء، ٿـي اناالـحق الائـيـن ٿـــو.

4. ڪاٿي نينهن نيشانيون ڪوڙين ٿو، ڪاٿي جوش جنگيون جوڙين ٿو،
ڪـاٿـي دام دوئي جو ٽوڙين ٿـو، سـر"**شـائق**" طبل وڄائين ٿـو.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (104)

## عاشق ڳم تي الله ۾، اهي ڳاروڙي غرقون.

1. مثل منهنجو بي مثل جي تيئڙو، بيمثل بيچون...

2. تون ڳم مون ۾ مان ڳم تو ۾، مون پسايو تون ...

3. سمنڊ انت ڪياس تي "شائق"، سارو سمنڊ سمايو سون...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (105)

**شائق ڪيو حيران، شائق بنا منهنجي ڪان سري ٿي.**

1. شائق ڏک مونکي ڏاج ڏيئي ويو، شائق سور سهاڳ موهي ڪيو،
شائق ڪيو شڪران، دردن جو دفتر دل پئي پڙهي ٿي..

2. سک شائق جي شائق ماريو، شوق شائق جي شائق ساڙيو،
غم جو پيم گذران، ماندي دل مدام مري ٿي ..

3. شائق بنا مون شائق ناهيان ، شائق ملي ته مون شائق آهيان،
شائق بنا ويران، شائق بنا دل روز رڙي ٿي..

4. "**شائق**" شائق ۾ گم ٿيو غازي، طالب مطلوب راضي پازي،
سوئي سر سبحان، وٽ نه وار هڪ پري ٿي..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (106)

**ايٽ عاشق جي اندر ۾، آ مچائي ڏم ڏڙي،**
**وره جي وهندڙ ڪيو، بس نہ ڪري هڪڙي گهڙي**

1. ڪوهہ ڪڏ ڪهڙو چوان، عاشق سندو آهي اندر،
تڙ تقل تڪڙو تمامي، ويو ونگ وحدت جو وڙي.

2. ريءَ جهلڻ جوڪو اٿي، جيءَ پنهنجي ڪي ادا،
ڪانءَ پڌ قابو ڪري، رڪ بار جي تنهن تي پري.

3. جن نانهن ڪئي نهور ڪان، سي چڪ چور چڪرن ۾ ٿيا،
يار ڪجهہ هوشيار ٿي، متان پئين اري ڪنهن ۾ اڙي.

4. لٽ رڪي سهٽي سڏي، بره ياروني متان،
چرڻ ڪان چوهي ٿي سوڙهي، جيئين جهلي تڙ انن جي تڙي.

5. پڙ هيتيان ڏيئي پڙانيون، ڳٽن جي ڳاڏي تون ناهہ،
مڙ نہ مهرن ڪان ڪڏهن، ويهہ پنيلي سان پڙي.

6. قرب جي ڪانجڻ تون ناهہ، رک پنهي مونن متان،
وجهہ وري مظبوط مڪڙو، تان لڳيءَ ڪياڙي تڙي.

Gul Hayat Institute

7. نہ رک پراڻو پاڙيو، نئين وڃي نيسر گهڙاءِ،
ٿاهہ رک ٺهڪڻ سان تون، جيئن نہ وڃي سوٽو سڙي.

8. مالهہ محبت جي وٺي، عشق جون ارڙيون وجهاءِ،
نينهن جون نوڙيون ٻڌي، جيئن نہ وڃي لوٽي لڙي.

9. ڏور وجهہ هن ڏاند کي، ڏورٽو ڏونگر اٿيئي،
جي تڙيا تنيرين کان، تن پت پاجاري نہ پڙي.

10. خوب ڏي کوپا تنهين کي، جيئن ڏسي هو کينکي،
ٻڌ انڌاري عشق واري، کڏ کاه تنهن جي هي کڙي.

11. هر کاه وجهہ ٻج ٻني ۾، نياز سان ناڙي کري،
پرت سان پاٽي ڏجانءِ، جيئن نہ وڃن سلڙا سڙي.

12. لوهہ لوڙهو ڏي تنهين کي، جي پوک پوکين تون ادا،
کرائو کرڙو اٿيئي، وڃ ڏيل تنهن جي کان ڏري.

13. پوک ثابت تون پچائج، رات ڏينهن جاڳي ادا،
جهار کان هوشيار ٿي، کڻ کانياٽي ٿي کڙي

14. لاه لابارو سچو ئي، رک وڃي ديري اندر،
ڳاه ڳاهج ڳٽن سان، کر ان صفا قريو قڙي.

پـوءِ بـسـم الله سـان، رک کـڍج هــن پـار جـي،
15. کـر صـفـا پـڙ پـنـهـنـجـو، مـتـان اڄـئـي کـو جـهـڙ جـڙي.

نـک ٺاهـج نيـاز سـان . تـون اڏ انـدر مـان کـڍي
16. پـاجـهـه جـا پـارا ٺـاهـي. ڏاهـه دل مـان هـي دڙي

سـمـجـهـه "شـائـق" پـوک اهـا، سـا اٿـيـئـي پـنـهـنـجـي انـدر،
17. پـڙهـه کـلـمـو پـرت سـان، هـي وجـي چـاڙهـي چـڙهـي.

Gul Hayat Institute

# ڪــلام (107)

**مرشد شهنشاه وارث. پيو وسيلو ڇا ڪبو.**
**دل رازدان رهبر لڌو. ڪٿنب قبيلو ڇا ڪبو.**

1. جو هليو هل هل جنهن تي، تنهن جي حسن حيران ڪيو.
سر شار محرم يار سان، پيو هنر حيلو ڇا ڪبو..

2. درد داور آ دلين جو. دوست دلبر دلربا.
دم بدم دائم دمن ۾. پيو دل دليلو ڇا ڪبو..

3. نينهن تو نانگو نچائي، نوبت وڄائي ناز جي.
ساز صورت سورن جو مليو. پيو سڪ سهيلو ڇا ڪبو..

4. عشق سان اقرار آ. سر فرض ڏين سينگار آ.
جڏهن يار همت دار آ. پيو پاڙي پيلو ڇا ڪبو..

5. "شائق" يگانو يار سان، پيوند پرين جي پيار سان.
جڏهن اکڙيون اڙيون "انوار" سان، پيو رخ رنگيلو ڇا ڪبو.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (108)

**رمز رندن جي مام موچاري، آهي ملڪ فقير جوڳونا ڳون.**

1. سمجھ ديدار وصال اڳي تي، طالب ڄاڻن توڙ يقون.

2. ڪين بحر ۾ پيڙا ڪاهي، وجي ڳاروڙي ٿيا غرقون.

3. سيني سير صفا ڪن سالڪ، ناز تنهن جو ڪن فيڪون.

4. سير سري جو ڪرتون صادق، وڃ عوشاقي اونها اون.

5. دائم قائم درياه وحدت جو، بي مثل آهي بيچون.

6. "**شائق**" عاشق اتاهين ويڙا، جاتي جن ملڪ جي بانس نہ بون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (109)

**هر دو جهان ۾ هادي مالڪ فقير آ،**
**آيو خلق ۾ ٿي خادم خالق فقير آ.**

1. پنهنجي پسڻ پساري، نيهي ڪيس نظاري،
عينن سندي اشاري، عاشق فقير آ..

2. جوڙي جسم جامي، صاحب ٿيو سلامي،
لا لا لهو لاثاني، لائق فقير آ...

3. بشر حباب بازي، ديدن ڪيو درازي،
سر نينهن ۾ نوازي، ناطق فقير آ...

4. آدم حوا هلاڻو، ديدار درس داڻو،
مقصود مئي جو ماڻو، لاشڪ فقير آ.

5. "شائق" الله ابرن، نازل ڪيو آ نظرن،
العشق نينهن نارا، يحرڪ فقير آ..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (110)

**خلق خالق ٿي پلي صدقي فقير جي،**
**مولا کي منصب مليو شعلي شبير جي.**

1. بيمثل ارشاد ٿيو، موجان مثل جون وٺي،
پياس پتلي کي ڏني، محلي منير جي ....

2. ڪچي ڏاڪي ڪاميابي، ڪيف قلزم کي ڏنو،
ڪن اچي قطرو ٿيو، عبرت اسير جي....

3. حد کي لاحد ڪيو، لطفي ء لائقي،
بيچون بيرنگ ٿي چکو، مشاهدي مزير جي....

4. لا لالهو لاثاني، لائق لکيو لکن ۾،
پڌرو ڪيس پريمي، تماشي تصوير جي ....

5. "شائق" نه هو نه هوندو، نظري نه هوند هون،
غيبي غماز غازي، نيهي نظير جي....

Gul Hayat Institute

# ڪلام (111)

**مون کي جوڳيئڙا لنو لائي ويا، آه نہ اوريندس عام سان.**

1. چير پيرن ۾ جامان جوڳين پايا، ڏيئي قيري يار قاسائي ويا.

2. سامين سڪ جا ساز وڄايا، واه وره ويراڳي وسائي ويا.

3. محبت وارا من ۾ مئخانہ، قرب جا ڪُندا ڪڙائي ويا.

4. "شائق" جوڳي جادوگر ميان، اهو حاذق هنر هلائي ويا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (112)

**ياري لائجي جوکين سان لائجي، نہ تہ بيوس جند نہ جلائجي،**

1. ياري ۾ يار تي، نسنگ نروار تي، اڪژين ۾ اسرار تي،
ديدن ۾ دلدار تي،
پس پرواز سان، نيڻن جي ناز سان، شاه حسن شهباز سان
رنداني راز سان،
لائجي تہ توڙ نيائجي...

2. ياري رک يقين سان، ته دل تلقين سان، بشري مبين سان،
اناالحق آمين سان،
گهوريون سرگهورڪر، پاندو پچي پورڪر، شهنشاهي شورڪر،
ذوق سان زور ڪر
جيئن چئجي ائين تي ڏڪائجي...

3. ياري ۾ غم تي، فڪر فهم تي، قرب قدم تي،
دوستي جو دم تي،
پاڻ ۾ پيهي ڏس، وحدت ۾ ويهي ڏس، ڪولي دل ديهي ڏس،
روح ۾ ريهي ڏس،
بي پول نہ ڪائي پائجي...

Gul Hayat Institute

4. ديـــدن جي دام ۾، قـــرب قـــمام ۾، مر انهي مـ ' ۾،
عـــشـــق امام ۾،
مڙڻ مـيار تي، ديدن کان نہ ڌار تي، نينهن ۾ نيگهو سار تـي،
عـــاشق اظهار تي،
نـانـــگـــو تي تہ نيائجي...

5. يـاري ۾ يگانو تي، ٻانهون ٻڌي ٻانهون تي، دردن ۾ ديوانو تي،
ملڪن ۾ مستانو تي،
فـــاقي ۾ فـقير تـــي سير ۾ سـڌير تي، بيحد بـــينظير تي،
عـــشق جو امـــير تـــي،
سـڀ سيهو سڪن جو وڃائجي...

6. يـــاري ۾ خـــواري تـــي، ملامت باري تي، بلڪل بي قراري تي،
عاشق انتظاري تي
عـشـــق جو اقـــرار تي، مـــونجهہ ملهار تي، بديون بيشمار تي،
بـــيوسي جابار تي،
چـــمـي اڪـــيـــن تـــي چائجي...

Gul Hayat Institute

7. يـــاري ۾ قـــــاسي تـــي، عـاشق اداسي تـــي، پلپل پياسي ٿي،
اللہ راسي ٿي،
ڏکـــن جـــي ڏوجـــهـ ۾، مـستي جي موج ۾، عشق جي اوج ۾،
حـــسن جي فوج ۾،
اک اک سـان تہ اڙائـجي . . .

8. ياري کي ياد ڪر دم دم دل شاد ڪر، عشق کي ارشاد ڪر،
عقل کي افراط ڪر،
"شائـق" شتاب ٿي، کوڙ ڪباب ٿي، نينهن جو نواب ٿي،
عشق جو ارباب ٿي،
سـب پال پـلي جو پائنجي. . .

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (113)

**سناسي سيباڻا، جيڪي نينهن ڪيا نماڻا.**

1. بـر ۾ بيـنـڪ بيـراڳيـن جي، پـٽـن متـي پـاڻـا..

2. واه واه ويـــراڳـــي وســـايـــا، ويـراڳ جـا وتـاڻـا..

3. سـاميـن جي صحـبـت جـا، دل ۾ دونـهـان دڪـاڻـا..

4. "شـائق" جوڳيئڙن جون جايون، ڇاڻان مان پئي سجاڻان..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (114)

**ماسوا الله جي پيو نہ چائنج ڪو وري،**
**جي پڇائين پاڻ کي سرسچائنج سروري...**

1. هن حقيقت حال جي، خاص خاصن کي ڪري،
سي نہ اورن عام سين، جن لڏو جيئري مري...

2. هر جاءِ پسڻ ۾ پاڻ آ، اِنس اعظم اڪبري،
منجهہ شرف شاهي شجاده، مان مظهر منوري...

3. منجهہ جلالي جي جذب سين، حلقو هنيو جن حيدري،
ڪيا پسڻ پئمال پنهنجي، اسرار اعليٰ انوري...

4. **"شائق"** عاشق عشق جا، ذوق جي طلبن ذري،
درد نوشي دائم، هي دوست جي اٿم دلبري..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (115)

## متان مرين مردار ٿي، چئي اناالحق اختيار ٿي.

1. مرڻ جيئڻ جي ڇڏ مام وساري، دل ۾ ڏس تون دلبر ذاري،
تو ۾ پرين جو پيار ٿي...

2. موتي فوتي ڇڏ وهم وجائي، حال حيات هميشه آهي،
اڳاهون اعتبار ٿي...

3. نينهن نيزي جي ڪر هسواري، بي اختياري هج هوشياري،
مئي ڪي پي مختيار ٿي...

4. الانسان صحي ڪر سارو، ناز نفي اثبات اشارو،
ڪر سر صحي سردار ٿي...

5. ڪسرت وحدت ڇڏ وهم وجائي، خوف رجا جا خطرا لاهي،
مرد لا ميار ٿي...

6. "شائق" پاڻ پسڻ ۾ ٽِس تون، ڳالهه هادي جي ٻئي ڪي نه ڏس تون،
هر جاءِ حق انوار ٿي...

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (116)

**پاڻ سچائي ڏس، پاڻ ۾ پيهي ڏس، ساڳي آهين سلطان تون.**

1. پــاڻ ســچــاڻــڻ پاڻوُن ڇاڻڻ، نينهن نسنگ نيشان تــون.

2. ڇاڻ سچــاڻــي ڇاڻ ۾ ڇاڻج، نينهن نشي ۾ نگران تــون.

3. هـــر صــورت ۾ صورت ساڳي، صورت جو سبحان تــون.

4. جــاڏي ڪاڏي آهي مـلـڪ تنهنجو، هي سارو سنس سامان تون.

5. "شـــائــق" نـال هر جڳ جائي، هر عضوي عين عيان تون

Gul Hayat Institute

# ڪلام (117)

**اُٺي اسر جو، ولوڙي، نه مٺي ڪي،**
**ڪري ڪين مهٽو، ڇرم جي ڇٽي ڪي.**

1. سنجهي سيج ساري، ويٺين ور وساري،
نٿو مرم ماري، سوڙ جي سٽي ڪي..

2. ڪري ننڊ پياري، ويئي رات ساري،
ڪري ڪير ڪاري، ناسوتي نٽي ڪي..

3. سنياري سباڻ ڪيءِ ڪين پورو، ڇميو ڇرائي ڪٿو ڪير ڪارو،
سهي ڪين سهرو، مکڻ جي ڇٽي ڪي...

4. "شائق" عشق واريون، اوجاڳن اوجاريون،
ور لاءِ ويچاريون، ڪلالي ڪٽي تي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (118)

**صبح جا سوالي، ملنگ موالي،**
**منڪن دان درسن، درٻاري ڏمالي.**

1. منٺي تي هي مرڪي، اڇن ڍول ڍرڪي،
صبح جو هي سرڪي، پيئن جام جلالي.

2. نشي نينهن نوڪان، لايون جام جهوڪان.
محبتي موڪان، خمر جا خيالي.

3. سريون سيڪهه ڏين، پڪون پاڪ پيئن.
سدا جوڙ جيئن، وصل منجهه وصالي.

4. نانگا ندائي، گر جا گدائي.
سڏي ڏيو صدائي، محبت جي مالي.

5. "شائق" موج مستي، ملڻيو وند وستي.
پڳي هوڏ هستي، بقا تيو بحالي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (119)

## منهنجي رمز آ ريجهايو، راءِ ڪي اڄ رات جو.

1. نينهن نيزي نيشان ٿيو، سولي سر سلطان ٿيو،
قتل جو انجام ٿيو، ميدان ۾ اڄ رات جو.

2. اعلىٰ عشق آڙاه ٿي، بيرنگ بره جي باه ٿي،
مچ مٿي ڪاه ٿي، پروان ٿي اڄ رات جو.

3. پرواني پسي پاڪ ٿيا، نفي مان اثبات ٿيا،
کهنا ڪشرڪات ٿيا، قربان ٿيا اڄ رات جو.

4. "شائق" جڏهن شتاب ٿيو، پکي ڪيون پرواز ويو،
عرش مٿي ماڳ ٿيو، پرين سڏايو اڄ رات جو.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (120)

**لڪ در وساري لاڏلي، دوست جي در ٿي نچي.**

1. ڪڪيون ڪاريون سر ڪٽي، مئي مهاڻين ۾ مچي،
مان مئي هاڻي لڏو، تڙ تماچي جي اچي.

2. گندري جي غليظات جي، ڪاريون ڏسي سيڪا ڪچي،
جا وٽ ويهڻ نه ڏيندي هيس، سا ريجهائڻ لاءِ رچي،

3. نوري سارو نور هئي، رنگ رچايس ڪنهن رچي،
جا سمي جي سام پئي، سلطان ڪيس ساقي سچي.

4. "شائق" جيڪا يار واري، سا بره ڪان ڪيئن بچي،
سر ساهه ڪيان صدقي سڄڻ تان، جند گهور مون ٻارين ٻچي.

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (121)

**ماهي شـوق وڏي سـان ڏارڙيـون،**
**وه جي چاڪ منجهيون چارڙيون.**

1. پـوريـون آيـم پـاڻ تـي، مـحـبـت واري مـاڻ تـي،
پـاڻ جـي اڳـواڻ تـي، ٿـهـڪـن پـيـون ٺـارڙيـون.

2. گهـيـر تـيـون گـهـاٽـي گـهـرن، تـان اوپـاريـون پـيـون تـرن،
ڪـڏهـن لـهـواريـون نـہ لـڙهـن، تـار تـاگـهـي تـارڙيـون..

3. لـڙ لـڳـيـن لائـن ليون، اتن چٽ چـڪـڙ چـاهـيـون چـيـون،
وتـن ڪـانـهـن ڪـنـدڙين ۾ لهيون، خاصي خمر جي خمارڙيون.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (122)

**پنهون رات اديون ڪيچ ڪاهي ويا،**
**ستا سور سڙي جا جاڳائي ويا.**

1. آدي رات اٿي هوت هند نه هيو،
ڪاهيون ڪاه جبل مون کي پند پيو،
وره وحدت ونگ وِڪوڙي ويو،
چڪيل چاڪ چريء جا چڪائي ويا.

2. چڙهي چانڪل تي ويا چوري اديون،
مون کي لالڻ لائي ويو لوري اديون،
وجهي محبت واري ڏوري اديون،
وجهي دام دلين کي ڦاسائي ويا..

3. "شائق" تون ارمان نه ڪر،
آيو بار بره جو زوري زبر،
ڪنهن ڪان پچان مان ڪهڙي خبر
ڏاج ڏير ڏکن جا ڳٺائي ويا.



Gul Hayat Institute

# ڪلام (123)

**ڪيچ ڏي ويندس هت ڪين رهنديس،**
**بره سڄڻ تنهنجي پاريو بت پاڻ.**

1. پنڌ جبل جا چُڙهي چاڙهيون، باندر پولا رڃ ڪن راڙيون،
ڪون پانيان ٽي ڪو شڪ گمان..

2. ڏونگر ڏاڪا لڪ جهڪ جهاڪا، پار پرين ڏي پيا اتم ڪاڍا،
سڪ سڄڻ جي پڌا سامان..

3. روهه جبل رڻ راهه چڙهيم، اڳيون پڄهن ٽا نانگ چنهيم،
گهوريان پنهل توتان سر قربان..

4. ٿڌي ڪوسي ڪاهه تون"**شائق**"، سڪ سموري نيج سلامت،
اتم اميدان ملندم آري ڄام..

Gul Hayat Institute

## ڪـــــلام (124)

**خان پنهل سان اڙي اديون، مان ناتو نياپان، پاند پريتي پايان.**

1. جـــن ســـان آهـــي نـــاتـــو، ســـاه تـــن ســـان قـــاتـــو،
وحـــدت جـــو ويـــهـــي، ورود مـــان وڃـــايـــان.

2. جـــن ســـان جـــيءَ جـــي آ جـــڙي، قـــابـــو دل تـــن آ ڪـــڙي،
گـــهـــاريـــان ڪـــيـــئـــن گـــهـــڙي، قـــربـــن تـــي ڪـــاهـــيـــان

3. "شـــائـــق" يـــار ســـنـــبـــر، ڏورڻ آيـــو ڏونـــگـــر
جـــتـــي هـــجـــي مُـــئـــي جـــو ور، قـــربـــن تـــن ڏي ڪـــاهـــيـــان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (125)

**اڄ آ پنهل پيهي،هي دلڙي ماندي آ،حال هجر جي ئي،هڪ وارڻ واندي آ.**

1. هڪ پور پون پلپل، پيو گهور وڏو گهائي،
تن تار توهان جي آ، ننڊ نيڻن کي ناهي،
ستي سيج نہ سيبائي ، غم جي پانهن سيراندي آ.

2. ڪيو بره اچي بيراڳي، دل محبت ماري آ.
آهي مونجهہ گهٽي من کي، دل ڳڻتين ڳاري آ.
لک قاصد ڪيم ڪيئي، ڪل ڪنهن نہ آندي آ.

3. سڪ سات پڏا سر تي، آيو بره بهيران ڪيون،
لڳي تانگهہ اها "شائق"، اچي الم اڪيران ڪيون،
شب روز گذر غم سان، هي بيوس باندي آ.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (126)

**ڏونگر ڪر نہ ڏکيو ساڙي ڪندي ساں، سچ،**
**پهڙ پيرن ساں مهٽي ڪندي ساں، مچ.**

1. جلوو جبل توسان آهي جهاد جنگي،
ڪري نينهن ننگي اچي دلڙي ونگي،
تي ڏور ڏکي ڪان آهيان ڏکن ڏنگي،
نہ تہ رمز ساں رهڙي ڪندي ساں، رچ.

2. ڏاڪا ڏونگر تنهنجا سپ ساڙينديس،
همت هوتن جي نہ هارينديس،
قرب ڪيچين جو ڪين وسارينديس،
تي ڏور ڏکي ڪان آڏو اکڙين وچ.

3. جاڙون جبل تنهنجون سپ ساڙينديس،
تو تي بره جون بجليون پارينديس،
هيڪر ڏيه اکين کي ڏيکارينديس،
چولي چپر توکي ڪنديس چيتيون چچ.

Gul Hayat Institute

4. تنهنجا لڙ لنگهي لوڏيندي پانهن کڻي،
ڏاڪا ڏور ٻڌي ويندي چوٽ چڙهي،
آهي عشق آري جي جي اتم اٽي،
تنبي ترين سان تيزون کندي سانءِ تج.

5. لوچيم لوح قلم جا انگ اکر،
شب روز تي "شائق" مست مگر،
ڏني پاڻ پنهل هي خاص خبر،
آهي عشق امانت آتش اچ..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (127)

**اڄ پيو اٿم پور، جيڏيون مون کي پاروچل جو.**

1. عشق پنهل جي ستر وڃايو، ويس وڳا ڪيم دور..
2. ڏيرن مون سان ڏاڍ جي ڪيڙو، ڪري ويا ڪيس ڪلور.
3. پار پنهل ڏي پنڌڙو پيڙم، وڃڻ مون کي ضرور..
4. موت مٿي تي برحق آيو، "شائق" ڪيو منظور..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (128)

**منهنجو جيءَ جتن سان جڙيو الا، قابو قرب تن جي ڪڙيو الا.**

1. ڏسي پير پنهل جا، روح رندن تي رڙيو الا.
2. سڪ سمهڻ ڇا لڳي، ساهه سورن ۾ سڙيو الا.
3. "شائق" خان پنهل سان، انگ ازل کان اڙيو الا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (129)

**ووڙيم سڀ وٿاڻ، جيڏيون ڪارڻ جت جي.**

1. جاڏي ڪاڏي ديرو دوست جو، سڀ ۾ آ پيوند پاڻ.
2. ڪلِ شيءِ سرهي سارو، ڇام پنهون جو ڄاڻ..
3. مون تہ پنيورون بس ڪئي، ڪاڪيون ڪوهياري ڪاڻ..
4. هي سر صدقي صدقي **"شائق"**، آريءَ جي اڳواڻ..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (130)

**ڪامل قرب پنهون جي ڪُٺي هان،**
**قول ٻڌل هان ڪنواري،ويهان ڪيئن وساري.**

1. ڄمندي ڄرم ڄمڻ لاءِ جاڪون، لعل لڙهيس لهواري،
وڙهندي سڙهندي ويرن وچ ۾، پيڙيس پيش پناري..

2. ٻانيڻ ڪاڻ ٻروچ جي پيدا، ٻنڌڻن ۾ ٻاڪاري،
لڙهدي لولي يار ملي هيم، ازلي امر اشاري.

3. ڀينر شهر ڀنڀور ۾ آيس، ماريل ڏوٻڻ ڏاڙي،
قابو ڪيچ ڏٽي جي ڪيڙو، ثابت سخن سچاري..

4. پنڌ جبل جا ڏونگر ڏاڪا، ويندس لڪ لتاڙي،
جوڙ جتن سان جيڏيون ٽينديس، سرتيون ساٿ سنياري.

5. ”شائق“ فڪر فراق ۾ فاني، محبت وڌو آ ماري،
مان مشتاق مئل آهيان ماندي، جيڏيون جت جيئاري..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (131)

**ٽڪڻ پيم ٽہ ٽڪر، جيڏيون خان پنهل ڪاڻ.**

1. مون ليکي مهمان، ڏيرن ليکي ڏمر ميان،
سنجهي ورتيون ويا پاڻ سان، ولهي جو ٽہ ور...

2. ڪل مُٺي ڪاڻ پئي، وڃڻ جي ٽہ ويتر ميان،
آڌي رات اٿي ويا، پَيُن ڪون قدر...

3. "شائق" شهر پنيور ۾، هٿون هوت ويم،
چڏيون چوري ڪي هٿڙي، ڏيئي ويا سور سڄر...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (132)

**آهي خان پنهل تي پڪ، هن نمائي کي ڪين ڇڏيندو.**

1. ويندس رهنديس ڪينڪي، ڇو ٽيون وجهو مونکي ڇڪ...
2. ڏونگر جي ڏکن جي، پينگهي پيتر پڪ...
3. جبل سان جلدايون ڪري، لتاڙيندس لَڪ..
4. آءُ ڇري هيس ڪينڪي، ستايو اٿم سڪ...
5. **"شائق"** هوت بلوچ سين، روح رليو اٿم رڪ..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (133)

## جت زوراور ذات، اوتي اٿانگا.

1. عشق آريءَ جو جهنگ جبل ۾، بره سٽايم بات...

2. رات انڌاري اماڙيون لاٿان، جلوو سڀ جذبات...

3. ڇا ڪان ڇپرين ڇڏي ويا ڇوري، جاڙ ڪيون جبلات...

4. ڪيچي مونسان قهر ڪري ويا، ڏک ڏيئي ويا ڏات...

5. وسري ڪين وجودئن "**شائق**"، طلب پنهل جي تات..

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (134)

**موتـ يـار مـيـهـار، پـوريـون رڙن ٽـيـون پـاڻ تـي.**

1. ڪڪيون ڪنديون ڪري ڪيهان ڪوڪن، يج پيرو نہ پتار،
وچـــڙيـــون رڙن ٽـــيـــون وٽـــاڻ تـــي..

2. مـيـهـر تـولـءِ مـنـجـهـڙيـون مـانـديـون، روئـن زارو زار،
ڪـــٽـــڪـــن ڪـــاٽـــيـــاريـــون ڪـــاڻ تـــي..

3. تـو ريءَ ٻـيـو ڪـيـر چـاري پـيـئـاري، ساجـن سار سنـيـار،
تـــڙ تـــڪـــيـــہ جـــي تـــاڻ تـــي..

4. گـوشيـون گـهنـجـڙيـون چـالان چـاهـن، تـنـهـنـجـي چـار ڏنـار،
مـــحـــبـــت واري مـــاڻ تـــي..

5. "شـائـق" جـيـڪـي مـيـهـر چـاريـون، گـهـوريـائـون گـهـر ٻـار،
چـــاڻ ســـچـــاڻ جـــي چـــاڻ تـــي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (135)

## موٽج يارميهار تڙن تي ٿي تنوار، پيرو پچ نہ پنار.

1. پوريون پاڻ تي آيون، ڪانهن ڪنڌي پايون،
ميهر يار ملهايون، ڪٺڪيون ڪن ڪوڪار.

2. اجاريون پيون اچن، تڪيون تانگهہ تڙن،
جهليون نہ جهلجن، ساڳي منجهہ سنسار.

3. پياسي پريم ننگر جون، واسي برترجر جون،
ميهر جي مظهر جون، پلجن نہ پنهوار..

4. ڏاگهاڏسي پيون ڏرن، چگو ڪين چرن،
سهڙيو منجهہ سرن، ولر ڪيون ولهار..

5. چاه چڪڙ چاهن، لڙ لگين لائن،
وريو واجهائن، ساه پريون سڏڪار..

6. ماهي منجهڙيون چاري، چاري پاڻ پيئاري،
توريءَ ڪير سنياري، عاجز ڪي انوار..

7. "شائق" ذوق هي ذاتي، مـ ـهر حال حياتي،
نفي توڙي اثباتي، تنهنجي سار سنيار.



Gul Hayat Institute

## ڪلام (136)

**ميهر وڏا اٿم من ۾، وٽي صحبت جا سڪا سڪا.**

1. شاهي نوبت سرتي، نينهن نقارا وڳا وڳا.

2. لهر بحر ۾ ڏوتا ڏوبي، هن ٽڪي جا ٽڳا ٽڳا.

3. گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاڻ پرين اچي پڳا پڳا.

4. **"شائق"** گم تيم غوطا ويڙا، پوءِ پولا سپ پڳا پڳا.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (137)

**منهنجي يار ميهار سان، پانهپ جي پولي.**

.1 ابر لاءِ لڪ ڪڪر ڪن ڪارا، ڇر ڇر ۾ آهي ڇولي..

.2 ويرن جي هن ويڙهه ۾، جانب پاتم جهولي..

.3 اوکي اجهاڳ درياه جي، سڪ ڪيم سولي..

.4 **"شائق"** عشق عجيب جي، آئي هوهو لڳي هولي..

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (138)

**اڄ ڪـي يـاد پـيـون، مـهـلان يـار مـيـهـار جـون.**

1. جيڏيون هن تہ سفر ۾، عشق اڇي ارشاد ڪيون..

2. تـن ۾ تـاران تـن جـون، شـوقون شاد رهـيون..

3. جي ورهين ويران ڪيون، اوجاڳي آباد ڪيون..

4. اڪيران تہ عـجـيب جون، اندر ۾ شاد ٿيون..

5. "شائق" علم عقل جون، بره ڪٽي برباد ڪيون..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (139)

**موٽج يار ميھار، سڏ سڻي سردار.**

1. تنھنجي عين اڪير، سھڙيو وجي سرير، لونءِ لونءِ منجھ لڪير،
ساٽي ساھ سرير، سوين سور ھزار.

2. تنھنجي طلب تمام، نيڻين ننڊ حرام، بي حد بي آرام،
ماندي مست مدام، بلڪل بي اختيار.

3. توسان دلڙي اڙي، گھڙي منجھ گھڙي، آيو جھڙ جڙي،
مٿان مينگھ مڙي، ھجر جا ھلڪار.

4. ساجن ساھ سمر، اچن ڪر انور ، درد وندي جي در،
دوبارا دلبر، پيرا ڪر پتار.

5. ميھر جن جي من، تاگھي تار ترن، توڙي گھير گھرن،
ڪنڌيون ڪانھن چرن، پاجھاريون پلھار.

6. ميھر تو لاءِ ماندي، ھڪ جي ھيڪاندي، اري عشق آندي،
ناھيان وار واندي، پرين تنھنجي پچار.

7. "شائق" نينھن نظر، وڏا سيف صدر، مھر ڪر ميھر،
ھادي آءِ ھر ھر، وارث ڪين وسار.



Gul Hayat Institute

## ڪـــلام (140)

**اڄ تہ اباڻن جا ڙي اديــون، مون کي پل پل پور پون،**
**نـــــتـــا ســـانــگــيــئــڙا وســــرن.**

1. ابـــاڻـــن جي آســري، لــوئــي نـــہ لاٿــم،
جيڏيون سرتيون ڏيــن ميــارون، ہ تي پيون ہ ڏين.

2. روئــي رگـــيــم رت ســان، جــيــڪــي گُــل پــيــم،
هار سينگار جن وڃايو، ٿــل ســي ئــي خوش وسن..

3. دل ۾ درد فـــراق جـــا، دونـــهـــان تـــا دکـــن،
مـحـبـت آٽـي مـــچ مـچـايـو، هـــڏڙا تـــا ڏکـــن.

4. "شـــائــق" جـن هـي نـيـنـهڙو لايـو، جڳ ۾ شال جيئن،
بـــاغ بـــهـــار ســدائـيـن بـرسـيـا، وڇڙيا محب ملن.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (141)

**مون کي سانگين جي اڪير عمر، روئي وهايان رت نير عمر.**

1. ڪد قضا جي قيد مان، جيئري لاهي ڇڏ زنجير عمر.

2. ونڙا مينهن ملير تي، منهنجا ساوا ٿيا تہ سرير عمر.

3. ڪتي ڪيت جي ڪين لڄايان، مون کي لوئي ملي اٿم لير عمر.

4. "شائق" ڪيو قيد تي حاذق، اهڙو حال ڪيو تقدير عمر.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (142)

**مير ملان مارن سان شال عمر، هڪڙي ساعت پانيان سال عمر.**

1. تنهنجا ريشم پٽ ڪين پائيندس، لڄ لوئي جي نہ لڄائيندس،
ڪتي ڪيت ڏني مان نہ لاهيندس، چني چولي اباڻن چال عمر..

2. سجا سيج پلنگ سڀ ساڙيندس، لڪيو لوح قلم انگ پاڙيندس،
ماور مال چارن مان بہ چاريندس، جيڪو قرب اسان جو ڪمال عمر

3. پلر پيرون اباڻي پاريڪا، پون ياد سڙي ڪي ساڳ سڪا،
اتي ويل اسر پيئن ڪير ڪٺا، شب روز نشي ۾ نهال عمر..

4. تون ڪاه عمر جيڪي ڪرڻو تي، نيٺ موت ازل جي مرڻو تي،
منهنجو مول نہ توسان پرڻو تي، اهو خان لاهي ڇڏ خيال عمر..

5. تنهنجي زور ظلم جي پرواه نہ اٿم، مونسان هادي هميشہ همراه اٿم،
منهنجو ڪيٺ ڪٽي ويساه اٿم، وڃي جوءِ سان تي تون جلال عمر..

6. پچي قيد ڪڙيون وينديس وير وري،وڃي ماٽيينديس تہ ملير مري،
ڪاڻ سانگين جي دل چور چري، ڏسي سرتيون ٿيان سر حال عمر..

7. ريءَ مارن جي ڪاري رات اٿم، هڪ دم نہ دور"شائق" سڪرات اٿم
مون ڪي وير اباڻن وائي وات اٿم، وسري ڪين ٿري ڪان ٿر پال عمر

Gul Hayat Institute

## ڪلام (143)

**عمر مارن ڪان دل ماندي،**
**چو باند ڪئي ٿي باندي ميان.**

1. ڪليو خان عمر مون کي موڪل ڏي،
وڃان پنهنجي پاڙ ويڙهيچن ڏي
انهي پنوهارن مير پاڙيچن ڏي،
جيڪي جهنگ جهونگارن جهانگي ميان.

2. جن جي آهي اندر ۾ اڪير مون کي،
باندي بيوس ڪيو آ تقدير مون کي،
قضا قيد ڪندا پيا زنجير مون کي،
قيد ڪوٽ نہ ڪر تو وادي ميان.

3. آهي "شائق" کي وائي وات ميان،
تن من اندر تات ميان،
مون کي مارو ملائي حق پاڪ ميان،
جن ڪاڻ روز پچان ٿي پانڌي ميان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (144)

**مج ملڪ موٽائي ملير عمر،**
**مون کي موڪل ڏي تون امير عمر.**

1. ٿر ٿوري آهيان ٿر وارن جي،
مٽ مور نہ مان سردارن جي،
نہ آهيان هيراڪ انب انارن جي،
منهنجو ڪاڄ پسيون پنير عمر.

2. تنهنجون محل ماڙيون سڀ ساڙينديس،
قلعہ ڪوٽ ڪنڪ ھن ٻارينديس،
پنهنجي پرت پنوهارن سان پاڙينديس،
لڄ لوئي جي اٿم لير عمر..

3. ايڏو بيوس سان بيداد نہ ڪر،
عذاب ڏسي تون امداد تہ ڪر،
مون کي ملڪ اباڻي ارشاد تون ڪر،
توکي قدر ڏنو آ قدير عمر..

Gul Hayat Institute

4. تنهنجو شان عمر سرداري جو،
مج عرض اهو آزاري جو،
تون وير سونهين مون ويچاري جو،
امداد ڪري ڇڏ اسير عمر.

5. ريءَ مارن جي دل ماندي آ،
هڪ وار نه "شائق" واندي آ،
ڪري قيد قضا هت آندي آ،
باندي بيوس آهي تقدير عمر.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (145)

**ور چني جو وڇڙهيچن جي، ڪهڙي پئي تہ قضائي،**
**ماڙيچن جي ماري مون کي، جانب هي تہ جدائي.**

1. پورب پار پرين جون جهوڪان، مينهن پاسي مارن موڪان،
ڪرڙ ڪنڊا شمشاد شنوڪان، سڪڙي سرس سوائي،

2. وڇت وروه ويراڳين وائي، برسر بره باران برسائي،
لاڪيئڙن لڄ لوئي لڪائي، ور جي هي ويساهي.

3. ماڳ مڙهيون مئخانہ ماهر، جڳ جڳ جوڳي جوت جواهر،
ساز ڪلام آواز هي قادر، ارواحن آگاهي..

4. ڪو دم "**شائق**" ڪوٽ ۾ آهيان، آس اميد اصل نہ لاهيان،
ويڙهيچن جي واڙ ۾ آهيان، منهنجا مارو مرتضائي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (146)

**عمر ادا مارن کي منهنجو ساهه ساري،**
**آهي سڪ سانگين جي ڳُٽي تي ڳاري.**

1. ڏوٽي ڏاڏاٽا، مٺي ماماٽا،
ننگي ناناٽا، وينا اٿم وساري.

2. پيڪا پنوهارا، ويڙهيچا ويچارا،
تن ڪاڻ ڪوڪارا، ڪيو دل پڪاري.

3. سڪڙي سانگين جي تن من تپايو،
ايڏو سور "شائق" اندر هانوَ ڦاڙي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (147)

**مارو شال ملن، جنجي سڪ اٿم،**
**ملڪ ملير وو، سانگي شال ملن.**

1. ٻڪر ٻاٻاڻن جا، ڇيلا ڇانگ چرن.

2. ڏڻ ڏنارن ڇيڙيا، طرحين تنوار پين.

3. پڪا پکن سامهان، اوري شال اڏن.

4. "شائق" سڪ انهي ۾، اکيون رت رڙن.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (148)

**ساوا ٽيم ڳنڍير، اڄ ماري ٿي اڪير.**
**عمر امانت چو ذار ڪيءِ.**

1. ونڙا مينهن ملير تي، ٿڌڙي ٿر جي هير،
2. بي ڏوهي بند چو ڪيءِ، عمر ڄام امير.
3. هن ته قضا جي قيد ۾، ڪيان دانهن ڪٿي لوئي لير.
4. هن ته اکين ڪي هيڪر، ڏيکاريان ملڪ ملير.
5. "شائق" پنهنجي مارن ريءَ، روئي وهايان رت نير.

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (149)

**مون کي ياد پون ٿا پنهوار عمر، اکيون وهائن رت نار عمر.**

1. اکڙيون اداسي ابر جيان ميان، وس ڪيون وهن ٿيون ڏار عمر.

2. زيب زريون زهر ٿي پانيان، هيرا لعل هزار عمر.

3. لوئي اباڻي کين لڄايان، مارو ڏيندا تـ ميار عمر.

4. "شائق" کي مشتاق جي ڪيڙو، پريز هند پچار عمر.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (150)

**منهنجون ڏيو گڏيون گڏ ڪيڏون،**
**منهنجون ڏيو ساڳيون نه وڻنديس ويڳيون.**

1. گڏيون منهنجون آهن اڪياريون،
نه سُٽ سٽي جون آهن پٽياريون.
توٽي وڃيون لهن توٽي پيڏيون...

2. آئي اما ڪنان پنڙو چرايم،
سياڻي سگهڙ ڪان پاڻ نهايم،
اهي چو لڪايو تا اسيڏيون...

3. گڏيون منهنجون شوق شتابي،
رنگ گڏين جو گل گلابي،
ڏيو ساڳيون چاڪنديس هئي جون...

4. گڏيون منهنجون عين البيليون،
جن لاءِ سکن ٿيون سٽ سهيليون.
تن ڪي جنم ڏينديس جيڏيون...

5. "شائق" دلڙي گڏين سان ڦاتي،
صدقي گڏين تان آهي حياتي،
اهي منهنجون ناهن تڏهن ڪنهنجون...

# ڪـــلام (151)

**پڙين مڙد مزارين حيدر، پاڪين نبي برادر،**
**مطلوب مرتضائين صاحب دلاني سرور.**

1. ڪعبي نيا ما تولد، روشن ڪزئي بدولت،
ڪل حور بيزگان مولد، آخته غريب پرور.

2. جسئي گوان کي عربي چاما، علي آخته سر ميدانا،
ذڙت جنگ جوهر جوانا، فتح ڪزئي خيبر.

3. آخته علي سونهارا، قڙقوٽ ڪڦت ڪفارا،
مسلمان ڪزئي ڪلارا، گيشتر ڪي است مستر.

4. علي عاشقان امامِ، رندان شاه مردانِ،
علي پير مئين جوانِ، ڪل انبيانِ افسر.

5. هر دم علي جڦاني، لڄ گو آل مئين لڄاني،
لڪ پال لاڦاني، گشن ڦي پيغمبر.

6. "شائق" غلام نيهين، اشتو سواءِ نه ڦئين،
درمان دست ڦئين اي، ديدار دئي ته دلبر.



Gul Hayat Institute

# ڪلام (152)

**سهوا منان يادين خدا، يا پير پيران بادشاهه.**

1. گندين گداران ڪور ڪنه، مڙدان ڪچهري مور ڪنه،
وسي ذوق ذري زور ڪنه، يا پير پيران بادشاهه..

2. بلوچي مني برحال ڪنه، عرض مني خود خيال ڪنه،
وسي ننگ ناموز نهال ڪنه، يا پير پيران بادشاهه ..

3. راستين هوران حقان ڪنه، بلان گوتشغ ميدان ڪنه،
هر جا گهي بلوچي فرمان ڪنه، يا پير پيران بادشاهه..

4. غورين غريبان ياد ڪنه داخل مني فرياد ڪنه
ويران مني آباد ڪنه، يا پير پيران بادشاهه ...

5. عاشق عليلين مست ڪنه، اظهار مني الست ڪنه،
ڪل ڪارمني ته دست ڪنه، يا پير پيران بادشاهه..

6. هر راز روشن رنگ ڪنه، لائق لڄاني ننگ ڪنه،
دل ساهه دوئين اڙبنگ ڪنه، يا پير پيران بادشاهه...

Gul Hayat Institute

7. مڙدان مجاهدان اظهار ڪن، وٺي نورين نظر نروار ڪن،
دلبر دليئي مني ڪار ڪن، يا پير پيران بادشاه...

8. عرض مني قبول ڪن، روغي مني وصول ڪن،
دلبر دعائي مقبول ڪن، يا پير پيران بادشاه...

9. نام ڪي محيِ الدين مني، ڪل ڪاراني آمين مني،
تصديق دل يقين مني، يا پير پيران بادشاه..

10. دلبر دلي ڪوشش ڪن، هر سئين وليهان شيش ڪن،
ڪوه ننگر بخشيش ڪن، يا پير پيران بادشاه..

11. همدم همايت حيدرين، ساٿي سنگت سئي سرورين،
جوهر جنگاني اڪبرين، يا پير پيران بادشاه..

12. منان دروازه ڪرسي داٿغان، نور نبي نواسگان،
شبڪا ٿغان شهزاد گان، يا پير پيران بادشاه..

13. عاشقانين اي اپيلِ منظور بيٺ في سبيلِ،
پيرِ مغان جلوه جميلِ، يا پير پيران بادشاه..

14. وحدانيت وادي ڪسئي، هر حال مني هادي ڪسئي،
عرش برين گادي ڪسئي، يا پير پيران بادشاه..



Gul Hayat Institute

.15 اولين پيغمبران احمّدين، مرسلين مني محمّدين،
حمّد مني الحمدغين، يا پير پيران بادشاه..

.16 الله شاه مردان مني، مظهر محمّدي مان مني،
قرکنه کلمه دين ايمان مني، يا پير پيران بادشاه..

.17 فتح منان داس علي "شائق" شهيداني وليؒ،
کل کار مني قادر کلي، يا پير پيران بادشاه..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (153)

**بيڪيا ڏي تہ سڄڻ وڃون،**
**نہ تہ رات يارن جي اتي.**

1. گر تو در گدائي آهيون، نانگا نينهن ندائي آهيون
سالم سير صدائي آهيون، وجهہُ الله ويساهي آهيون،
پي پر ڪنهن پنون..

2. سين هنيو سي ناهي ناهي، نينهن نفي جو ناد وڄائي،
بڻجي جوڳي الک جا ڳائي، لنگ پاپوتي ملنگي لائي،
ڏيو سير حسن جو گهنون...

3. عين اليل عوشاقي آهيون، سالڪ مست ميثاقي آهيون،
خاص خيال خوراڪي آهيون، مظهر نور ملاقي آهيون،
پيرو ڪيئن پتار پڄون

4. ڪيا ديد شهيد ديوانہ هون، منجهہ شعاع شمع پروانہ هون،
ڏسي مچ تيا مستانہ هون، اڻ موٽ اصل آشيانہ هون،
لوڏيون لاحد جون لنگدار لنگيون .

Gul Hayat Institute

5. "شائق" شوق شتابي هون، نہ آبي هون نہ اثباتي هون،
اسان لاشڪ لاجوابي هون، وچ طلب تشنگ بي تابي هون،
ملي دان داتا ڪن عيد اجيون...

Gul Hayat Institute

## ڪلام (154)

**دم دم ياد اچي، يار اوهان جي ياري،**
**وسري نٿي ورهين توٽي،گهڙي جا گذاري.**

1. پل پل پور پون، سو سو سور اچن،
سڪ جا بار سهن، مرض وڇوڙي ماري.

2. دانهون ڪري ٿي دردي دل، هاءِ هاءِ جدائي هنيل،
روز سڪي ٿي سائل ، وره ڪئي ويچاري.

3. سٽي سڳا ٿي سوريان، ڏينهن ڏکن جا ڏوريان،
مال مڏيون گهر گهوريان، سر صدقي سو واري.

4. مان لڇان لون لون اندر، يوڳ يائن بي خبر،
قرب وارن ڪي قدر، سور وندن سڌ ساري.

5. دلڙي ڪري دانهون، يار اوهان ڪان آهون،
روز نهاري راهون، چشم ڪٽي ٿي چاري.

6. سرءُ لڳيون سرواهيون، واه مندان موٽي آيون،
آءُ تہ دليون پرچايون، گهوٽ نہ گهرجي گهاري.

Gul Hayat Institute

7. بار بديون بدناميون، نينهن سنديون نيشانيونءَ،
پايم ڳل ۾ ڳانيون، لوڪ ملامت خواري.

8. جو دم جاني پري، دل ڳٽتين ۾ ڳري،
ساعت ڪان سري. توريءَ قيامت ڪاري.

9. "شائق" يار جي مجلس، زوري وجي ٿي دلڙي ڪس،
هاءِ هاءِ ٿي هان بيوس، پل پل دلڙي پڪاري.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (155)

**آهيان يار پنهنجي ڪان ماندي، روئي روز پچايان پانڌي.**

1. **سڙي پئي هيس سيج پلنگ تي، ڏيئي غم جي ٻانهن سيراندي.**

2. **اٿيئي پهر اداسڙ آهيان، وار ناهيان هڪ واندي.**

3. **"شائق" شال نصيب جو ٿيندي، پنهل جي پيراندي.**

Gul Hayat Institute

## ڪلام (156)

**پَڪي عشق پيم، سارو هوش ويم،**
**منهنجو ناز پِري سان، نئون نينهن لڳم.**

1. اهو عشق چوان آڙاه چوان، اهو سر متي سرواهه چوان،
بيشڪ بره جي باهه چوان، اها هو هو حق جي هام پيم.

2. وجهي دام ڪرين ٿو غلام مٺا، موهي مست ڪرين ٿو مدام مٺا،
هر جاء نينهن ڪري ٿو نشان مٺا، وهي قرب وارو ڪان ويم.

3. سر تي تاج سلطاني پهرائي ٿو، قُمْ بِاِذْنِيْ قول الائي ٿو،
بيشڪ بحر عميق گهمائي ٿو، ڪري ٿو خوف رجا جا خطرا ختم.

4. آيو مرد ميدان ۾ ڪاهه ڪري، ڪنڌ ڪچي سر ڌار ڪري،
اهو ڪسڻ بنا ٿو ڪين ٺري، انا الحق اندر تلهار ٿيم.

Gul Hayat Institute

5. آيو مرد مجازي مور مٺا، پچي پاندو ڪيائين پور مٺا،
سر "**شائق**" ٿيو زورون روز مٺا، اچي عشق آفات اوطاق اڏيم.

# ڪلام (157)

**آهو نين صنم جا سهڻا، عينن جون ته امازيون،**
**وجن سور سازيون.**

1. ڪجليون ڪيس ڪرن ٽيون جائي، تو ڏاڙي خاطر ڏاريون.
آهن قرب ڪٽاريون ڪٽاريون

2. زخم ريش هميش اندر جو، رڳ رڳ ڪن ٽيون راڙيون.
لڳيون قهر ڪهاڙيون ڪهاڙيون.

3. نوان نوان ناز يار پرين جا، تنهنجي ماٽن مفت ماريون
ڪئي ته ويچاريون ويچاريون.

4. چٽا تير ترڪش وارا، لڳيون "شائق" ديد دوناليون
آهن جيئن ريفل لاريون لاريون.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (158)

**اڇي عشق شهنشاهه، ميڙي مست مونکي ڪيو،**
**تنهنجي گندم جي گناهه، ميڙي مست مونکي ڪيو.**

1. تنهنجي ديد ڪيو خريد، تنهنجي شوق ڪيو شهيد،
ڏسي ورهه ڪيو واهه، ميڙي مست مونکي ڪيو.

2. ورهه وار جي تلوار، هٿ حيدر جي هٿيار،
ڪڍي سيف هي سرواهه، ميڙي مست مونکي ڪيو.

3. نه حور نه قصور، تنهنجي نور ڪيو ظهور،
چوندي چاهه ڪري ڪاهه، ميڙي مست مونکي ڪيو

4. نظر نينهن واري شينهن، شوق شڪار آ "**شائق**"،
جاتي سڌ نه صلاح، ميڙي مست مونکي ڪيو.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (159)

**مـرد ٿـي ميدان ۾، مـنصور جيان تون وڃ مري،**
**جي ڪچا ڪامل ٿئين، گهاين سندي وڃ گهر گهري.**

1. سـر رکـي سـنـداڻ تـي، وحـدت جي ته وڏاڻ تـي،
محبت سندي ميدان تي، قدمين وجي تون پئه ڪري....

2. نـصـرمن الله چئي چڙهيا، وڃي گهير ۾ غازي گهڙيا،
لاهـوت جـي لاتـگهي لنگهيا، جنگ ڪئي تن اڪبري....

3. دهـشـتي دريـاه تـي، وحـدت وارو ويـسـاه تي،
تـن پـيـل الله تـي، کـولـي ڏسـج دل جي دري....

4. مـئي ڪـي پـي مـستان ٿـي، نـيزي متي نشان ٿي،
"شـائـق" شـهـنـشـاه ٿـي، سـبحان ساري ٿي سري.....

Gul Hayat Institute

# ڪلام (160)

**مارو ڪيئن ويهان مان وساري، جن جي اور آهي تہ اندر ۾.**

1. ملڪ مارن جو آ ماڳ پٽن، جتي ڦوڳ ڦٽا تي تر ۾.

2. ساهڙ خاطر سهڻي ديواني، جيڪا لڙهندي اچي ٿي لهر ۾.

3. پنهل خاطر سسئي ديواني، جيڪا روهہ رلي ٿي ڏونگر ۾.

4. ليلا خاطر مجنون ديوانو، جنهن پاڻ سڪايو آ بر ۾.

5. سڀ ڏنڊا "شائق" ڪان ويڙا، هاڻي ديدان مرشد جي در ۾.



Gul Hayat Institute

## ڪلام ع ١٦١

آهن جيڪي عشق ڪان ابتر،
ڪُٺا ڪيئن ڏبا آڳيان دلبر.

1. ڄاڻ نه آهين ابتڙو اولو، اندڙن آڏو وڏو رولو،
پڇن ڪي مرد هي پولو، ڏسڻ هر جاءِ هڪو حاضر.

2. آهن خار زخمن بر ڏڦر، ڪِتا هر قوم ۾ ڪيهر،
باڪفن پو لڪن ڪهڙي ٽڪرٽڪر، لڳن ڪينو لعنتي لمبر.

3. معنڪر جناب جبرائيل جا، آهن پيٽ حيض حرامي جا،
ثمر بن شرڪ شيطاني جا، بي غيرت بغداد جا منڪر.

4. آهن بي نصيب بدرو جهنگ جا، پٿيا پليد رج رنگ جا،
ڪُتا ڪافر سوئر سنگ جا، ڏسڻ ڪيئن ڪور شمس و قمر.

5. نه ڄاڻ شان پنجتن جو، نه ٿيڻ حياءُ حسن جو،
عليءَ جي آل احسن جو، ڪمينن کي ڪهڙو قدر.

6. نه ٻڌ "شائق" منحوسن جي،
سچي ٻڌ ڳالهه مومن جي،
جناب آ پشت پنجتن جي،
عليءَ جي آل آ انور.

Gul Hayat Institute

# سرائڪي ڪلام

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (1)

**سئي نبي سڪدي وتن، محمّدي مظهر ڪيتي،**
**سپ صلواتان پڙهندي وتن، اطهري انور ڪيتي.**

1. شجر بحر پڙهدي پئا، ذڪر ڪريندي هن ظاهري،
صلي الله آڪن ثنا، سروري سرور ڪيتي...

2. تخت سرو پاءِ تاج شاهي، چڻ لولاڪ لما،
دائمي دستار ميمي، پروري پرور ڪيتي..

3. سير سبحان الّذي، معراج مدني جي ڪري،
آپي درودي ٿيا معبودي، دلبري دلبر ڪيتي...

4. ملڪ فلڪ حور و پري، خاص خدمت ۾ رهن،
نوري ناري بردي بشر، ڏيون نوڪري نادر ڪيتي...

5. ڪل انبياءِ آڪن خدا ڪون، امتي ڪر محمّدي،
در شفيعُ المذنبين، گداگري گوهر ڪيتي.

6. خليل الله ڪليم الله، عبرت ۾ عيسيٰ روح الله،
ڏيک ڏردي ڪربلا، جنگ اڪبري اڪبر ڪيتي..



Gul Hayat Institute

7. خود خدا خير البشر، آيا علي ڪعبي اندر،
خاتون اطهر دا شوهر، رهبري رهبر ڪيتي...

8. هسوار نبوت دي بٽي، حسن حسين ڏونهين ڇٽي،
تيتر نبي ڪنڌ تہ ڪٽي، سجدي سري صابر ڪيتي...

9. اعليٰ شان "شائق" شبير دا، طاهر طيّب تطهير دا،
در ڇوڙ نہ پنجتن پير دا، بڻ حيدري حيدر ڪيتي...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (2)

**شاهِ مردان شيرِ يزدان، وارث وير پيغمبر دا،**
**فتح ڪيتس، ڳڙهه خيبر دا.**

1. ناد نبي توحيد تنواريا، غازي غضنفر هڪدم آيا،
ويک سليمان شڪر گذاريا، عجب امداد انور دا.

2. فَوق اَيْدِيْ يَدَ الله ياور، دست خدا دستگير دلاور،
احد بدر وچ قوي قادر، سالم سير اتمبر دا.

3. من ڪنت مَولا اسم علي دا، جلوه جرار ڪرار جلي دا،
اولين امام قدير ڪلي دا، شاه بابل شير شبر دا.

4. علي نبي وچ فرق نہ ڪوئي، صورت ايک ڏونهان دي هوئي،
دونين هماري ديد هڪوئي، داماد هڪو هڪ دلبر دا.

5. شائق پيرِ مغان پرچهايا، حيدر هادي دست ملايا،
لعل لبان ڪون مئين لالي لايا، پي ڪر جام هي ڪوثر دا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (3)

**پڙهه ورد سدا مومن، حيدر حقاني دا،**
**ست سيئي ٽڳڙا، نعمان شيطاني دا.**

1. جوئي ڪوفي دا ڪامي هي، سوئي حيضي حرامي هي،
مردار ملامي هي، ڪاذبين زباني هي، جنهندا نام نعماني هي،
اهو باب بي ايماني دا.

2. ميڏا پير شبيرشبرهي، جنهندا بابا حق حيدر هي،
جو محمّدي مظهر هي،اهو جوان جعفر هي، جنهندي سر چادر هي،
اهو نقش نوراني دا..

3. جو اصلوئن اصلي هي، ميڏا امام علي هي،
جو ماهر علم ڪلي هي،جلوه نور جمال جلي هي،تهدل تسلي هي،
يسرب روح رباني دا..

4. جو طاهر طيّب هي، سبحان ته سيّد هي،
جنهندي عرش تي بيْعت هي،اقرار احديّت هي، هادي مهدي هي،
او مالڪ دو مڪاني دا.

Gul Hayat Institute

محيطي مالڪ هي، رزينا رازق هي،
سگ در "شائق" هي، صفدر خالق هي، لڪ لڪ لائق هي،
ڪريل دي ڪماني دا..

Gul Hayat Institute

## ڪلام (4)

**سرمست شهنشاه شاه مردان مولا، يزدان رندان سلطان مولا.**

1. ارض و سماءَ گل روشن رنگينه، دستار ديني عادل آئينه،
رندي راز روشن رازق رزينه، سخي آن زِ اموال ديوي دان مولا.

2. ڪلي ڪار مختيار اسدالله علي هي، جرار ڪرار جلوه جلي هي،
مدد مصطفيٰ ڪا وارث ولي هي، امداد ارشاد احسان مولا.

3. طاهر طيّب غازي غضنفر، من ڪُنتُ مّولا فهٰذا هي حيدر،
تطهير پوشي سرتاج سرور، فِي الدارين فيها فرمان مولا.

4. دما دم الستي هويا يار ياور، اولين درويشين مرسلين مظهر،
اِنا اعطينلڪ ال ساقي ڪوثر، مخفي گنج روحي رحمن مولا.

5. معراج مقبول مقصود هويا، پرين پيشوا حق موجود هويا،
محبوب منظور معبود هويا، نبوي نشابرنيشان مولا.

6. همدم حمايت مشڪل ڪشا هي، مهربان مولا "شائق" صدا هي،
ظاهر ذوق ذاتي داتا دي ديا هي،رهون مست مدهوش مئخان مولا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (5)

**مئين هون گداگر در حيدر دي، حيدر نہ ديوي قر ڪون دي گا.**

1. در سخي دي سوالي آوي، حيدر نہ اس کو خالي ولاوي،
سڏ کي ٻلهاوي شهد پلاوي، پرور نہ ديوي قر ڪون دي گا.

2. حاتم دارا حيران بن گئي، روئي دا سائل سلطان بن گئي،
جو سگ علي کا انسان بن گئي، صفدر نہ ديوي قر ڪون دي گا.

4. نبي بلاوي حيدر آوي، لحظا هڪڙا دير نہ لاوي،
اولا ين اذان سناوي، نادر نہ ديوي قر ڪون دي گا.

5. اِنَاّ اعطينٰڪ ال هي ڪوثر، آب حيات کا ساقي صفدر،
درد وندون کو دان دلاور، دلبر نہ ديوي قر ڪون دي گا.

6. "شائق" سگ دربان سپاهي، خادم خاص غلام گدائي،
ظاهر باطن ذوق الاهي، انور نہ ديوي قر ڪون دي گا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (6)

**هاءِ هاءِ حسيني هجر سينا ساڙ سٺيا،**
**قضيہ ڪربل من ڪون مار سٺيا.**

1. پاڪ نبي دا ڇايا، هٿ شمر دي آيا، مجيس رب دا رايا،
سر سردار سٺيا.

2. زهريٰ دا دل جاني، قربوڻ تيا قرباني، سر سجدي سلطاني،
هادي هڪ وار سٺيا

3. عرش اتي ٿي ماتم، سيج نہ ماڻي قاسم، لرزي لوح و قلم،
ڏک ڏاتار سٺيا.

4. شادي ڳاني سهري، لعل لهو وچ لڙهدي، وڻ ڦڳل پئي رڙدي،
گلين گلزار سٺيا

5. ارض فلڪ چوڏهن طبق، رت پئي روئن"شائق"، جن بشر ديوملڪ،
حورين سينگار سٺيا.



Gul Hayat Institute

# ڪلام (7)

**لڳا درد حسين داجائي، ساڏي سولان ننب ڦٿائي.**

1. واه واه صداقت پايون، آيا نيزي سر نوايون،
اهو ڪوس قتل تي ڪاهيون، واه واه سچن جي سچائي..

2. آيا جوش جلال جگر دا، لڳا داغ سيني وچ سڙدا،
اهو ڪربل والي سفر دا، جنهن دي امڙ رو گهر آئي.

3. نيهي نات چڙهيا نظاري، اهي پنجتن پاڪ پياري،
چوٿي پار صغير سونهاري، جنهن ميندڙي مول نہ لائي.

4. "شائق" برده علي دي در دا، اهو خاص غلام عمر دا،
اهو طالب توڙ نظر دا، سڪ سائل ڪون تہ سدائين.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (8)

**دل ڪون درد شبير شبر دا،**
**ميڪون پير علي اصغر دا.**

1. غم سوز غنيمت پاوان، سهري درد حسيني ڳاوان،
مئين ڇوڙ ڪيي نہ جاوان، دروازا حيدر دا..

2. دل پير شبير سنياري، بهون ماتم نال گذاري،
ميڏي پنجتن پاڪ سونهاري، صاحب صفدر دا..

3. گهن ذڪر فڪر پنجتن دا، سٽ خام خيال وطن دا،
پاءِ خرقہ لير ڪفن دا، ڪر سرها سات سفر دا..

4. تي "شائق" ملنگ مداحي، در حيدر دي گدائي،
پي سرڪي صاف سوائي، اهو قطرا هي ڪوثر دا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (9)

**اسين پاڪ پنجتن دي در دي سپاهي،**
**ڪيا قرب قلندر شعلي شوق شاهي.**

1. خمر با خيالي، ڪيفي ڪلالي، جلالي جمالي، وحدت ويساهي..

2. نشي دار ننگي، تير هي تفنگي، نسنگي ڪلنگي، قديري ڪولاهي..

3. صلواتي سلامي، جسم پاڪ جامي، نامي نيشاني، بره بيپرواهي..

4. "**شائق**"سر شبيري، فدا هي فقيري، انّاالحق اميري، الم سر الاهي.

Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (10)

**صـبـح شـام هـي مـاتـم، پـاڪ امـام پـرور دا،**
**روئڻ روڄ سـاڙي سـوز، هـي افـسـوس اصـغـر دا.**

1. غـم دي بـار تـئـي اظـهـار، نيـٽين نـاز نـڪسيران،
دل دلـگـيـر سـيءَ سـيءَ چير، سـو جـهـيـر هـن جهيران،
رڳ رڳ روڄ سـيـنـي سـوڄ، دل وڄ داغ دلـبـــر دا..

2. پـلـپـل پـور سـاڙي سور، هـي مـذڪـور مـاتـامـي،
هـجـر هـمـيش دل درويش، زخـم ريـش روحـانـي،
سـوز گـداز سـر وڄ سـاز، الـم عـبـاس اڪبر دا..

3. درد جـديـد هـي مـزيـد، بـره بـهـيـر ڪـر آيـم،
گـر دا غـم عـيـن الـم، مـاتـم ڳـاني ٻڌ ڳـايـم،
سـڪ سـامـان ورد زبـان، هـمـدم نـام حـيـدر دا..

4. دڪ درجـات وڄ جـسـمـات، وسـدي ڏات پـئـي ڏڪ دي،
چـيـٽ ڪـتـي هـڪا لـتـي، مـتـي دونـهـيـن پـئـي دڪـدي،
ڪڪر ڪـوهـيـڙ وسـدي نـيـر، تـن وڄ تـيـر صـفـدر دا..

Gul Hayat Institute

5. ذوق ذنار ڳل وچ هار، پاک پيار پنجتن دا،
سگ دربان تي احسان، هادي حقان حسن دا،
"شائق" ياد هي ارشاد، واه امداد انور دا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (11)

**ميـڏا پير شبير علي انور، جلوه نور جمال جلي انور.**

1. اهو صاحب پير سخاوت دا، نور نافع نام نجات دا،
ڪونين سدا ڪرامت دا، وصي وارث واه ولي انور.

2. اولين عجب مرسلين عجب، امداد عجب آمين عجيب،
ياور يار يقين عجب، هي قادر قرب ڪلي انور.

3. مخفي روحي گنج رياض حقي، سري قلبي صورت ساز حقي،
تطهير وڏي آواز حقي، پڪ چاتم درس دلي انور.

4. سوالي ڪون در تون نہ خالي ولينداء لڄپال لڄان دي لاڄ پلينداء
شرف شفا دا شان وڌيندا، سلطان سخي ازلي انور.

5. "شائق" سگ دربان سپاهي، ذوق شوق پيا منگدا جائي،
توئن پروس مئين بي پرواهي، تصديق وڏي تسلي انور.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (12)

**وہ جلوہ جوڳي جاني دا، عاشق الانساني دا.**

1. رخ روشن رنگي راز عجب، صحي صورت نقش ساز عجب،
جڙيا نيلم داڻا ناز عجب، دم درسن ديد دوراني دا.

2. جڏان باغ بشردي گل کيتا، محلات ملنگي مُلهہ کيتا
موجود سجود هنّي کُل کيتا، وہ مان مِنّي مستاني دا.

3. تيا ناز نفي اِثبات اهو، سوغات صفاتي ذات اهو،
دم جسم لحم جسمات اهو، مخفي مظهر حق من راني دا...

4. آنّا احمّد بن انسان آيا، گهِن "شائق" محمّدي مان آيا،
سپ صورت وچ سبحان آيا، پاڪي پوش پرين پيشاني دا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (13)

**ونحن اقرب ويڙهي وسدا، لوڪان ڪل نہ ڪائي،**
**آيا محرم ماهي، سانگي سير سپاهي.**

1. لنگ ياپوتي ملنگي مظهر، بيراڳي بن آيا،
ڪاف قديري ڪنديل ڪن وچ، جانب جوڳي پايا،
در در تي ديوانہ ڦردا، نينان نوڪ رلائي...

2. دل دا دلبر پيوند پيارا پورب پار پرستي،
گيت گگن گرناري ڳاندا موج محبت مستي،
مست مهيسي ٺيا مئخاني ڪن تي قدم ڪڍائي...

3. عاشق مست خيالي آيا رانجها روز ازل دا،
ويک حسن مستانہ تي پيا هادي هير هنيل دا،
"شائق" دم دم دلبر دل دا، آپي ڏيندا آگاهي...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (14)

**ڪوڙي پاوين ڪري دا، آيا يار چري دا،**
**جيڏيان سرتيان ويڪڻ آئيان، عاشق عيب پري دا**

1. جنهن ڏينهن ڪنون نينهڙا لايم، دلڙي دردان وچ قاسايم،
دوست دلاسے ڏيوڻ آيم، تحف ذوق ذري دا.....

2. جنهن دي ڪيتي مئين مستاني، اج دن مولا ميليا جاني،
مئين قرباني سگ درباني، پاءِ خاڪ پرين دا....

3. در ديواني دي ول آيم، رانجهن رنگپور رنگڙا لايم،
ڪوجهي ڪملي ڪجلا پايم، واه سينگار سري دا.

4. "شائق" پرت پلئہ وچ پايم، دستؤن دامن انور لايم،
دلبر درسن ڪول وڪايم، دونينان دي نگري دا...

Gul Hayat Institute

## ڪلام (15)

**منهنجي ته کهول وڃان تيڏي آوڻ تون،**
**لک وار صدق ليهني پاوڻ تون.**

1. تيڏي آوڻ دا ارشاد عجب،
ڏولا ڍرکي آيا ماهي ملڪ عرب،
سڀ سائل دي ٿئي سهاڳ سبب،
اهين مس مس مير ملاوڻ تون.

2. تيڏي ناز اتي نت نازڪران،
ڪيسر پاند پنا ڏٺي ڏيل ٺران،
ڪليا پريم نگر مئين ته ڍول ڍران،
صدق سانگ اهين سرچاوڻ تون..

3. اکين عيدان کيون ديدان درس در،
ڪلي لائيٽ لبان چپي شمس قمر،
دستوڻ "انور" جي چکيم شهد شکر،
لک لائق پال اهين پاوڻ تون..

Gul Hayat Institute

4. پهري ويس عجب شملي شان پري،
جامان جوڙ جهمڪ ڪر لبيس ڪڙي،
ويڪ "شائق" پيا شڪران ڪري،
ڪل ناز ادا اهين الاوڻ تون.

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (16)

**تــخـت هــزاري دا مالــڪ سيان، اٿان ويڪن دلبر ديدار آيا.**

1. اَلاِنـسـان بـرقـعـو بشري، ڪـرمـيـم دا اولا مـخـتـيـار آيا.
2. احدون عـبـد تـي احمـد آيا، ظاهر ذات چـپاڪي انوار آيا.
3. ڪن وچ ڪنيل مڪ وچ مرلي، جوڳي تي ڪي جنسار آيا.
4. "شـائق" صـاف سـجـاتم سـيـان، اهـو ڪـامـل ڪـلـتـار آيا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (17)

**آيا رانجهن آيا منهن ماهتاب وڪايا،**
**اڳڻ اساڏي تي ول ماهي قدم مبارڪ پايا.**

1. هادي جڏان حرف پڙهايا، دل جنبش ول ساڏي پيا،
ونحن اقرب نيڙي آيا، تيڙا سفر سجايا..

2. احدون آڪي عبد سڏايس، واه واه اپڻا فيض وڏايس،
بيڪ بشر دا برقعه پايس، ظاهر ذات ڇپايا..

3. واه واه مئين سهاڳڻ تئي آن، پڪي ماهي دي ول پئي آن،
سهڻل صاف سجاتم سائيان، ڪيهي سانگي چاڪ سڏايا.

4. الحمد پڙهان شڪراني، آيا يار ڪنهن تہ بهاني،
"**شائق**" محب مليا مئخاني، روحي رمز رلايا...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (18)

**مئين ويکيا رانجهن يار الا، مالڪ تخت هزار دا.**

1. واه واه حسن دلدار دا. نور نبي نروار دا.
عاليشان انوار دا. جنهن دي ڳل وچ هار الا..

2. ڪن وچ ڪنديل پايا. مک وچ مرلي لايا.
در در بين وڄايا. جوڳي تي جنسار الا..

3. اڄ دن ويکيا مئين جاني ها. جنهن دا نور نوراني ها.
صلي الله سبحاني ها. ڪامل ڪلنگي دار الا..

4. ويکيا "**شائق**" منهن مهتاب دا. شمس قمر تکي تاب دا.
جيوين ٺهڪي گل گلاب دا. چوڌار چمن چمڪار الا..

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (19)

**چاڪ سڏا ڪي سيان رانجهن يار آيا،**
**رانجهن يار آيا تخت هزار آيا.**

بن گگن گرناري، پيوند ٿيا پوچاري،
1. ياد الستي ياري، سخن سچار آيا.

2. ويس لبيسي ليران، ذوق ذنار ضميران،
ملڪ اساڏي ميران، شوق شڪار آيا.

3. ڳل فراقي طوقان، ناز نظاري نوڪان،
ڳئي دل ڪيوين روڪان، مژڻ ميار آيا.

4. جوڙ جهنگل جاويدان، خوب روءِ خورشيدان،
ديد ملاڪي عيدان، حسن بازار آيا.

5. ناز غمازين آيا، رنگپور دا گهن رايا،
"شائق" ياڳ سوايا، اڱڻ "انوار" آيا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (20)

**راز ڳهن رانجهن آيا، چاڪ منجهيان دي ڪري،**
**ڪر سخن آيا سجن، ميثاق منجهيان دي ڪري.**

1. لنگ ياپوتي ملنگي مظهر، دوُر درويشي دلق،
مست بن محسن لايا، لڳين خاڪ منجهيان دي ڪري.

2. ميم مرلي مک لڳا کي، چين ۾ چاڪر چليا،
ڳل وچن جادو جشن، دل پاڪ منجهيان دي ڪري.

3. جنگ جليل عليل عاشق، آيا الستي يار هي،
اولا ين آيا صحن، حق پاڪ منجهيان دي ڪري.

4. شور ڪر "شائق" اوپر، شوق آيا شير بن،
ڪر بزن حملا حسن، هو هاڪ منجهيان دي ڪري.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (21)

**آمل آمل رانجها، مٺين ڏڪڙي پئي ڪوندي،**
**سولين سمهڻ وڃايا، سيج نهين پئي پوندي.**

1. مڙ مڙ ڪيڙي پيڙي، سخت ڪرن بڪيڙي،
مول نہ پانون جهيڙي، مئين صدمي پئي سهندي..

2. خلق خدا دي ساري، مل مل ڏيون خواري،
ماءُ پيءُ ويڪن ذاري، مئين ڏڪڙي پئي روئندي.

3. نت نت ديان نڪاليان، ڏيون سينگيان سياليان،
اوڙي پاڙي واليان، جوڙ بڊيان پئي ڏيندي.

4. سئي سئي مهٺي طعني، ڏيون لوڪ بيگاني،
"شائق" هي شگاني، مئين حسڙي ڪر بهندي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (22)

**هير ڍونڍيندي جهنگل ٻيلا، نال منجهيان مهيوال دنا.**
**نال ماهي دي اندي ڀهندي، ساري جهنگ سيال دنا.**

1. جڏان نال منجهين دي چڙدا هي، اوڙا پاڙا سڙدا هي،
تہ بہ مئين درون مول نہ مڙدا هي، جنهن نال وچين دي وصال ڏٺا.

2. ستّ آيا تخت هزاري نون، ڏن مايا دنيا ساري نون،
تي چاڪ چليا ڪنهن چاري نون، دل دلبي باز دلال ڏٺا

3. جهنگ چير حقيقت هير لڌا، جنهن ذوق دي نال ضمير ٻڌا،
دل عشق عجب اڪسير ڳڌا، وه جو شان جمال جلال ڏٺا.

4. واه جلوه جوڳي يار دا هي، انّا احمّد احد انوار دا هي،
اهو "**شائق**" شوق شڪار دا هي، بلا ميمي محض مثال ڏٺا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (23)

**نازين نال مهيوال وو يار، ڪيتءِ چاڪ چري ميان.**

1. ايڏا ماڻ مناسب نهين، ڪر نظر ول پال وو يار.

2. لُٽ قُر ملڪ دلين دا نيتا، ڪر ڪر طلسم تال وو يار.

3. پون اڪيران آون پيڙان، لاٿم درد ڏمال وو يار.

4. گهندبِ هي ڪول سدا ڪل ٻولين، نت نت ٿيوان نهال وو يار.

5. مئين تتي دي ڪر ول ڪائي، ظالم سڻ نہ زوال وو يار.

6. سنگ نہ ٿوڙين لڄ نہ لوڙهين، ننگ پالين ننگ پال وو يار.

7. مرڪ محبوب الاءِ هڪ واري، ڏي خوشي غم ٽال وو يار.

8. پسڻ دا ول "شائق" سائين، شل نہ پوي ڪو ڪال وو يار.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (24)

**پلا رانجها تيڏي ڪيتي دليان نون چاڪ چا ڪيتا،**
**گهت دام ڪر غلام، من مشتاق چا ڪيتا.**

1. سانول هس دليان دس، باندي بيوس چا ڪيتا،
ڏکان سولان عذابان دي، اندر اوطاق چا ڪيتا.

2. تيڏي تصوير ڪيتا دلگير، پيني مئين نير وهاوان،
پلا جهٽ پٽ دليان لٽ ماهي مذاق چا ڪيتا.

3. "شائق" جوڳي مئين روڳي، مروڳي مئين متي مردي،
اولي عذاب بره دي باب، وره دي واڪ چا ڪيتا



Gul Hayat Institute

# ڪلام (25)

**شاه رانجها رمز رلا ڳيا، هسدي دلڙي چا ڳيا.**

1. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙيان دا وت ڪيا ڳيا..

2. نال رانجهن دي لڏڙيم لائوان، اهو امر الاهي آ ڳيا..

3. دم دم دي وچ دلبر ماهي، نسدي ناز وڪا ڳيا..

4. انحد بين بجا ڪر سائيان، موهن مست بنا ڳيا..

5. ڪول نقاب نهايت والا، دلبر ديد وڪا ڳيا..

6. مئين قربان ٿيوان تنهن ٻيلي، جتان ماهي منجهيان چرا ڳيا..

7. وچ پنگوڙي دي پئي تڙپاوان، جانب جسم جلا ڳيا..

8. درد چو چڪ دي چاڪ تي آيا، ڪنواري قول سڪا ڳيا..

9. مردي جيئندي مس مس مليا، چينچل چوٽ چڪا ڳيا..

10. دل تي داغ محبت والا، ماهي مهر لڳا ڳيا..

11. "شائق" عشق امانت آيا، لڪ لڪ ٿوري لا ڳيا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (26)

**ڏنم مک محراب، واه واه صورت صنم دي.**

1. مرڪڻ مند محبوب دا جائي، گوهر هي گرداب.

2. دهن شڪر شيرين شاهي، مسي ۽ مرجاب.

3. ڏنغ ظالم زلف پئي کُهندي، ناز پري دي نواب.

4. ابرو بر مئي منور، رخ روشن ماهتاب.

5. سرو قد اندام صنوبر، الف ايراني ارباب.

6. لوڪان وچ پيا سانول سُهندا، جيوين ٺهڪي گل گلاب.

7. وال سجڻ دي بشيهر ڪالي، لڙدي لاحجاب.

8. شمس، قمر، تاري ڪتيان، ڀهون ڇپايا تاب.

9. دوئي ڀيائي غير وڃاوي، ساڙي سڀ اسباب.

10. "شائق" دي دل لٽڻ ڪيتي، پاتءِ ناز نقاب.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (27)

**وچ وحدت دي ماهي يار ڏنم، جنهن سر چيرا چمڪدار ڏنم.**

1. حضرت عشق بنا سڀ حيوان ڏنم، لڪين ملا قاضي مسئلي دان ڏنم،
توڙي عقل داناء عرفان ڏنم، سڀ بره بنا بيڪار ڏنم.

2. واه واه عشق ماهي دا آڙاهه ڏنم، ويڙهي ويڙهي وچ وجهُ الله ڏنم.
قائم ڪچي ڏٿي دي درگاه ڏنم، قادر قلندر شاهه قربدار ڏنم.

3. وچ وسطي دي عشق عيان ڏنم، سارا محبت دا ميدان ڏنم،
هڪ جوان دي هٿ وچ جام ڏنم، ساقي صاحبڏنه سردار ڏنم.

4. واه واه عشق ماهي دا اڙبنگ ڏنم، جيوين شعاع شمع تي پتنگ ڏنم.
هڪ جهان پور دي وچ مرد ملنگ ڏنم، اعليٰ اسم جنهن دا "انوار" ڏنم

5. سچ ڪربل دا ميدان ڏنم، بازار بره دي بيابان ڏنم،
سخي حسن حسين جوان ڏنم، داتا دلدل تي هسوار ڏنم.

6. جانب جنت پاڪ دي جهولي ڏنم، جنهن دي باجهاري ہولي ڏنم،
ساري پنجتن پاڪ دي ٽولي ڏنم، واه واه عين علي اظهار ڏنم.

7. واه واه عرش منوّر تي شادي ڏنم، ويڙهي ويڙهي وچ آبادي ڏنم.
سر "شائق" دي امدادي ڏنم، ڏاڍا پيرِ مغان دا پيار ڏنم..



Gul Hayat Institute

# ڪلام (28)

**عجب تماشا يار دا، دم دم دي ديدار دا.**

1. مثلي ملاقات ني، بيمثلي بات ني، اصلي عشق آفات ني،
ذنازي ذات ني، ڪيڏ ڪي ڪيڏ ڪيڏار دا.

2. پرده پرين پوش دا، جمالي جوش دا، نشہ نينهن نوش دا،
مئي مدهوش دا، سر وچ ساز خمار دا.

3. اڏي والي آه تي، ڪسڻ والي ڪاه تي، آسرا الله تي،
مرشد شهنشاه تي، ڏو پڙ ۾ ڏڪار دا.

4. الستي انجام تي، قالو دي ڪلام تي، مهيسي ميدان تي،
نيزي سر نشان تي، سلطاني سينگار دا.

5. اثر عشق اوٽ ني، ماريا ڏنگ ڏوٽ ني، چلايس چوٽ ني،
عاشق اڻ موٽ ني، تهدلي تڪرار دا.

6. نچدي آون ناز تي، شولان والي ساز تي، پرواني پرواز تي،
اناالحق آواز تي، ڪوڏيا ڪسڻ دي ڪار دا.

7. "شائق" شوق شراب دا، نشا نينهن نواب دا، بره والي باب دا،
بيرنگ باغ بيداب دا، نرمل نور نظار دا..



Gul Hayat Institute

# ڪـــلام (29)

**سٽ ڪر ڪيڙيان والي چال، چل ڀؤ جاني جوڳي دي نال.**

1. نـــال جـوڳـي دي ڪـريـن گدائي، ناد نـفيلان مرلي چائي،
وت ڪـــريـندي ماهـي ماهـي، آپـي ڪڙسيئي عشق دلال...

2. نال جــوڳي دي رک تون ياري، گـر ڪا چيلا بـن گِـرنـاري،
دم دم دي تـــون رک هوشياري، گهن ڪر سپڙا ٿي سرحال...

3. تسبيحان ٽوڙ جٽيان ڳل پاوين، محض مسجد مور نہ جاوين،
صحي ڪر سجدا دل وچ پـاوين، قادر قلزم ڪفر ڪمال...

4. جوڳي يوڳي ذات سجاڻين، "شائق" محضوئن غير نہ آڻين،
مـــولا مرشد هڪ ڪر ڄاڻين، وٽ نہ پاوين هڪڙا وال...

Gul Hayat Institute

# ڪـــــلام (30)

:

**مٺين تہ يار دي ڪيتي سينگار سٺيا، سارا مال مڏي گهر ٻار سٺيا.**

1. اوڪا عشق ماهي دا آيا هي، ڏاڍا سولان سخت ستايا هي،
ميڏي دل وچ درد سمايا هي، ميڪون مار ماهي دي آزار سٺيا.

2. تيڏي ناز غمار فيراق قٺي . سڪ سيج سمهڻ دي ڳئي مهل مٺي،
ساري دل ميڏي دلدار لٺي، ڪر قيد زلف دي تار سٺيا.

3. جاڪون ڪر ڳيا يار جدائي هي، ڏي ڳيا عين عذاب الاهي هي،
ايوين ڪاتب قلم چلائي هي، ڪر قهر قلم دي ڪار سٺيا...

4. ڏاڍي عشق دي چال اٽانگي هي، اها محبت چيز مهانگي هي،
ڪيتي "شائق" جندڙي سهانگي هي،سانون رول وره دي واپار سٺيا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (31)

**هي دل ماندي پئي مردي، تيڏي ڪانڻ وو يار.**

1. جاني جدائي ڪر نہ جائي، ماريا جدائي دي ڪان وو يار...
2. سور اويڙا آيم نيڙي، تيڏي سولان پڌا سامان وو يار..
3. راتيان ڏينهان سڪ" **شائق**"ڪون، تيڏي حيرت ڪيتا حيران وو يار.

Gul Hayat Institute

## ڪلام (32)

**پتا نهين لڳدا، دلبر تيڏي دل دا،**
**ڪران دانهان سو الاهان، رازنهين ملدا.**

1. جيءَ جهوري آتش زوري، لنو لوري لاتي،
دل ماندي بيوس باندي، لڪ پاندي جهاتي،
ڳئي مڪدي سهري سڪ دي، ڏڪ چپيا چاتي،
روندي مئين رڙدي، الٽا عالم ڪلدا...

2. ڏک ڏولي سچ جهولي، رڻ رولي رڄ دي،
بربار تتي واري، سي سي واري ڊڄدي،
مئين اڪيلي الله ٻيلي، لڪ ويري وڄدي،
سي سي دوکي دڳ تي، سڙيا ساه نہ پلدا..

3. غم ڏوڙي جوڙ جوڙي، ڏکي ڏوڙي ڪاندي،
بر ٿر باخبر، مر مردي ماندي،
ياد ياري بيقراري، وار نهين واندي،
راه ٻالان پئي پڪاران، نہ ڪو واهي ولدا..



Gul Hayat Institute

4. دل ساري پئي سنياري، نت ناز نرمل،
لڳي لاري يار پياري، پئي پناري پل پل،
دم دوشي غم نوشي، چشم پوشي چل چل،
"شائق" ايوين ڪري ڪيوين، جيوين تيوين جلدا..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (33)

**اللّٰه ميلي چا سائيان، ڏاڍي ماندي مئين ٿئي هان،**
**يار دا ديدار هڻ، سنڀالدي پئي هان.**

1. ماڻ حسن مهيوال دي ماريا. هڏ چم ٽڏڙين ساهين ساڙيا.
رڳ رڳ دي وچ پئي ڳيا راڙا. نيڻ مليندي رهبي هان..

2. سيج ستي ڪون پون مونجهالي، سڙڳئي غنچي خوشيان والي،
عشق بنا بيا ڪون اٽالي، مر مر جيءِ ول مئي هان.

3. يار ڪيتي مئين قردي هان. سر نذرانہ ڌردي هان،
نہ جيندي هان نہ مردي هان. درياه غمان وچ پئي هان.

4. دلڙي "شائق" دي ڪرلاوي. نت نت بيٺي ڪانگ اڏاوي.
يار ڪيتي پئي فالان پاوي، هول هجر دي هنئي هان..

Gul Hayat Institute

# ڪــــلام (34)

**ساڏي دلڙي جهوڪ غمان دي، پئي دم دم دڪڙي ڪ۔ دي،**

1. ڪيتا بره تـ!يڏي بيماري، ساڏي رڳ رڳ عشق آزاري،
مئيــن رو رو عـمـر گـذاري، مئين محبت ڪيتي ماندي..

2. تيـڏي عشق لڳت چا لاتم، هـڪ وقت خوشي نہ پاتم،
سيـج پـار سـولان سـجـاتـم، اها غم دي ٻانهن سراندي،

3. مـئيــن رو رو راهہ نـهـاران، ٻيـنـي وار مـلـڻ دي واران،
هـنـجـون ڳوڙهي "شائق" هاران، رت رو رو هنڙي ڏوندي،

Gul Hayat Institute

# ڪلام (35)

**رانول رچڙي نہ رول، نال معذوران ڪيهي ول ماٺي.**

1. نڪڙي رڙدي ڪونج ولر دي، توئن بن ساجن ساه نہ سردي،
آ وس ساڏي ڪول، نت نت روندي نيڻ نماٺي،

2. دردون دانهين نڪلن آهين، رانجهن رو رو مر ويسائين،
ڪل مل ڀهڳڻ ڀول، آمل جانب جواني ماٺي.

3. بي زر بردي تيڏي دردي، ادلي گدلي توئن دلبر دي،
ڳجهڙيان ڳنديڙيان نہ قول، چارئي پلو ميڏي چڪڻ هاٺي.

4. لنجي لائي تيڏي هان لج وي، ڪامل مرشد ڪملي نون ڪج وي،
"**شائق**" نون ڏڪ ڏول، ڪمڙي ني ساڏي ڪچڙي ڪاٺي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (36)

**مل يار ماهي مٺين ماندي هان، مٺين نوڪر تيڏي نانءَ دي هان.**

1. تيڏي هجر فراق دلق پهرايا، عشق آڙاه النبا لايا،
رڳ رڳ دي وچ سوز سمايا، هڪ ويلو وار نہ واندي هان.

2. جاني جدائي دا جيوڻ گهولان، توئن ٻاجهون موت نون ڳولان،
آوس نيڙي ڪامل ڪولان، مئين خادم خاڪ پيران دي هان.

3. داغ سياه جدائي والي، جيري، هانءُ، قلقڙ تي چالي،
تن من ٽڪڙي ناز نرالي، ڏک دي ڏينهن نپاندي هان

4. "شائق" نال جدا نہ جالين، مهر نظر ڪر موهن پالين،
جيوين تيوين پرت نون پالين، لک پال تساڏي پاندي هان.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (37)

**سڪ سوز سازڙيا، ڏک پيش پئي هان،**
**مل يار ماهي، ڏاڍي ماندي ٿئي هان.**

1. سوا يار تيڏي ٻن پيا جياپا، پلي موت ماري لهي ڏک ڏوراپا.
سڙي دا سياپا، تيڏي نال سائيان..

2. غم نوش دل نون سيالي اونهالي، آون اليلان من پيا مونجهالي،
پون پوه پالي، سڪ نہ ستي هان..

3. لايا داغ محبت دل تي دوبارا، جلايا جدائي جگر جيءِ سارا،
ڪر نہ ڪنارا، هل تيڏي هلي هان..

4. تيڏي عشق وجايا عقل هوش ڏونهين،چڪن چاڪ فراق دڪن درد دونهين
ٿئي سور سونهين، بيمار پئي هان..

5. پون پور "شائق" الٿيان اڪيران، بره باه ٻاري ٻي حد بي نظيران،
ڦري دل فقيران، مرجيءِ مئين مئي هان.



Gul Hayat Institute

# ڪلام (38)

## يعقوب زليخا ماندي، تقدير مصر وڃ آندي.

1. لهر بحر وڃ سسئي ويکيا، پئي گيت پنهل دي ڳاندي.

2. اس جڳ اس جڳ سهڻي ويکيا، ساهڙ پئي سڏڪاندي.

3. حاضر ناظر هير تي رانجهو، لڳين لاون خاڪ منجهيان دي.

4. قلب قيس کيتا ول ليليٰ، سر سگ نون بوسي پاندي.

5. سوڍل ڪاڻ مومل مستاني، غم دي ٻانهن سيراندي.

6. سيفل وڃ احرام سمايا، گهن ارم ارادي آندي.

7. وه فرهاد ڏونگر نون ڏاريا، دل شيرين شوق شهاندي.

8. موسيٰ تاب تجلي ويکيا، جل طور جبل جل جاندي.

9. مست محمود ايازي عاشق، اهو پيد بره دي ياندي.

10. هلدي چلدي عاشق جلدي، سوون سيج غمان دي.

11. حضرت عشق جنهن سر آيا، وار نهين او واندي.

12. آسڻ آتش وڃ ٻڏندي ترندي، لڏم "شائق" سڏ سولان دي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (39)

**هڪ مٺين نہ مُني هان ميران، سٺي سڪديان سسيان هيران.**

1. صحت رحمت راحت رڙدي، ڇتي متي بچي پئي پڙهدي،
ڪيتا درد تنهان نون دلگيران..

2. سگهڙ سيائي سهجان سياڻي، مومل ماهر درد رنجاڻي،
بره ڪيتا تہ بهيران..

3. ڪامل ڪملان پائل پردي، راڻي سماڻي دردون دردي،
وره ڪيتا تہ وزيران..

4. عزت عظمت محبت ماري، بيبل قتل برهون باري،
پاءَ گهمديان فراقي ليران..

5. قاپل بختل سئي صدوريان، متيان ڏيون نوران نظيران،
گهتيا چاڪ تنهان وت چيران..

6. مهران مانڪ ڪليان آون، زهري سپوران رمزان لاون،
نت نت وهاون نيران..

7. "شائق" نال وصل دي وائي، زينب رکي حال هڪائي،
ڪيتا فڪر فراق فقيران..



Gul Hayat Institute

# ڪلام (40)

## هڪ يار دي پچار، ڏوجهي خبر نهين سڌ سار.

1. محبت ماهي دي مست چاڪيتا، هوش عقل تنهن ول نيتا،
او ٽيوسي مست خمار، پيچ ڳيا ڪل غير انذار...

2. دام دوئي دا ٽوڙ سٽيوسي، وحدت نال هڪو هڪ ٿيوسي،
هر صورت وچ انوار، واه واه نظريا نينهن نظار...

3. "شائق" مست ٿي مئخاني، ڪر پرواز پون پرواني،
او مچ اتي مختيار، جنهن ول ڪيتا جسم وسار...

Gul Hayat Institute

## ڪلام (41)

**ليڪي جيهي يار دي هوندي، هنجون دي هار پئي پوندي.**

1. ملي درجات دڪ وادي، ملڪ الموت منادي،
هڏي هڏي عشق پئي ڪاڏي، هتون آزار وچ آوندي

2. جدائي دي بري دوڪي، ڏولاوي ڏوجهري ڏوڪي
چريان نون چاڪ تئي چوڪي، راهين تڪ روز پئي روندي.

3. اصل عوشاق غم خواني، رهي روپوش رنداني،
چشم تر آب ارماني، سڏڪي پرساه پئي چوئندي.

4. دلي ديدار از دائم، هجر هر قول باقائم،
ڏڪان دا هار مئين پايم، الٽي ڳيڙ ڳل پوندي..

5. "شائق" دل سوز وچ سمدي، پياسي دوست دي دم دي،
اجايل عشق اعظم دي، ڳاني ٻڌ ڳوٺ وچ ڳاوندي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (42)

**جوني دم دور نہ سهندي، گوڙي گڏ يار دي ٻهندي.**

1. رسن پرچن اهي پل پل. جنهان دي روح ٿئي رل مل.
تماشي عشق دي ال چل. هنجون دي هار پئي پوندي.

2. پرت دي نال هي پرنا. ڪوئالي عشق وچ ڳرٿان.
سرا سارا قبم ڪرنا. الڻ عاشق اڏي آوُندي.

3. هوون حيران هل چل وچ. پرين دي پيشوا پل وچ.
مهيسي مست منزل وچ. دلوُن دربان ٿي رهندي.

4. وهڻ وحدت والي وسدي. پلوُ چارئي چني پسدي.
ڪڪر ڪالي اجهي اس دي. دلين دي داغ پئي ڌوُندي.

5. عطا ڪيا عشق هي انور. سگِ دربان "**شائق**" پر.
اهي مرڪن موالي مر. جِتي چمُ چمُ اکيان چوئندي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (43)

**سانون ايوين ڪرنا، جيوين تون اکينداڻين،**
**منتان جو زاريان، آپني نه منينداڻين..**

1. دک درد دل تي سولان ستايا. هڪ وقت ويلا خوشي مئين نه پايا.
ڏي مونجهه ماهي ، منڙي موهينداڻين..

2. تيڏي عشق ماريا محرم مجازي.اسان سور سهسون مدا رهين راضي،
پل نه پرچايء هتون پيا روئيندائين..

3. دردان دي ماري هي دل ديواني، ڏيوين دم دلاسا دلڻ دوست جاني،
وچڙي ورهيان دي. روندي نه رهيندائين..

4. گهتيء دام دل تي محبت مهارون، ساڏي دل دکي دا دلبر تون دارون،
مرهم نه لايء، ٻهون ڦٽ ڦٽيندائين..

5. سٽ ناز سهٹا ڪل مل تون ماهي، ساڏا ساه ساڙيا جل ٻل جدائي،
سک سوز "شائق" جندڙي جلينداڻين..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (44)

**دلبر دل اپڻي دي ڪمڙي ڪريندائين،**
**ساڏي خيال ناقص ڪنون ڪيا پڇيندائين..**

1. هلدي جو چلدي پرين ڳالھ تيڏي،
جيوين تون اکيندائين اها ڳالھ ميڏي،
باقي دلين دي، ڪيھي ڳجھ ڳوليندائين.

2. دلبر دلين دا دانش مند تون هين،
هر دل ۾ دانھ دل بند تون هين،
وحي وس تيڏي، اولي تي اليندائين ..

3. رازدان مولا رهين يار راضي،
نهين هڄ هلدي اڳون تيڏي آزي،
آزي تي راضي، رهبر ٿي ڏکيندائين..

4. "شائق" نال تيڏيان ڳجهيان يار ڳالهين،
رهن راز روپوش ميثاق والين،
ويان گهول گهولي، لج پيا پلیندائين...

Gul Hayat Institute

## ڪـــــلام (45)

تيڏي اک مستاني، ميکون کيتا ديواني،
پلا جيوين جاني، لک ٿيوين جاني..

1. ابـرو قـوس کـمـان مژگان تيز طمع،
گھايو گھور گـھـٹن پـرين تـيڏيان چشمان،
نيـنـان نـوک نـشـانـي،
آهـو اک اوغـانـي..

2. تـيـڏي نـيـن ننگي گھتيه جال جنگي،
جيـوين جـنـگ فـرنگي نادر هي نسنگي،
هـاءِ هـاءِ لـڳي حـيـرانـي،
پـريـن تـيـڏي پـريـشـانـي..

3. اکـيـان مست قـدح، کـرن عـيـن ادا،
فـدا کـرن فـدا، سـهـن دم نہ جـدا،
عيـنـان عـيـن عـيـانـي،
عيـنـان کـيـتـا انـسـانـي..

Gul Hayat Institute

4. ”شــــائـــــق“ نال اصل، اکيان واٺ وصل،
مــاڻـــــڪ مـوتي املھ، لڙدي آ اڪمل،
ســــارا ســــاه جــســمــانـــي،
ڪـــران تـيـــڏي مـهـــمـانـــي..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (46)

**لِکيان دليان نہ وت رهنديان، منين نہ کهنا سمجهايا.**

1. حال هجر دي سخت ستايا. عشق النبا لايا.

2. اوڪي هند تي اکيان اڙيان. چوٽڪ چشم چلايا.

3. درد وندان نون دم دم دل وچ .سولان سبق پڙهايا.

4. "شائق" حال ڏتا ول هادي. فيض فقر وچ آيا.

Gul Hayat Institute

## ڪـــــــلام (47)

**سر ساه ڪران قرباني، آويــن اڱـڻ ساڏي جـانــي.**

1. زخـم ريش هـميش انـدر دا، سانون ساڙيا درد هجر دا،
لڳا نـيزا چوڪ نظر دا، ديـدان دام گهتـن دورانـــي.

2. تيڏي چشمان چوٽ چلايا، تيڏي گهور حسن دل گهايا،
بـــن حـاڪـم حـڪم هــلايـا، سـارا فوج لشڪر ايراني.

3. تـيڏا نـازڪ نيـنهن نـظارا، سر عـوشـاقـان دي سـارا،
چـوڏار چـمـن چـمـڪـارا، ڪليـا تـيـڏا نـور نـورانـي.

4. سڪ "شائق" ڪون سدائين، سانون ماريا محب جدائي،
آوين اڱڻ ساڏي مـاهي، جنـد جـان ڪـران مـهمـانـي.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (48)

**دلبر اساڏي ديس تي، ڪڏن ڪڏن آوندا هي،**
**ڪڏان ڪڏان آوندا هي، سني لوڪ جڳاوندا هي.**

1. ناز نخري نظاري، صورت سپ سماوندا هي،
ذري ذري ذوق زوري، قتل ڪار ڪماوندا هي.

2. سولي تي سرتاج ٿي، منصوري مطلب پاوندا هي،
هاج گهن هلاج دي، اناالحق الاوندا هي..

3. نال جنهن دي رکي ياري، لڪ لڪ لالڻ آوندا هي،
انا احمد بلا ميمي، هوڪا آپ هلاوندا هي.

4. تار تازي گهن طبل، وه جو وره وڄاوندا هي،
ڳلي ڳلي وچ يار پيارا، ڳاني بڌ ڳاوندا هي.

5. **"شائق" عشق جنهن سر آيا، سخن صاف سڻاوندا هي،**
وحدت دي درياه وڃالي، ڏي غوطي غير وڃاوندا هي..

Gul Hayat Institute

# ڪــــــلام (49)

**تيڏي چشمان دي چمڪار، ماهي يار،من ڪون مار منجهايا.**

1. نـــينان ناز شهباز اڏاون،چنبل چهنبان چست چڪاون،
حاڪـــم بـن ڪي حـڪـم هلاون، فـوج حـسـن هـسـوار..

2. اڄ سـر ســاڏي نـيـن نـظـر دي، مـارن ديـدان ڏڪ قـهـر دي،
زخـم ريـــش هـمـيش انـدردي، چـڪـدي چـاڪ هـزار..

3. رخ مـاهـتـاب صنم سينگاري، تير مشتاقان نون پيا ماري،
دلـــبـــر ڏاڙي خـــاطـــر ڏاري، خـــونـــي نـــيـــن خـــمـــار..

4. انـــتـــظــاري بـــيـــقـــراري، "شـائـق" دلـڙي دردان مـــاري،
لـــڳـــڙم ڪـــان ازل دا ڪـــاري ، ڳـــيـــڙم ســـڪ قـــرار..

Gul Hayat Institute

# ڪلام (50)

**چشم ڪيتا چڪ چور وويار، سرڪي سور هي آيا،**

**نينهن ڪيتم ناسور وويار، ديرا دردين لايا.**

.1 جهٽ پٽ جهيڙا ابرين لايا، ترڪش تير تتي نون تايا،

گهوٽ ڏتوئي گهور وويار، نازڪ نينهن نوايا.

.2 تي جلال تي عين اولاريءِ، نازين نال محبوب چا ماريءِ،

محبوب ڪيتءِ مخمور وويار، النبا عشق اٽايا.

.3 سوز فراق دي نال چا ڪيتءِ، لٽ قر ملڪ دليان دا نيتءِ،

محب ڪيتءِ معمور وويار، متيان بره پلايا.

.4 الست ازل ڪنون آيم امانت، سوز فراق سور سلامت،

مرحبا منظور وويار، چم اڪيان تي "**شائق**" چايا.

Gul Hayat Institute

# ڪلام (51)

**ڪجليان ڪرن ڪڪوران، سٺڪي سيف صدردي، نينان ناز نظر دي .**

1. ديدان ڪرن ديواني، مجنني سئي مستاني،
پيوند تئي پرواني، ويڪن باغ بشر دي..

2. نرگس ناز نوابي، شاهي شور شتابي،
ڪامل ڪوڏ ڪبابي، پيون خون جگر دي..

3. نيڻن نوڪ رلائي، چشمان چوٺ چلائي،
اکيان ڪرن لڙائي، مارن ڪان قهر دي..

4. حملا حسن هزاري، صوفي سر سرداري،
بيرنگ بره بهاري، گنگو گل ڪيسر دي..

5. **"شائق"** شوق دي شعلي، بره پڳي سڀ پولي،
عاشق اولي گهولي، سانگي دم دلبر دي...

Gul Hayat Institute

# ڪلام (52)

**قهري خون ڪرينديان اکيان،**
**جتان مارن اٿان وچ پکيان.**

1. ديدان وچ ديد ليندي، بنا ملهه خريد ڪريندي،
دست تنهان دي چڪيان.

2. جنگي حملي ڪرڪي آون، وه وه چاه چنبيان وچ چاون،
بازان وانگر بکيان.

3. جيرا هانوُ قتقز پيا قلدا، لڳا داغ سيني وچ سڙدا،
سيخ پڪي ني بُکيان.

4. ڪر نظر تڪن ول نماڻي، سينه سيف تنهان دا ماڻ،
گهور تنهان دي مکيان.

5. تيغ چل پل چال چلاون، حملا عوشاقان سر پاون،
